سَرَ لوهیژا گیا

شیخ ایاز

سَرَ لوھیڑا گیا

سَر لوهيڙا گيا

شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1993ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ستر

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڈو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	ذڪي پرنٽنگ پريس ڪراچي.
ٽائيٽل ڪيليگرافي	شاهد گل پيو
پهريون ايڊيشن	فيبروري 1993ع
قيمت	-/100 رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

SRA LOHEERA GABHYA. Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh, Pakistan. First Edition: February, 1993. Price Per Copy: Rs. 100/-
Book No. 170

انتساب

مشوڪيولر اماٽيءَ جي نالي،
جنهن مونکي جديد ادب،
سياست ۽ تاريخ سان روشناس
ڪرايو

شيخ ايياز

مَد پيئندي مُون، ساجن صحيح سڃاتو.
(يٽائي)

بَ اکر

مان **قاضي منظر حيات** جو شڪر گذار آهيان، جنهن ساندهه به سال محنت ڪري اهي هارنهن ڪتاب، ٻيا مهاڳ ۽ انٽرويو خوشخطيءَ سان نقل ڪيا، جي مون اِنهيءَ عرصي ۾ لکيا ها. هُو ان ڳالهه جو عيني شاهد آهي ته ڪيئن نظم ۽ نثر ٻڌي، مون تي برسات وانگر ايندا ها. هن اهي چارئي هارٽ اٽڪُون به اکين سان ڏٺيون، جن جي پرواهه نه ڪندي، ڊاڪٽرن جي مشوري خلاف، مان اسپتال ۾ به لکندو رهندو هوس.

ش - ا

مهاڳ

سئيڊن جو اقتصاديات جو ماهر ڊگ هئمر شولڊ ۷ اپريل ۱۹۵۳ع تي اقوام متحده جو سيڪريٽري جنرل ٿيو ۽ ۱۹۶۰ع ۾ انهيءَ حيثيت ۾ هن اقوام متحده جي فوج ڪانگو ڏانهن روانو ڪئي ڇو ته ڪجهه ڏينهن اڳ اتي سياسي گڙبڙ پيدا ٿي هئي. ۱۸ سيپٽمبر تي هو اتر روڊيشيا ۾ هوائي حادثي ۾ مري ويو. موت کان پوءِ هن کي ۱۹۶۱ع لاءِ نوبل امن انعام مليو. ۱۹۶۴ع ۾ هن جو ڪتاب 'چُٽ' (Marking) هن جي موت کان پوءِ مشهور انگريز-آمريڪي شاعر آڊن ۽ هن جي دوست ليف جوبرگ (Leif Sjoberg) سئيڊن ٻوليءَ تان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو. اهو ڪتاب هن جي موت کان پوءِ هن جي خانگي ڪاغذن مان مليو هيو. جن سان گڏ هن جو پنهنجي دوست ليف ڏانهن خط به شامل هيو جنهن ۾ هن ڪيس ڪتاب جي اشاعت لاءِ هدايت ڪئي هئي. ان ڪتاب ۾ انهن پنجن سالن ۾، هن جي پنهنجي اندر جي عڪاسي آهي، جي هن عالمي ڪنڇاوَ، تڏاوَ ۽ ڇڪتاڻ ۾ گذاريا هيا. هئمر شولڊ نه فقط هڪ مدبر هو پر مذهبي لاڙي وارو انسان به هيو. ان ڪتاب ۾ هن ڪرستان اهلِ تصوف ڪيرڪي گارڊ ۽ پاسڪل جو به ذڪر ڪيو آهي جو مون پنهنجي انفرادي نڪته نگاهه کان پين ڪتابن ۾ ڪيو آهي.

مون هي ڪتاب 'سر لوهيڙا ڇيڙيا' جو ڇهن ڊائرين تي مشتمل آهي، سخت بيماريءَ ۾ رات جو اٺي پي بجي کان ۵ بجي صبح تائين لکيو هيو، پر اشاعت لاءِ مون ان کي هن حصن ۾ ورهايو آهي. هئمر شولڊ وانگر مون اهو پنجن سالن ۾ نه لکيو هيو ۽ نه ان سان اشاعت لاءِ ڪوئي خط شامل آهي. شايد قدرت کي مون کي وٺي ڏيڻي هئي ته هي

منهنجا جرنل مان ڇپايان.

✿ باسويل (Boswell)، ٻيد (Gide) ۽ روسو (Rouseau) جون به اهڙيون تحريرون هيون پر اهي ڪجهه ٻي نوعيت جون هيون، ڇگي صحت ۾ لکيون ويون هيون ۽ مصنف انهن کي ترتيب ڏني هئي. هي تحريرون، منهنجي شاعريءَ وانگر آمد جو نتيجو آهن ۽ انهن ۾ منهنجي شعور جو هٿ گهٽ ۽ تحت الشعور ۽ لاشعور جو وڏيڪ آهي. انهن مان هر نثري نظم (جي انهن کي نثري نظم ڪوٺيو ويجي) ڪولرج جي قبلائي خان وانگر نيم غنودگيءَ جي حالت ۾ لکيو آهي. هئمر شولڊ جي ڪتاب جي پهرين صفحي تي ميسٽر ايڪهارٽ جو هڪ قول ڏنو ويو آهي جو مان تنهن دل سان اپنايان ٿو ۽ اهو آهي:

"رڳو اهو هٿ، جو ڪاٽ ڪوٽ ۽ ڌاه ڏوهه ڪري سگهي ٿو، سچي ڳالهه لکڻ جو اهل آهي". ★

منهنجي هن ڪتاب ۾ آرٽ، فلسفي، سياست، عشق، دوستي، انساني نفسيات، منهنجي ذاتي تجربي وغيره جي باري ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون لکيل آهن. جي هونءَ ته منهنجي بلوغت کان پوءِ هن وقت تائين سوچ ويچار جو نتيجو آهن پر انهن مان اها ڳالهه واضح آهي ته مون پنهنجي تجربي جي اڳئين اظهار ۾ ڪجهه ڪاٽ ڪُوٽ ۽ ڌاهه ڏوهه ڪئي آهي ۽ ان ڦير گهير جو سبب حالات جي تبديلي ۽ ان جو نئين سِري سان جائزو آهي. مان انهيءَ ڳالهه جو قائل آهيان ته فڪر ۾ تضاد کان فرار ۽ پنهنجي ڳالهه تي ضد ۽ حقيقت تي چشم پوشي يا ان کان بنهه انڪار ماڻهوءَ جي ڪوتاهي ۽ چوٽي پٽي جي نشاني آهي. جي هن

✿ باسويل جيمس (۱۷۴۰ع کان ۱۷۹۵ع)، اسڪاٽش ڊائري نويس، وڪيل ۽ ناول نگار.

ٻيد آندري (Gide Andre) ، فرينچ ناول نگار ۽ مضمون نگار (۱۷۶۹ع کان ۱۸۵۱ع تائين)

روسو (۱۷۱۲ع کان ۱۷۷۸ع تائين)، فرينچ فلاسفر ۽ اديب ۽ پنهنجي دؤر جي فڪر تي ڇانيل مفڪر.

★ "Only the hand that erases can write the true thing" (Meister Echart)

ڪتاب ۾ منهنجي ڪنهن اڳين قول سان اتفاق نظر نہ اچي يا واضح تضاد محسوس ٿئي، تہ ان کي منهنجي عمر، تجربي، انساني فطرت جي زياده گهري شناس ۽ پنهنجي سوچ ويچار جي ٻيهر چنڊچاڙ سان منسوب ڪيو وڃي. هي نڙي نظر پنهنجو پاڻ مون کي نند مان جاڳائيندا هئا ۽ ايئن لڳندو هو تہ ڪائي پڪل ٻيرن سان ڇهنجهيل ٻير ڏوڙڻي ۾ ڏوٽجي رهي آهي ۽ من موسڙن ۽ ڏانديئڙن جا آکيرا ان ۾ زور سان لڏي رهيا آهن، ڪڏهن ايئن لڳندو هو تہ ڪاريون گهٽائون آپ تي ڇائنجي ويون آهن ۽ وڏ ڦڙو ڪَڻ ڪَڻ ريت ۾ جذب ٿي رهيو آهي ۽ جي مون کي اهي مينهن ڦڙا ڪَنا ڪرٽا آهن تہ نند مان اٿي ڪيئي واٽهڙيون پَرٽيون آهن، ڪڏهن وري ايئن لڳندو هو تہ ڪيئي هرٽيون ٽولا ڪري رڙ مان ٻچنديون ٽيون وڃن ۽ مان انهن مان هڪ هڪ کي پکڙي پنهنجي فتراڪ * ۾ وجهندو ٿو وڃان.

ايئن ٻہ لڳندو هو تہ ڪڏهن سانوڻ جون اوڙڪون، ڪڏهن آسُو * جا ڏاروڙا وَسي رهيا آهن، ترايون ۽ تلاؤ ڀرجي پيا آهن ۽ انهن ۾ ٽمڪندڙ تارا مان نندڙين مڇين وانگر پنهنجي نڊ جي ڇاريءَ ۾ ڦاسائي رهيو آهيان. ڪڏهن گولاڙا ۽ ڳگريون پٽي جهول ڀريندو ٿو وڃان ۽ ڪڏهن تلسيءَ، هيرڙ ۽ مَروئي جا ٻوٽا پيار سان ٿو ڏسان ۽ جڏهن وري نند جي گهٽائن ۾ گم ٿي ٿو وڃان تہ سارا ولهار مون ۾ سمائجي وڃن ٿا ۽ ڪائي خوشبو آهي جنهن کي مان پکڙڻ چاهيان ٿو پر اها تيز اڏامي وڃي ٿي، ٻوٽنتريءَ ڪان ٻہ تيز ۽ مان نند جي سوين ٻُرهہ اونهي ڪوهہ ۾ گم ٿي وڃان ٿو. ان وچ ۾ نند مان ڇرڪ ڀري، ڪٽ تي رکيل نوٽ ٻُڪ تي ياد آيل سِٽون لکي ڇڏيان ٿو، جي صبح سان ڪَلين

* فتراڪ (فارسي - اردو): اهي رَسيون جي هَني، سان ٻڌل هوندیون آهن جن ۾ شڪار وجهبو آهي.

تم مجھے بھول گئے ہو تو پتہ بتلا دوں
تیری فتراک میں کوئی کبھی نخچیر بھی تھا (غالب)

ترجمو: تو مون کي وساري ڇڏيو آهي تہ توکي ياد ڏياريان ڪڏهن تنهنجي فتراڪ ۾ ڪوئي شڪار ٻہ هيو.

* آسُو ۾ اڌ ٻنيءَ ۾ مينهن وسندو آهي، اڌ ۾ نہ وسندو آهي.

مان ساهه ڪنديون نظر اچن ٿيون، باقي سڀون ڪروڙين مڇين وانگر ان اٿاهه سمنڊ ۾ گم ٿي وڃن ٿيون، جو مون ۾ آهي، جو منهنجي نحيف ۽ نزار تن ۾ ڇوليون هڻي رهيو آهي، جنهن ۾ جنم جنم جا اوجهاڻ آهن ۽ جي ايان جنم جنم ۾ وري وري وجهڻا آهن! ڪيڏا ڏرتيءَ جا ڏک درد، ڪوٽ ۽ دوکي بازيون، هار ۽ جيت، هر ڳالهه ڪنهن ڪُنَ ۾ ڦيرائيون ڪائي غرق ٿي وڃي ٿي، چنڊ لهرن جي لپيٽ ۾ اچي ٿو، مان ٽهيون ڏئي ان کي پڪڑيان ٿو پر اهو منهنجيءَ مٺ مان ٽرڪي وڃي ٿو ڇڏ مون کي مُرڪي چوي ٿو: 'مان تيستائين چنڊ آهيان جيستائين توکان دور آهيان، تنهنجيءَ گرفت ۾ اچي مان چنڊ نه رهندس، هڪ فانوس ٿي ويندس جنهن کي تون پيچي پورا ڪري ڇڏيندين؛

اها ته ٿي تخليق وقت پنهنجي ذاتي ڪيفيت جنهن جو ٻي ٻوليءَ ۾ مان اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان.

جيستائين سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو سوال آهي، اها ڪنهن وڏ گهراڻي طبقي جي ڪاٽياري نه رهي آهي جيئن يورپ ۽ ايران يا هندوستان جي شاعري جاگيرداري دؤر ۾ هئي. ايران ۾ بادشاهه يا مَلڪ ۽ هندستان ۾ ۽ بادشاهه يا نواب شاعرن جي سرپرستي ڪندا هئا. ايران ۾ ته اها سرپرستي خمينيءَ کان اڳ واري دؤر تائين رهي ۽ هندستان ۾ ۱۸۵۷ع جي بلوي تائين ۽ ڪي قدر پوءِ ۽ رهي.

قصيده گوئيءَ ۾ ان جا هزارين مثال آهن. غالب جهڙي عظيم شاعر جون ڪجهه سڀون ئي مثال طور ڪافي آهن:

غالب وظيفه خوار هو، دو شاه کو دعا

•

آپ کا بنده اور پهروں ننگا
آپ کا نوکر اور کهاؤں ادهار

ايران ۾ ته قصيده گو شاعر زمين آسمان جا قلابا ملائيندا هيا؛ ان حد تائين جو هڪ شاعر قصيدي ۾ پنهنجي بادشاهه کي مخاطب ٿي چيو هو ته، "هي آسمان ۾ چنڊ نه آهي، تنهنجي گهوڙي جي نعل جو نشان آهي". حافظ جهڙي شاعر، جنهن جي گوئٽي جهڙي عظيم شاعر نقالي

ڪئي آهي، ان جي ديوان ۾ به ڪيئي قصيدا آهن. مون فيضيءَ جي ديوان ۾ شهنشاهه اڪبر جي باري ۾ قصيدا پڙهي، سوچيو ته جي مان هن جي جاءِ تي هجان ته ڇا ڪيان ها؟ هندوستان ۾ بلوي ڪان پوءِ اهي سرپرست گهر ٽيندا ويا جيتوٽيڪ علامه اقبال کي به دکن جو نظام ۽ پوپال جو نواب پنج پنج سؤ روپيو مهينو ڏيندا هئا. حيدرآباد دکن واري سر اڪبر حيدريءَ جڏهن علامه اقبال کي پنج سؤ رپيا زڪوات طور موڪليا ته هن ڪيس موتائي موڪليا ۽ ان جي باري ۾ بانگِ درا ۾ هڪ نظر به شايع ٿيل آهي. حفيظ جالندري (پاڪستان جي قومي ترانيجي خالق) کي به آزاديءَ ڪان اڳ ڪجهه نواب وظيفا ڏيندا هيا. جوش مليح آباديءَ کي پٽو صاحب جو وظيفو ڏيندو هو، ان جي باري ۾ جوش هن کي لکيو هيو ته، "اهو منهنجي شراب جو خرچ ئي پورو نٿو ڪري، ڪجهه وڌائي ڏي." جنهن تي پٽي هن کي ڪجهه هزار وڌائي ڏنا ها. هندوستان ۾ به اول ڪيترا سنسڪرت جا شاعر راجائن جي سهائتا جي آسري هوندا هئا. هتي طوالت جي خوف ڪان رگهو ڪالياس جو مثال ٿو ڏيان جنهن جو پُٽ پَرو راجا وڪرماجيت هو. هنديءَ ۾ گورڪناٿ، تلسي داس، رامانج، رامانند ڪان وڏي ڪبير، ميران ۽ گرو نانڪ وغيره تائين شاعر پيغمبر ها ۽ اهي ڪنهن تي مدار نه رکندا ها ۽ اڏلو ڏن دولت کي برائي، ڪليڇائي ۽ ادنگائي جي جڙ سمجهندا ها ۽ ان جي ڪوجهائيءَ تي هڻ پنهنجيءَ مٹيان جو ڪلر ڪلا اظهار ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح يورپ جي ارسٽوڪريسي (Aristocracy) شاعريءَ سوڏو هر آرٽ جي سرپرستي ڪندي هئي پر فرانس واري انقلاب ۾ اڪثر ارسٽوڪرئٽ گلوٽين جي هيٺان ڏنا ويا ۽ ان گلوٽين جهڙو ڪم نپولين پنهنجي زياده مهر جوئيءَ ڪان به ورتو ۽ روس سان جنگ ۾ ڪيئي سگهارا ڇيرو مارائي وڃائين ۽ وارلوءَ جي شڪست ڪان پوءِ فرانس ۾ گيدي، گوڙدليا ۽ ڪانئر يا ناقابل ڪار شخص ويجي رهيا، جن جي تصور جا جادو ٽٽي چڪا هيا ۽ جن جا هانوَ پيرن ۾ وجي پيا ها. انهيءَ مايوسيءَ جي فضا ۾ وٽرِيل ٻورجوازيءَ کي آرٽسٽ ۽ شاعر پٺسي جو پُٽ سمجهي، هن مان آجڪائيءَ جو اظهار ڪرڻ لڳا ۽ هر انهيءَ قدر

کي نفرت سان ڏسڻ لڳا جو بورجوازيءَ کي عزيز هو. ڇڙ ائرسٽوڪريسيءَ جي جاءِ اچي آرٽسٽن والاري.

ٿيوفيل گوتئي (Theophile Gautier) *، جنهن جو بودليئر تي ڪافي اثر ٿيو، ۱۸۱۱ع ۾ پئدا ٿيو هو (جڏهن نئپولين روس تي حملو ڪيو هو) ان جي ناول 'مئمزيل دي ماپن' Mademoiselle de Mopin، (جو مون پڙهيو آهي) فرانس ۾ وڏو ٽرٽلو وڏو هو. هو ۱۸۷۲ع ۾ مري ويو. هو چوندو هو ته:-

(1) آرٽ ڪهڙي ڪم اچي ٿو؟ اهو بس انهيءَ ڪم اچي ٿو ته اهو حسين آهي. عام طور ايئن آهي ته جا چيز مفيد ٿي ويندي آهي، اها حسين نه رهندي آهي.

(2) هن جي نزديڪ اصل حقيقت حسن آهي ۽ اها ڳالهه فنڪار جو دين ايمان هجڻ گهرجي، ان کان سواءِ هن کي ٻي ڪنهن ڳالهه جي ضرورت نه آهي. هن کي اخلاق جي به ضرورت نه آهي، ان ڪري جو حسن ۾ اخلاق شامل نه آهي، ان ڪري هو (گوتئي) چوي ٿو ته حسين چيز ۾، اها پوءِ عورت هجي، موسيقي هجي، قول هجي، خود پنهنجو علم هجي، ان ۾ اخلاق موجود نه هوندو آهي. گوتئي ۾ عشق ۽ محبت جو ذڪر ڪڏهن ڪڏهن ملي ٿو ۽ موت جو ذڪر اڪثر ملي ٿو جنهن کي اسان رومانوي اثر چئي سگهون ٿا:

"تون انهيءَ پيڙا ۽ دڪ جو سوچ جڏهن تنهنجو ماس قبر ۾ ڳري سڙي ويندو، پير ڦڏا ٿي ويندا، هٿ جي اڄ خوشنما لباس ۽ شين کي ڇهن ٿا، ٽڪرا ٽڪرا پيا هوندا."

ان دؤر ۾ فرانس ۾ هڪ طبقو ايري رهيو هو جنهن کي بوهيميا (لاابالي Bohemia) ڪوئيو ويو هو. بوهيمين (Bohemian) نراجوادي هوندا هئا، جي سماج ۾ افراتفريءَ سبب پيدا ٿيا ها؛ انهن ۾ شاعر، اديب، مصوّر، صنم تراش، موسيقار، خوبصورت عورتون وغيره شامل ها، جي ٻاهران ڀرئي ٻُڪني ۽ اندر جي ڪوکلي بورجوازيءَ جي اخلاق، عبادت وغيره جي لاڪ لاهيندا هئا ۽ سارو وقت آرٽ، ادب ۽ عشق جي

* ٿيوفيل گوتئي (۱۸۱۱ع کان ۱۸۷۲ع تائين)؛ فرينچ شاعر، ناول نگار ۽ صحافي.

باري ۾ ڳالهيون ڪندا هيا. سنڌ ۾ حشو ڪيولراماڻي جو جلاوطني تائين مون سان گڏ رهندو هو، پاڻ کي بوهيمين سڏيندو هو ۽ ڪميونسٽ هن سان نه ٺهندا هئا. اردوءَ ۾ ميراجي، مجاز وغيره سان فرانس جي بوهيميا جي پيٽ نه آهي. ها، اردوءَ جا شاعر بار بار لطيفا ٻڌائيندا ها ۽ پنهنجي ناگوار ماحول مان فرار جي گنجائش پيدا ڪندا ها. هڪ پيري سنڌ جي هڪ ڪافي وڏي آفيسر جي، جو اڄان نوڪريءَ تي فائز آهي، سکر ۾ جاءِ تي فيض احمد فيض، ناصر ڪاظمي ۽ مان بيٺر پي رهيا هياسين (ان وقت حدود آرڊيننس اڃا نه لڳايو ويو هو)، ناصر ڪاظمي، جنهن جي غزل گوئي اردوءَ ۾ "ادب براءِ ادب" جي مظهر آهي، تنهن پنهنجي باري ۾ هڪ لطيفو ٻڌايو: "هڪ پيري مون تي زال ڪاوڙي ته مون هن کي چيو، 'شاعر جي زال هلي وانگر ٽيندي آهي، شاعر ويچارو ڪبوتر وانگر نرم ۽ نفيس هوندو آهي بي وسو، آڇر ۽ بي زبانو'". پوءِ پنهنجي ئي مذاق تي ٺهڪ ڏنائين؛ فيض، جو هن کي ٻڌي رهيو هو ۽ بيٺر ٻه پي رهيو هو، تنهن ٺهڪ ڏئي چيو، "چگو جو تو ايئن نه چيو ته شاعر جي زال هلي ٽيندي آهي ۽ شاعر ڪتو ٽيندو آهي". ناصر ڇي ٽي ويو. فيض 'ادب برائي زندگيءَ' جو مظهر هو، پر پاڪستان جي بيوروڪريسيءَ جو لاڏلو ٻه هو، جنهن ۾ اسان جي ميزبان بيوروڪرئٽ جهڙا ڏهين بيوروڪرئٽ ٽورا هيا ۽ پيا فرينچ بورجوازيءَ وانگر ثقافت کان بي بهرا هئا. ان ڳالهيون ڪندي استالن جو هڪ لطيفو ٻڌايو، "هڪ ترڪ ۽ هڪ مانٽي نيگرين (Monte negrian) * جي جنگ ۾ زخمي ٽي پيا ها سي اسپتال جي ساڄي وارڊ ۾ داخل ڪيا ويا؛ ترڪ، مانٽي نيگرين کان پڇيو، "تون جنگ ۾ ڇا لاءِ ٽي وڙهين؟" "پنهنجي اقتصادي انصاف لاءِ". هن جواب ڏنو. ان تي مانٽي نيگرين ترڪ کان پڇيو، "تون ڇا لاءِ ٽو وڙهين؟" ترڪ جواب ڏنو، "پنهنجي آبروءَ لاءِ". اهو لطيفو ٻڌائي، استالن ٺهڪ ڏئي چيو "هرڪو انهيءَ ڳالهه لاءِ وڙهندو آهي، جنهن وٽ اُها ڪانه هوندي آهي". فيض

* مانٽي نيگرين؛ مانٽي نيگرو جو رهواسي، جا ڪجهه وقت اڳ يوگو سلاويه جي هڪ رياست هئي.

جو مذاق ڪيترو نہ بامعنيٰ ۽ گنبير هو! منهنجي چوڻ جو مطلب هو تہ اردوءَ جا اڪثر اديب لطيفا ٻڌائي. وقت جو زيان ڪندا ها ۽ تہ هن لاءِ پاڪستان جي ٻي ٻوليءَ جي اديبن کان راهہ وڌيڪ آسان هوندي هئي. ناصر ڪاظمي پنجابي هو ۽ لاهور جو رهواسي هو، پر هيو تہ اردوءَ جو شاعر ۽ پنجابيءَ سان هن جو ڪوئي واسطو نہ هيو. (پنجابي زبان جي ترويج ۽ بقا جي باري ۾ جڏهن منهنجون سنڌي تحريرون پنجابيءَ ۾ شايع ٿيون تہ پنجابي اهي پڙهي حيران ٿي ويا ها). مون متي فيض جو استالن جي باري ۾ لطيفو ٿي ڏهرايو، استالن جي يو.ايس.ايس.آر ۾ سياست ان لطيفي جي برعڪس هئي، جنهن يو.ايس.ايس.آر جا بنياد ڪيي وڌا.

'ادب برائي ادب' ۽ 'ادب برائي زندگي' تي تفصيلي بحث کان اڳ مان متي ذڪر ڪيل شاعر گوتئي جي باري ۾ اهو چوڻ ٿي چاهيو تہ هن 'فن برائي فن' جو نظريو بودليئر کان اڳ پيش ڪيو هو. هو مصوّر هو ۽ مصوّري جي ٽيڪنيڪ شاعريءَ ۾ ڪم آڻڻ ٿي چاهيائين. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ نديون نديون تصويرون پيش ڪيون، جن ۾ رنگ ۽ صورت کي علمي تال ميل ڏيڻ ٿي چاهيائين. مصوّر جي حيثيت ۾ جنهن ريت هو خارجي (Objective) تصوير ڪشي ڪندو هو، ان ريت هن شاعر جي حيثيت ۾ لفظن جي وسيلي لفظي تصويرڪشي ڪئي جنهن ۾ خارجيت پڏري هئي. هو پنهنجي فن کي ايئن پيش ڪندو هو جيئن ڪوئي مجسمي ساز يا سونارو پنهنجي تخليق کي پيش ڪري. هن لاءِ شاعريءَ جو اصل مقصد مصوّري هو ۽ شاعر جو فن حقيقت ۾ مصوّر جو فن هو. ان ڪري ئي هن چاهيو تہ پنهي جي ٽيڪنيڪ هڪ هجڻ گهرجي. هن جي لفظن جي چونڊ ۽ چنڊچاڻ ۾ ذهني ڪاوش جي آورد هئي ۽ نہ شاعراڻي آمد. فصاحت ۽ بلاغت، جوش خروش نالي ماتر بہ ڪونہ هو ۽ دل جي گرميءَ جي جاءِ تي ٽڏائي هئي. ان ڪري هو فن جون بلنديون ڇُهي نہ سگهيو جي عظيم شاعرن جو مقدر هوندیون آهن پر اهو گوتئي هو جنهن آرٽ جي باري ۾ باربار جماليات (Aesthetics) جو لفظ ڪم آندو آهي ۽ جو نظريو افلاطون جي ڪن مڪالمن تي ٻڌل

آهي جن ۾ حسن کي پنهنجو علحده وجود آهي جنهن جو مدار ڇڳائيءَ، سڌاري يا ڪارائتي پڻي تي نہ آهي. گوتئي جي اثر هيٺ، بودليئر، جنهن جي ڪتاب "گناهه جا گل"، پئرس ۾ ولوڙا وجهي ڇڏيا ها ۽ جنهن جو ڪافي حصو اٽڪل ستر اسي سال بندش هيٺ هو، هڪ پراسرار شخصيت هو، جنهن بُوالهَوسيءَ، پنهنجيءَ حساس طبيعت ۽ مروّج اخلاق سان بغاوت کي پنهنجو شعار بڻايو هو ۽ پنهنجي زندگيءَ ۽ شاعريءَ کي هڪ رومانوي گهيراوَ ۾ آڻي ڇڏيو هو. دراصل 'آرٽ آرٽ جي لاءِ' جو نظريو پنهنجي مخصوص ماحول جي پيداوار هو ۽ پنهنجي دؤر جون اخلاقي حدون ٽپي ويو هو.

اسان وٽ مير عبدالحسين سانگيءَ کان محمد ابراهيم خليل تائين توڙي سيئي غزل گو شاعرن 'آرٽ آرٽ لاءِ' جو نالو به نہ ٻڌو هو ۽ هو رڳو آرٽ شعر جي تقطيع کي سمجهندا ها. تڏهن به مروّج اخلاق جي اڳيان اردو غزل گو شاعرن وانگر ايترا بزدل هيا جو محبوب کي شاعريءَ ۾ مذڪر ڪري ڪم آڻيندا هيا ۽ توڙي اردو شاعريءَ ۾ اختر شيرانيءَ محبوب کي مؤنث ڪري، عذرا ۽ ليلىٰ جي نالي سان لکيو هو. سنڌي شاعر ان ڳالهه کان وَڻءِ ويندا هيا. دراصل گهٽن جا ته محبوب ئي مذڪر هوندا هيا. منهنجو هڪ واقف لاڙ جو شاعر ساڻي هو، جيڪو پنهنجي مذڪر محبوب کي لکيل پنهنجا خط، روزانين اخبارن ۾ ڇپائيندي نہ ڳهرائيندو هو. شاعر عورت سان ڪلم ڪلا شادي ڪري سگهندا ها، عشق نہ ڪري سگهندا ها. ان ڪري اردو ۽ سنڌي شاعريءَ جو 'ادب برائي ادب' دراصل 'جڪ برائي جڪ' هيو، جنهن مان هڙ حاصل ڪجهه نہ ٿيو آهي ۽ ان جي پيٺ مغربي شاعري سان اجائي آهي.

مغرب ۾ جڏهن چارلس لوئي، نپولين بوناپارٽ، هالنڊ جي بادشاهه جو ٽيون پٽ، فرانس جي تخت تي ويٺو تڏهن جمهوريت (Republicanism) ۽ لاابالپٽي جي انقلابن ڪيترائي بي ٽائينڪا، ٽلڪائو، روهَ رولیا، ڇڙوڇڙ ٽيل فوجي، رها ٽيل قيدي، جهازن مان ياڇوڪڙ، نگ، اڇڪا، مَداري، ڏنڊئي پينو، ڳنڍي ڪَپ، پوپا، جواري، وڇ ڪُٽيا، چڪلائي، ڪَولي، تعليم يافته، واڇيرا، ليڙن جا ميڙاڪ،

سِراڻي ۾ ناڻارا پيدا ڪيا. اها وچوڙ ڪارل مارڪس ڏني آهي ۽ مٿين جملي تي نظر وڌي ويندي تہ هن تعليم يافتہ کي ڪولي۽ ۾ واڌيري جي وچ ۾ آندو آهي. مارڪس جي انقلابي نظرئي موجب ادب طبقاتي انقلاب جو ذريعو هو ۽ انقلاب کان پوءِ ان جي ترقيءَ جو اظهار هو. روس ۾ انقلاب کان پوءِ ۷۵سال اهڙو ادب پيدا ڪيو ويو، جنهن جي اهميت گورباچوف جي گلاسنوسٽ ۽ پيرسٽروئڪا کان پوءِ گهٽجي وئي ۽ يو.ايس.ايس.آر جي خاتمي کان پوءِ بنهہ نہ رهي. شولوخوف ۽ گورڪيءَ کان قطع نظر (جيتوڻيڪ انهن جي ادب جي ہ پنجانوي فيصد اهميت گهٽجي وئي آهي.) اهو روسي ادب، 'ادب برائي زندگي' نہ پر 'ادب برائي موت' ثابت ٿيو. انقلاب کان اڳ جا اديب ٽالسٽاءِ، دوستو وسڪي، چيخوف، گوگول وغيرہ فقط حقيقت نگار هيا جيتوڻيڪ انهن جو سوشلسٽ حقيقت نگاري سان واسطو نہ هيو. سوشلزم جي خاتمي کان پوءِ ہ انهن جي تخليقن جي ساڳي اهميت آهي ڇو تہ اهي دنيا جا عظيم ترين حقيقت نگار اديب هيا ۽ اهي سماجي ڦيرگهير جا تہ قائل هيا پر طبقاتي انقلاب جو انهن ۾ پاڇو ہ نہ آهي. گذريل ۷۵ سالن ۾ اڳين سوويٽ يونين جا فقط اهي اديب اهم آهن، جي ان دؤر ۾ سولزي نٽسن وانگر عتاب هيٺ رهيا. ايئن آهي تہ فرانس جي مٿي ذڪر ڪيل زوال پذير دؤر ۾، فرانس جو سماجي ڍانچو تہ ڊانواڊول هو پر پوءِ ہ ان ۾ شڪ نہ آهي تہ پنهنجي "هي سلطنت" ۾ فرانس عالمي ثقافت تي غلبو حاصل ڪري ورتو ۽ اهو غلبو ايئن نہ هو جيئن ان کي لوئي ۱۴ جي دؤر ۾ هو. پئرس نئين سر تعمير ڪئي وئي تہ دنيا جو ڏيان ان ڏانهن ويو. پئرس کي عظيم ۽ بلڪل جديد دارالسلطنت بڻايو ويو. ان جا ويڪرا رستا، نديون سڙڪون (Boulevard) ۽ پارڪ (وندرگاهہ) ۱۸۱۵ع واريءَ وڏيءَ نمائش ۾ انگلنڊ کي مات ڏئي ويا.

دنيا جي اها ڳولها ڦولها اديب ۽ شاعر کان وڌيڪ مصوّر جي حصي ۾ آئي ۽ هن جي سماج کان اقتصادي علحدگي ۽ لاغرضي هن کي 'آرٽ آرٽ لاءِ' جي نظرئي ڏانهن ڌڪي وئي. ايئن تہ آرٽ جا نوان خيال ادب ۾ ہ ظاهر ٿيا ۽ آرٽ انهن جي اهميت وڃائي، پر پوءِ ہ 'آرٽ برائي

آرٽ' واري تحريڪ فرانس جي تخريبي دؤر سان وابستا هئي. بودليئر (۱۸۲۱ع ڪان ۱۸۹۷ع تائين)، پال ورلين (۱۸۳۳ع ڪان ۱۸۹۶ع تائين)، آرٿر رامبوياربن بو (Rimband ۱۸۵۱ع ڪان ۱۸۹۱ع تائين) جيتوٽيڪ فرانس جا عظيم ترين شاعر آهن پر اهي فرانس جي تخريبي دؤر جي پيدائش ها. هو اول درجي جا اوباش ۽ رند مشرب ها ۽ پنهنجي سماج جي نہ رڳو رَتيءَ پر پرواهہ نہ ڪندا هئا پر ان سان نفرت بہ ڪندا ها.

۱۹۶۵ع ۾ مون ايندڙ استارڪيءَ جا بودليئر ۽ رامبوءَ جي زندگين تي لکيل لنبا، چوڙا ڪتاب پڙهي، پنهنجي زندگيءَ جو جائزو ورتو هو. رامبوءَ جو هڪ نظر 'مَست ڪشتي' آهي، جا سمنڊ ۾ ڦرندي رهي ٿي ۽ لهرن جون لپاٽون کائيندي رهي ٿي. انهيءَ کي هڪ پَل بہ قرار نصيب نہ آهي.

انگلنڊ ۽ جرمنيءَ جي بورجوا سوسائٽي فرانس کان مختلف هئي ۽ جو تہ اتي صنعتي انقلاب فرانس کان اڳي اچي چڪو هو ۽ بورجوازيءَ جو ڪردار بدلائي وڌو هئائين. جيتوٽيڪ پوءِ بہ اتي فرانس جي اثر هيٺ وِسلر جهڙا مصوّر ۽ آسڪر وائلڊ جهڙا 'آرٽ برائي آرٽ' جا مبلغ پيدا ٿيا پر گهٽو ڪري اديب سماج سان واڳيل ها.

بودليئر ۽ رامبوءَ جو اثر نندي کنڊ ۾ ميراجيءَ تي ٿيو جو اردو جو نهايت پڙهيل ڳڙهيل شاعر هو ۽ جنهن انهن جا منظوم ترجما پنهنجي ڪتاب 'ديس ديس کي نظمين' ۾ ڏنا. مان نہ ٿو پانيان تہ فيض انهن کي اچاتري نظر سان بہ ڏٺو هو، جيتوٽيڪ 'ديس ديس کي نظمين' جو مهاڳ فيض لکيو آهي.

'ادب برائي ادب' واري شاعري هروپرو ايئن نہ آهي جيئن استيفان مالارمي (۱۸۴۲ع ڪان ۱۸۹۸ع تائين) چيو هو: "نظم هڪ ڳجهارت وانگر آهي جا پڙهندڙ کي پڇي آهي." ان ۾ حسن جو جيڪو تخيل آهي ۽ ان کي جيڪا اهميت آهي سا پايدار آهي ۽ ايران جي ڪافي شاعريءَ ۽ نندي کنڊ جي ۱۸۵۷ع تائين ۽ ان کان بہ ڪجهہ وقت پوءِ ويهين صديءَ جي شروعات کان ڪجهہ ڏهاڪا پوءِ بہ ملي ٿو. ايران ۽

نديي ڪنڌ جي شاعريءَ تي پوءِ اشتراڪيت ۽ طبقاتي انقلاب جي نظريي جو ڪافي اثر ٿيو جو هاڻي ختم ٿي رهيو آهي.

جيستائين سنڌي شاعريءَ جو تعلق آهي تہ ان ۾ 'گل' کي ڇڏي 'گدا' ۽ سانگي کان وٺي ابراهيم خليل ۽ واصف تائين شاعري اردوءَ جي ٻي درجي جي شاعريءَ جو چربو آهي، جنهن کي سنڌي شاعرن جو نئون نسل بلڪل رد ڪري چڪو آهي. باقي اسان جي ٻي شاعري، ٻٽائيءَ کان وٺي اڄ تائين 'ادب برائي ادب' ۽ 'ادب برائي زندگيءَ' جو مڌر ميلاپ آهي. ان ۾ گوتئي جي حسن جون جهلڪون ۽ هنڌ هنڌ نظر اچن ٿيون، تہ اها زندگيءَ جي عڪاسي ۽ آهي.

اهو چوڻ تہ شاهہ عبداللطيف جي شاعري عوامي آهي، بلڪل غلط آهي، جي اها عوامي هجي ها تہ رسالي جون ايتريون شرحون لکڻيون نہ پون ها. اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ اها سنڌ جي عوام جي باري ۾ آهي ۽ ان ۾ پيڙا جو پڙلاءُ ۽ آهي. دنيا ۾ هومر کان وٺي غالب تائين اهڙي شاعري مشڪل سان ملندي، جنهن جو تشبيهون ۽ استعارا ايئن روزمره جي زندگيءَ مان کنيا ويا هجن ۽ ان کي پنهنجي عوام ۽ ان جي رهڻي ڪهڻيءَ ايترو اتساهيو هجي. مون کي فخر آهي تہ مان ان شاعريءَ جو وارث آهيان جا پنهنجيءَ پر ۾ ٻي مثال آهي.

جڏهن ۽ مان شاهہ جي شاعريءَ تي سوچيندو آهيان تہ مون کي فرينچ مصوّر زورج دِي لاتور (Georges de Latour) جي تصوير "توبہ - تائب ماجدلين" ياد ايندي آهي، جنهن ۾ ماجدلين ٻٽائيءَ واري ڪيفيت ۾ آهي:

"ڇوڙو جو پاپن جو ڇوٽيءَ تائين ڇور،
معلوم اٿي مذڪور، ڳوڙها انهيءَ ڳالهہ جو."

انهي تصوير ۾ ماجدلين جي اِنابت (Conversion) آهي ۽ هو روح جي ابدي زندگيءَ لاءِ دنيا جي لهو ۽ لعب کان منهن موڙي چڪي آهي. تصوير جي ٻاهرين فريم جي اندر علامتي طور هڪ فريم جي تصوير آهي. اندرين فريم جي تصوير ۾ هڪ آرسي نڪتل آهي، جنهن ۾ ۽ ميڙ بتيون ٻري رهيون آهن، جي سچ پچ ٻاهرين فريمن جي ٻاهران

ڏيکاري ڏئي رهيون آهن ۽ جن جو عڪس آرسيءَ ۾ پُڄي رهيو آهي، جي روحاني آوڪر (Crossing Over) جي علامت آهن ۽ سوال ٿيون اٿارن ته ڇا نيتائتو سدا آچاري آهي ۽ ڪُنيتو ڏُرآچاري آهي! آرسيءَ ۾ عڪس ئي ان تصوير جو روح آهي. دراصل اهو آرٽ جو روح آهي، سڀ شيون گذري وڃن ٿيون ۽ ناپائدار آهن ۽ فقط آرٽ ئي پائدار آهي. ماجدلين جا هٿ آرام سان انهيءَ انساني کوپريءَ تي رکيا آهن جا هوءَ هنج ۾ جهلي ويٺي آهي. انهيءَ تصوير منهنجي زندگي بدلائي وڌي ۽ مون محسوس ڪيو تہ مون ۾ ۽ ڪو اندريون فريم آهي جنهن ۾ ۽ ميڙ بتيون ٻري رهيون آهن، جي منهنجيءَ شاعريءَ جي علامت آهن ۽ جي ڪڏهن ۽ نہ ٻجهنديون.

اي ڪاش! اسان وٽ ۽ ڪجهہ اهڙي مصوّري ۽ صنر تراشي هجي ها! منهنجي زندگيءَ ۾ ۽ اهڙي هڪ مصوّره آئي هُئي جا ماجدلين جو روپ هُئي، جا منهنجي شاعريءَ ۾ جذب ٿي چڪي آهي ۽ منهنجي روح جي اندرين فريم ۾ ۽ ميڙ بتين وانگر ٻرندي رهي آهي.

سنڌي شاعري 'ادب، ادب لاءِ' ۽ آهي ۽ 'ادب، زندگيءَ لاءِ' ۽ آهي ۽ ٻنهي ۾ ڪائي خاص تفريق نہ آهي. آخر زندگي فقط هيءَ زندگي تہ نہ آهي جيتوڻيڪ هي زندگي ماجدلين جي تصوير جي وڌي فريم وانگر آهي، جنهن اندر هڪ آرسيءَ جونديو روشن فريم نڪتل آهي، جنهن ۾ ميڙ بتيون ٻري رهيون آهن.

گريئرسن ۽ ڪيس سمٿ لکيو آهي:

"جرمن ٻوليءَ ۾ هڪ لفظ Angst آهي جنهن جي معنيٰ آهي 'خوف' ۽ جنهن کي جرمن وجودي فلسفي مارٽن هيڈگر * ۱۹۲۷ع ۾ پنهنجي ڪتاب "وجود ۽ هستي" ۾ ڪم آڻيندي چيو هو تہ اهو خوف زندگيءَ جي هڪ بنيادي حقيقت آهي. ان خوف جي اثرائتي ۽ چٽي تصوير مئڪس بيئربوم (max Beerbohm) * جي اٽويهين صديءَ ۽

* مارٽن هيڈگر: جرمنيءَ جو وجودي فلسفي جو سارتر کان اڳ ٿيو هو ۽ جنهن جي وجوديت جي فلسفي کي تاريخ سارتر جي فلسفي کان وڌيڪ صحيح ثابت ٿيو آهي.

★ مئڪس بيئر بوم (۱۸۷۲ع کان ۱۹۵۶ع تائين): انگريزي مضمون نگار، خاڪا ناهيندڙ، نقاد ۽ طنز نگار.

ويهين صديءَ جي انسان ۾ تفاوت ڏيکاري رهي آهي. اڻويهين صديءَ جو انسان خليق ۽ مروّت جو صاحب، پنهنجي مستقبل جو تصوّر ڪري ٿو ته اهو پنهنجي قلب جي ماهيت ڏسي ٿو جو اڳي کان وڌو ٿيندو نظر اچي ٿو. ويهين صديءَ جو انسان پنهنجو مستقبل ڏسي ٿو ته هو هر وقت پاڻ کي پوت پريت وانگر لڳي ٿو ۽ انت سَسِي هڪ سوال جي نشاني بڻجي وڃي ٿو. ويهين صديءَ جو انسان هڪ ڪارٽون آهي ۽ حقيقت ۾ Angst جي ڀوڳنا ڀوڳي ٿو، هڪ اوني جو چوڌاري ڦهلاءُ، جنهن کي خطا، گناهه ۽ شرمندگيءَ جو پس منظر آهي.

هر دؤر کي پنهنجي نشاني، پنهنجي اشاري لاءِ ڪوئي لفظ هوندو آهي جنهن سان اُهو سڃاتو ويندو آهي. ويهين صديءَ جي انسان ۾ جو الڪو آهي، ان جو وري وري اظهار اسان جي گفتگو ۾ ٿئي ٿو جو اسان پنهنجي مايوسيءَ، بي ترتيبيءَ ۽ ڇڙوڇڙ ٿيڻ جي باري ۾ ڪيون ٿا. ان جو سبب هن دؤر ۾ بيدرديءَ، تشدّد ۽ ايذا پرستيءَ جو گهرو شعور به آهي. ايمان، اميد ۽ خير خواهي فقط خالي عبادت گاهن ۾ آهن. خير خواهيءَ کي رڳو گهرجائوءَ لاءِ خيرات سمجهيو وڃي ٿو. اهي سوال روحاني مرضن مان ايرن ٿا ۽ فقط هڪ اعصابي ۽ ناخوش سماج تائين محدود نه آهن، اهو دنيا جو اجتماعي مرض آهي جو انسان ۾ پاڻ ۾ خود اعتماديءَ مان شروع ٿيو آهي. ان آڏ مانڊ ۽ اڻ تڻ جي دؤر ۾ ڊارون سيڪاريو ته انسان باندر جي اولاد آهي ۽ قدرتي پٽي سان (Natural Selection) ازخود موجوده حالات تي رسيو آهي. فرائڊ وري سيڪاريو ته مذهب گناهه جي احساس جي پيدائش آهي جو انسان جي Oedipus Complex * جو نتيجو آهي، ۽ سڀ انساني ڪاروايون جنسيات جو نتيجو آهن.

نفسيات جو جرمن ماهر جُنگ (Jung) پنهنجي ڪتاب 'جديد

* اوڊيپس ڪامپليڪس، ڪامپليڪس جي معنيٰ ته پيچيدو يا پيچيدگي آهي، پر دنيا جي ٻين سائنسن وانگر نفسيات جي به ڪا سنڌيءَ ۾ ڊڪشنري نه آهي. ان ڪري انگريزي ڊڪشنريءَ تي پاڙتو ٿو پوي. اوڊيپس يوناني ڏند ڪٿا جو لفظ آهي ۽ انهيءَ بادشاهه جو نالو هو جنهن پنهنجي ٻيءُ کي قتل ڪري، ماءُ سان شادي ڪئي هئي. اوڊيپس ڪامپليڪس نفسيات جو محاورو آهي جنهن موجب پٽ کي ماءُ لاءِ جنسي ڪشش ٿئي ٿي ۽ ٻيءُ سان حسد ۽ دشمني ٿئي ٿي.

انسان خدا جي تلاش ۾' ڇيو آهي تہ هن دؤر جي سڀيا جو نتيجو اهو نڪتو آهي، جو ماڻهو جو ويساهہ جو هڪ دِڪيءَ وانگر هو، اوچتو ڊهي پيو آهي. سائنسدانن جي تعليم هن ۾ شڪ پيدا ڪيو آهي تہ هو خدا جي تخليق جي منتها نہ آهي.'

جُنگ * جي نظر ۾ ماڻهو هن وقت خدا لاءِ اڪٽ بڪ ڪيي رهيو آهي. هن جو انهيءَ خدا ۾ ڪو اعتبار تہ نہ رهيو آهي جو هن جو ٻيءُ آهي، پوءِ بہ هو ڪنهن نہ ڪنهن پدري شفقت لاءِ ليڙون پائي رهيو آهي. هو هڪ اَتي دُکي ۽ ڏُجهاري بي سلامتيءَ جا سور سهي رهيو آهي، جڏهن هو هن ڀوائتي، اپار ۽ بي پروا ڪائنات تي سوچي ٿو جا هن کي سائنسدانن جي فتوائن ڏني آهي.

مارٽن بيوبر (Martin Buber) * لکيو آهي تہ، "انسان پاڻ کي هن ڪائنات ۾ نڏڪو ٿو سمجهي." اها Angst بي شمار ڦيرگهير سان ساهت ۾ اظهاري وئي آهي. مان جڏهن ڪاليج جي پهرين سال ۾ پڙهندو هوس تہ ٽامس هارڊيءَ جا ناول پڙهندو هوس جن ۾ ماڻهوءَ جي سربستي دُردشا ڏيکاري وئي هئي. هن جي سوچ ويچار تي وِسواس ۽ سنسي جا ڪارا ڪڪر پاڇاوان وجهندا ها. جڏهن هو ڪيرو هو تڏهن ڪان انجيل کي گمان جي نگاهہ سان ڏسندو هو ۽ ڊارون جي ارتقا جي نظريُي ڪان متاثر هو. جيڪڏهن هي مانڊاڻ سارو ميڪانڪي هيو تہ پوءِ انهن اخلاقي ۽ روحاني قدرن جي ڪهڙي اهميت هئي، جي ماڻهو صدين کان ساهہ سان سانڊيندو رهيو هو ۽ جن کي هو زندگيءَ جي ملهائتي هڙ- حاصل سمجهندو هو؟

هارڊيءَ ايئن محسوس ٿي ڪيو تہ ماڻهو ڇوليءَ تي ڪک پن وانگر، انڌاري ڪان انڌاري تائين، لڙهندو ٿو وتي ۽ هن جي ان رولڙي پٽيان ڪائي بي ڪهل، گپت ۽ اوڀي شڪتي آهي. جڏهن هن جي

* جُنگ (۱۸۷۵ع ڪان ۱۹۶۱ع تائين)، نفسيات جو ماهر، جيڪو قوميت ۾ سُوئيس (Swiss) هو ۽ تجرباتي نفسيات جو باني هو.

* مارٽن بيوبر (۱۸۷۸ع ڪان ۱۹۶۵ع تائين)، يهودي فلسفي ۽ معلر هو. هن کي ويهين صديءَ جو وڏو مفڪر مڃيو ويندو آهي.

دادليءَ ڪردار ٽيس (Tess D' Urberville) کي ڦاسي اچي ٿي تہ هو چوي ٿو، "انصاف ڪيو ويو ۽ زنده جاويد صدر، ٽيس سان راند پوري ڪئي." خدا جي محبت بدران، هاردِيءَ کي هڪ ٻوڙيءَ ۽ انڊيءَ قوت جو احساس ٿيو، جا بداندیش هئي ۽ جنهن انسان ذات سان ڪيل پئي ڪيڏيو ۽ انسان جي اذيت ۾ لذت ٿي ورتي.

جديد ادب ۽ آرٽ ۾ هڪ جميل ۽ ڪُتل، ڇُڪايل ۽ اڪلايل ترتيب ڏهي ڏير ٿي پئي آهي. اها ڪنڙيل، ڇنل ڦاٽل حالت فرانز ڪافڪا (Kafka)*جي ناولن کان وٺي گراهم گرين (Graham Greene)+ جي اڻ گهڙيل ۽ ڪيڏنگن ناولن جي اهم علامت آهي. هڪ ناول ۾ گراهم گرين لکي ٿو، "مسٽر ٽينچ پنهنجي ايٿر سلينڈر (Ether- Cylinder) * جي، ميڪسيڪو جي هرندڙ سڄ ۽ ٽامٽي هنيل واريءَ ۾، نظرداري ڪرڻ ويو. ڪجهہ ڳجهون ڇت تان پنهنجيءَ ڪَڏيءَ الغرضائيءَ سان ڏسي رهيون هيون، هو ايان ڏوندِ نہ ٿيو هيو."

دنيا ۾ گناهہ جو احساس ۽ بيچيني هر غداريءَ سان وڏي رهيون آهن. انسانيت خلاف هر جرم تي اک ٻوٽ من ۾ آنڊ مانڊ پيدا ڪري رهي آهي، جنهن ساريءَ انسانذات کي لپيٽ ۾ ورتو آهي ۽ هر ڪنهن تي الزام لاءِ آڱر کڻي رهي آهي. جي "ويهين صديءَ جو اتهاس" (جو تازو جهازي سائيز ۾ ۱۹۹۰ع تائين ڇپيو آهي، جنهن ۾ ۱۳۷۶ صفحا آهن) پڙهبو تہ اهو ڏسي اسان جا ماٿا ڦري ويندا تہ هن صديءَ ۾ ڇا ڇا نہ ٿيو آهي.

منهنجي ولادت کان اڳ ۱۹۱۴ع ۾ پهرين مهاياري لڙائي لڳي، جنهن ۾ زيپ لن (Zepplin) هوائي جهاز هوا مان موت برسائي رهيا هيا،

* ڪافڪا: (۱۸۸۳ع کان ۱۹۲۴ع تائين) آسٽرو - جرمن ناول نگار ۽ ڪهاڻي نويس.

+ گراهم گرين: انگريز ناول نويس جو ۱۹۵۴ع ۾ ڇاپو هو، هن جا ناول هيجان خيز ٽيڪنيڪ ۽ مذهبي لب لهجي وارا آهن.

* ايٿر: (ڪيمسٽري) - سوڪيم وايو.
سلينڈر: نلي، ڏڳهو نڙو.

رڳو جرمن ناول نويس ايرڪ ميريا ريمارڪ * (Erich Maria Remarque) جو ناول "اولهه واري سرحد تي چپ چپات آهي' ۽ روسي ناول نويس سولزي نٽسن جو ناول "آگسٽ ۱۴" پڙهي ڏسندا تہ اکين اڳيان اهي دهشت انگيز واقعا ڦري ويندا جي ان جنگ ۾ ٿيا ها.

ٽيهين واري ڏهاڪي ۾ مسوليني جي فاشزم ۽ هٽلر جي نازي ازم جو اقتدار ۾ اچڻ، ۽ مهاڀاري لڙائي، بيلسن (Belson) ✣، بڪن والڊ (Buchenwald)✹، اوش وتز (Aush Witz)★ ۽ ڊاچو (Dachau) * (ڪيترا نہ ڪتاب پڙهيا آهن مون انڌيءَ ۽ جرمنيءَ جي ظلم ستر تي!) ۽ مهاڀاري لڙائيءَ ۾ جپان جي درندي صفتي، ۱۹۱۷ع ۾ روس جو انقلاب ۽ ۱۹۹۱ع ۾ يو.ايس.ايس.آر جي ستياناسي ۽ ان جي وچ ۾ ٻن ملين کان وڌيڪ ماڻهن جو قتل، گرفتاريون، آرٽ ۽ ادب تي پابنديون ۽ ٻيا ڪيئي جبر، اسان وٽ ورهاڱي جا راڳا، جن تي ٻيا سوين ڪتاب تہ ٺهيو، ۽ ڪرشن چندر جو 'هم وحشي هيں'، خوشونت سنگهه جو ناول Train to Pakistan، چمن نهال جو انگريزي ناول Azadi ۽ لئري ڪالنس ۽ ڊومنيڪ لاپيئري جو Freedom at Midnight اهو ڈيڪارٽ لاءِ ڪافي آهن تہ ماڻهو ڪيئن مرُون ٿي پيا ها ۽ ٻيون هزارين ڳالهيون جي روح کي ايڏا مهٽا ڏئي رهيون آهن.

ورجينا وولف◆ تہ ٽيهين واري ڏهاڪي ۾ ۽ آرٿر ڪوئسلر ۱۹۸۳ع

---

* ايرڪ ميريا ريمارڪ، (۱۸۹۸ع کان ۱۹۷۰ع تائين)، جرمن - آمريڪن ناول نويس.

✣ بيلسن، ۾ مهاڀاري لڙائيءَ ۾ هُنوور کان ۲۵ ميل پري ڪنسينٽريشن ڪئمپ (خاردار لوڙها (Concentration Camp) جتي جرمنيءَ جا مخالفن لاءِ (خاص ڪري يهودين لاءِ) ڪوس - گهر هوندا هئا.

✹ بڪن والڊ، وچ جرمنيءَ ۾ ڪنسينٽرين ڪئمپ.

★ آوش وتز، يهودين لاءِ جرمنيءَ ۾ ڪوس - گهر.

* ڊاچو، جرمنيءَ ۾ هڪ ريل جنڪشن، جا ميونخ کان ڪجهه ميل پري آهي ۽ جتي ۱۹۴۵ع ۾ يو.ايس جي فوج جرمن ڪئمپون ڳولي لڌيون هيون، جتي غلامن وانگر پورهيو ورتو ويندو هو.

◆ ورجينا وولف، (۱۸۸۲ع کان ۱۹۴۱ع تائين)، برٽش ناول نگار ۽ ادبي نقاد.

ٻر آپگهات ڪيو هو ۽ اردو شاعر ن.م.راشد جو لاش هن جي وصيّت موجب جلايو ويو. اهي سڀ Angst جا نتيجا ها ۽ اردو شاعر مصطفيٰ زيديءَ جي خودڪشيءَ وانگر نه ها. اردو شاعره سارا شگفته جي خودڪشيءَ ٻر Angst جي ڪيفيت انتها تي پهتل هئي.

جرمني ٻر ٻي مهاياري لڙائي هلندي، ماٺهن جي ڪلهن مان ميز - بتين جا ڏَڪ (Shade)، ماٺهن جي ميڇالن مان ٽهيل صابڻ، گئس چيمبر، نديءِ ڪنڌ ٻر ڪوڙيل متن سان ننگين عورتن جا جلوس، انهن جا ڪپيل ٽڻ، مُگرن موتين جهڙا ٻار هوا ٻر اڇلائي نيزن جي نوڪ تي جَهٽيل، ڪوهه جن ٻر پيڙ لاءِ پاڻيءَ بدران ماٺهوءَ جو رت هو ۽ جن ٻر لاش سٽيا پيا ها، پاڙن جا پاڙا، اڪين ٻوٽ، انڊا، نرلڇا، ڦورو، ڪاڙيا، ڪپتيا ۽ رت پياڪ، ان ڪان پوءِ ائٽم بر جي ڳناهه جو احساس، هيروشيما، ناگاساڪي، سڙيل ماس، ڦريل منهن، لڙڪيل چمڙيون، سڪل ڏڙ، ٽنڊا منڊا، ڏنگا ڏڏا، ڪوجها، ڪُروپ، ڪريٽ جهڙا. 'آنڊ مانڊ جي دؤر'، 'ڪُريءَ ٻڌا جي دؤر' ڪي آندو، 'هيبت ۽ هراس ۽ دهشت گردي‌ءَ جي دؤر' ڪي آندو. ان ڪان پوءِ هڊروجن بر جي ايجاد ٽي ۽ هراس ڪي ايڏا وڌايو ويو. هڪ نئون سائنس فڪشن (Fiction) وجود ٻر آيو، جنهن ٻر اتي ڏماڪا، جراثيم سان ويڙهاند، خلائي جهاز ۽ مارس (Mars) گرهه تان راڪاسن جون ڪاهون!

خود منهنجي زندگي ڪيتري نه آنڊ مانڊ سان گذري آهي، شهر نيڪاليون، جيل، حملا، گهر بدري، پرپٽ هر شيءِ جي چوريءَ جڏهن ڪان ون يونٽ واري دؤر ٻر مون تي فريئر روڊ سڪر تي حملو ڪيو ويو هو (منهنجو ڏوهه اهو هو ته مون شهرين کي امن سان رهڻ لاءِ سڪر جي رستي رستي تي تقريرون ٽي ڪيون)، تڏهن ڪان مون وٽ ليسن وارو پستول، ريوالور، پائنٽ ٽو ٽو رائيفل، سيون (۷) ايم.ايم رائيفل ۽ هڪ فارين شاٽ گن آهي، جن لاءِ مان هزارين رپيا ليسن جي في يري چڪو آهيان. مون کي هڪ پيري سوپي طنز سان چيو هو ته، 'مان دنيا ٻر وڏي ٻر وڏو هٿياربند شاعر آهيان.' مون يونيورسٽيءَ ٻر ملٽري سائنس جي شعبي جي چئرمين کان مشين گن هلائڻ جي ٽريننگ ورتي هئي. مان

جو ڪنهن خرگوش کي ٻه مارڻ نه چاهيندو آهيان. مون راتين جون راتيون اکين ۾ ڪاٽيون آهن ۽ ويليم فائيو Valium 5 کان سواءِ ننڊ نه ڪئي آهي! پوءِ ٻه ڏهاڙيل ٻن سالن کان شاعري سيلاب نوح وانگر اچي رهي آهي ۽ مان پاڻ سان گڏ هر اها شيءِ بچائي آيو آهيان جا بچائڻ گهربي هئي.

مون کي ڪيترو نه اها پياري رقاصه ازئڊورا ڊنڪن (Isadora Duncan) ياد ايندي آهي جنهن جي ڪار ۾ ويندي پاتل شال ڪار جي ڦيٿي ۾ وڃڙي وئي هئي ۽ هوءَ گهٽجي مري وئي هئي. اهو موت ڪيترو نه آسان هو! اڄ ڪلهه زندگي ڪيتري نه مشڪل آهي!!

Angst ته ٻلا شاهه ۽ ٻانڀڙيءَ جي شاعريءَ تي ٻه اثر ڪيو آهي. ٻلا شاهه جا شعر ته مان ٻي ڪنهن ڪتاب ۾ ڏٺي ڇڪو آهيان. هتي ٻانڀڙيءَ جا ڪجهه شعر ٿو ڏيان:

مُنيس جَهلَ مهار، ڪُنيس ڪاهه مَ ڪَرهو.

•

ويجَ وَرائي ٻانهن، چوري چاکَ نِهاريا.

•

اڄ پڻ ڪِنجهو ڪِنجهه، وادوڙڪي منهي.

•

پاڙي ناهه پروڙ ته ڪا رات رنجائي گذري.

ساري رسالي ۾ ڪيئي اهڙا شعر آهن جن مان ائين ٿو ڏسجي ته هو ساري اڻ تڻ، ساري ڳڻتي، ساري پيڙا پي ويو آهي، پر پوءِ ٻه اها هن جي ٻوليءَ مان ابڙڪا ڪائي رهي آهي. آخر ٻانڀڙيءَ جي دؤر ۾ ئي قاضي قاضن پيدا ٿيو هو، مغلن جي حڪومت جو زوال آيو هو، نادر شاهه جو حملو ٿيو هو جو نور محمد ڪلهوڙي جا پٽ يرغمال طور وٺي ويو هو ۽ پورچوگيزن ڏٺي کي باهه ڏني هئي ۽ تباهه ڪيو هو! اها ئي Angst آهي جا منهنجي شاعريءَ ۾ ٻه آهي. جتي ٻه ان نعري بازيءَ جو روپ ورتو آهي، اتي شاعريءَ کي ڏڪ لڳو آهي. شاعري نعري بازي نه آهي پوءِ ٻه اها سماج کان منهن نه ٽي ڦيري. شاعري زندگيءَ جي حسن ۽

قباحت، ٻنهي کي گهرائپ سان محسوس ڪري ٿي، ٻنهي جو اظهار ڪري ٿي، اها ادب برائي ادب ۾ آهي، ادب برائي زندگي ۾ آهي.

گرهام گرين جي هڪ فلم "ٽيون ماڻهو" ۾ 'هٽري لائيمر' جو هڪ عَل غپاڑي وارو جهانسي باز(Racketeer) آهي، چوي ٿو، "اڄ ڪلهه ڪوبه انسانيت جي نالي ۾ نه ٿو سوچي، جڏهن سرڪارون نه ٽيون سوچن ته اسان ڇو سوچون؟ اهي عوام ۽ پرولتاريت جي ڳالهه ڪن ٽيون ۽ مان ساغر ۽ مينا جي ڳالهه ٿو ڪيان، هن جي پنهنجي پنجن سالن جي رٽا آهي، مون کي پنهنجن پنجن سالن جي."

پر هڪ شاعر ۾ اهو گهري بي اطمينانيءَ جو جذبو هن جي شاعريءَ ۾ ڪنهن به مصوّر، نقاش، صنم تراش يا ٻي فنڪار کان وڌيڪ اظهار پائي ٿو. ان جو مُحرڪ جذبو سماج ۾ پنهنجيءَ ذات جو اظهار آهي، جو گهٽو ڪري سماج تي اثرانداز ٿئي ٿو، پر شاعر ان جي نتيجي کان بي پرواهه رهي ٿو.

آڊن (Auden) جنهن جو پهريون استاد هارڊي هيو تنهن هڪ شعر ۾ چيو آهي:

"اسان سوداءَ ۾ اچون ٿا، ۽ کهريءَ
طبيعت سان موٽون ٿا
پنهنجي ٽرٽڻي دڳ تي؛
هڪ سفُيد خاموشي آهي
ٻنهي پاسي گند-مار دوائن ۽ وِڊ ڪٽ جي اوزارن جي وچ ۾،
ڪوئي وڻلي رهيو آهي،
۽ پڪ سان ڪُٽ شرمندو آهي."

ان Angst جي فضا ۾ ڪنهن ازلي هستيءَ ۾ اعتبار، ان جي ساري تاجي پيڙي تي پروسو. هن ڪائنات پٽيان ڪائنات کي اتفاقي نه سمجهي، بنيادي نيڪيءَ جو شعوري احساس ۽ پٽائي واري ڪيفيت ته:

پريان سندي پارَ جي مڙيوئي مٽائي
ڪانهي ڪَڙائي، چڪين جي چيت ڪَري.

دل کي ڏير ڏئي ٿي، ڪنڊڙيءَ جو ڪلام ياد اچي ٿو:

ڪفر ۽ اسلام ۾ ٿا ابتا پرن پير
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبة الله ۾.

ادب زندگيءَ لاءِ ته آهي پر ان کي وڌيڪ اڳرو، وڌيڪ اٿيو، وڌيڪ اڻ - سجلائتو بڻائڻ لاءِ نه آهي. زندگي ڪيتري نه بدزيبي آهي! ان کي زيب جي ضرورت آهي، ان کي سجل بڻائڻو آهي ۽ اها آرٽ جي وڏي ۾ وڏي سوپ آهي، وڏي ۾ وڏو ڪاريه آهي؛ زندگيءَ کي حسن جي سوغات ڏيڻ کان وڌيڪ ماٺهو ڪهڙي ڪيپ ڪٽي سگهي ٿو!

هيٺيان جپاني شعر ادب برائي زندگي جي ملاکڙي ۾ نه ٿا اچن، اهي فقط هوليءَ ۾ حسن جي تخليق ڪن ٿا ۽ ان آنڊ ماندَ کي گهٽائين ٿا، جا انسان جي من کي وڻ ويڑهيءَ وانگر وکوڙي وئي آهي. اهي صعنتي انقلاب کان پوءِ واري جپان جا شعر نه آهن، ڪنهن اخلاق جو پرچار به نه آهن، سياسي نعرو به نه آهن:

●

روز اڳي کان وڌيڪ
دل ان راڄ ڏانيءَ لاءِ
ڇڪون ڏئي ٿي،
جا مان ڇڏي ڇڪو آهيان!
اوهه! مون کي انهن لهرن سان
ڪيترو نه ساڙ ٿئي ٿو،
جي موتي سگهن ٿيون!

●

هن دنيا ۾ ڪهڙي شيءِ کي جڻاءُ آهي؟
ڪالهه مون اشوڪانديءَ ۾ ٽهيون ڏنيون هيون
اڄ اتي تانگهو پاڻي بينو آهي.

●

مان هن وقت چئي نہ ٿو سگهان
تہ منهنجو جهونو دوست ڇا سوچي رهيو آهي،
پر آڙوءَ جي وڻ جا پن
جي مان هن جي جاءِ تي ڏسندو هوس
انهن ۾ اڃان پراڻي خوشبو آهي.

●

گاهہ جا وڻ
پنهنجا رنگ بدلائن ٿا،
پر لهرن جي ڦوهہ جوين تي،
سمنڊ جي ويڪري پڌر ۾
سرءُ نہ ايندي آهي.

●

ان الوداع کان ولي
جنهن وقت هوءَ ايتري بي احساس هئي
جيترو چنڊ جهونجهڪڙي ۾ هوندو آهي،
ڪائي شيءِ ايتري ڪنور نہ آهي
جيترو باک جو سوجهرو.
جنهن وقت واهرندو ورندو آهي،
اڇا ڪکر ڦڙت لڳندا آهن
پهاڙ جي چوٽيءَ تي
ڇا تنهنجي دل انهن وانگر ٽڏي آهي؟

●

ڇا اها اڏامي وئي آهي
جا ڪويل ڪوڪي رهي هئي
۽ مون کي اڌ رات جو جاڳائي رهي هئي
پو به اڃا تائين ان جا گيت
منهنجي ويهاٽي جي پرسان رکيا آهن.

●

●

آنءُ ڏسي رهيو آهيان تہ چٽيل گل
پنهنجي ٽاريءَ تي موٽي رهيا آهن،
اوهہ! پوپٽ!

●

جي مينهن پوي
تہ پنهنجي ڇتيءَ سان اچجانءِ!
آڏيءَ رات جو چنڊ.

●

او، او، او!
مان تہ اهوئي ٽي چٽي سگهان
انهن چيرين * کي ڏسي.

●

ڪکر ڪڏهن ڪڏهن
ماڻهن کان آرام ڇڏائي رهيا آهن،
چنڊ جي لقاءَ کان.

●

اڇ، اڇ، مان ان کي سڏيان ٿو،
پر ڪڙ ڪهيتو
پنهنجي راهہ رمندو ٿو رهي.

●

نينگريون ساريون پوکي رهيون آهن
رڳو انهن جا گيت
مٽيءَ کان آجا آهن.

●

مان جلد ئي مرندس
پر ان جو پرو نہ پوندو
تڏي جي ترل رل ۾.

* چيرين: ميوي جو نالو، جو هاڻي اتر پاڪستان ۾ بہ ٿيندو آهي، اڳي رڳو چمن مان ايندو هيون.

●

منهنجي باغ ۾
ديسي گلن جي پرسان
وديشي گل به
ڪڙي رهيا آهن.

●

سياڻو، چندُ،
جيئن مان اڪيلو ٿهلان ٿو،
پُل تي ٽاپ ٽاپ ٿي رهي آهي.

●

ڪيڏي نه خوشي ٿي ٿئي
جڏهن آءُ ڪاغذ پکيڙي
پنهنجو برش ڪٽان ٿو
۽ ڏسان ٿو ته اهو
منهنجي توقع کان چگي مصوّري ڪري رهيو آهي.

اها ڪهڙي نه خوشيءَ جي ڳالهه آهي
ته سَون ڏينهن جي مٽي ماريءَ کان پوءِ،
جو نظم تخليق نه ٿي ٿيو،
اوچتو وجود ۾ اچي وڃي ٿو.

اها ڪهڙي نه خوشيءَ جي ڳالهه آهي
جو مان پرهه جو اٿي، ٻاهر چڪر ڏيان ٿو
ته هڪ پوري ٽڙيل گل تي نظر پوي ٿي
جو ڪالهه اتي ڪونه هو.

اها ڪهڙي نه خوشيءَ جي ڳالهه آهي
جڏهن مان ڪلهير کي ٿوڪيان ٿو
جيئن ٻاهه جي ڇيپيءَ جو قرمچي رنگ ڏسي سگهان،
ته مون کي (ان تي) پاڻي ٽپڪندو لڳي ٿو.

اهي ڪجهہ ڄاڻي هائڪو ۽ نظم، انهن هزارن نظمن مان آهن، جي مون هر ملڪ جي چونڊ شاعريءَ ۾ پڙهيا آهن. ڇا اهي ڪائي ترقيءَ جي ڳالهہ ڪن ٿا؟ ڇا اهي ادب برائي زندگيءَ جو ان معنيٰ ۾ حصو آهن جا ان کي مارڪسسٽ ڏيندا ها؟ ڇا انهن کي ڪائي افاديت، ڪائي سياسي اهميت آهي؟ مون کي هن وقت ادب برائي انقلاب واري شاعري مغربي مصوّر ايڊگر ڊيگاس (Edger Degas) * جي ياد ڏياريندي آهي جنهن يوناني مصوّر ايل گريڪو (El Greco) جي هڪ تصوير خريد ڪري بستري مٿان ديوار ۾ ڪنڊ ڪليءَ ۾ ٽنگي ڇڏي هئي ۽ ننڍ وقت، پنهنجي پٽنٽ لاهي، ان مٿان ٽنگي ڇڏيندو هو.

يونان جي عظيم شاعر ڪازان زاڪس جو هي نظم ادب لاءِ آهي يا زندگيءَ لاءِ آهي:

"مون بادام جي درخت کان پڇيو، 'خدا ڇا آهي؟' بادام جي درخت ۾ گل ڦٽي پيا.

ڪنهن ڇيو آهي "ادب جو زندگيءَ سان تعلق اوّلين اهميت وارو آهي، خاص ڪري هن شڪي ۽ بد عقيدي واري دؤر ۾، جنهنجو خدا ۾ اعتبار نہ رهيو آهي ۽ انساني ذهن پنهنجي تخليق ڏانهن مڙي ٿو ۽ ان کي جاچي ڏسي ٿو، نہ رڳو جمالياتي نڪتہ نگاہ کان، ان لاءِ نہ تہ ان تي ڪهڙو الهام ٿيو آهي، پر ان لاءِ تہ ان ڇا کي جائز سمجهيو آهي، ڇا کي ناجائز سمجهو آهي ۽ اها ڪهڙي ٽيڪ ڏئي ٿي." ويهين صديءَ ۾ ٻيو نہ تہ ادبي تخليق جو اهو سهارو ئي ڪافي آهي، پر ڇا کي ابدي سچ نہ آهن؟

عبدالقادر بيدل دهلويءَ جو هڪ شعر آهي:

فلک بہ مردمِ سفلہ دهد زمامِ مراد
تو اهلِ دانش وَ فضلی همیں گناهتَ بس.

(آسمان ڪڏن ماڻهن کي مراد جون واڳون ڏئي ڇڏي ٿو يعني اهي مراد ماڻن ٿا، تو وٽ تہ دانش ۽ فضل آهي، تنهنجو اهو گناهہ ئي ڪافي آهي.)

* ايڊگر ڊيگاس، (١٨٣٤ع کان ١٩١٧ع تائين)، فرينچ مصور ۽ سنگ تراش.

اسان سمجهيو هو ته جڏهن مارڪسزم اڏ دنيا تي ڇانيل هئي ته ڪڏا ماڻهو يا تهس نهس ڪيا ويا ها يا پٽ تي ڏڪيا ويا ها. جديد تاريخ ڏيکاريو آهي ته اهي ڪميونزم ۽ اڳي کان اڳرا ها ۽ ساريون واڳون انهن جي وس هيون. هاڻي ٻڌايو ته بيدل جو مٿيون شعر 'ادب برائي حقيقت آهي' يا نه، حقيقت، جا وقت سان بدلجندي رهندي آهي. سنڌ جي ڪوهيڙيءَ ڇيڙيل تاريخ تي نقاد بنا ڪنهن دور رس نگاهه جي، شاهه عنايت جو اهو شعر ورجائيندا آهن:

سردر قدمِ يار فدا شد چه بجا شد
اين بارِ گران بود ادا شد چه بجا شد.

ڇا اهو يار جنهن جي قدم تي هن سر ڏنو، هن جو سماج هو يا هن جو خدا هو؟

هڪ هٿرادو تاريخ گهڙي ان کي سوشلزم جو ڇٽ ڇڇيءَ ۽ وڏو ويو آهي. شاهه عنايت جي سياسي بغاوت، روم ۽ غلامن جي باغي سربراهه اسپارٽيڪس جي بغاوت کان، جنهن تي هاورڊ فاسٽ ناول لکيو آهي، سياسي لحاظ کان وڏيڪ بامعنيٰ نه آهي. شاهه عنايت ته منصور واري روايت دهرائي هئي ته:

من ازسر نو جلوه دهم دار و رسن را
(مان ٻيهر قاسيءَ کي چمڪائي رهيو آهيان.)

فارسي شاعريءَ ۾ هزارين مثال آهن، جي 'ادب برائي زندگي' ڇئي نٿا سگهجن مگر انهن کي تا ابد پائيندگي آهي ڇو ته انهن اهي بنيادي حقيقتون ڇولي لڌيون آهن، جن کي وقت ميساري نه سگهيو آهي. مان وري بيدل جو هڪ شعر ڏيان ٿو:

زسيرِ عالمِ دل غافليم ورنه حباب
سري اگر بهِ گريبان فروبرَد درياست

(اسان دل جي عالم جو سير نه ڪيو آهي نه ته پاڻيءَ جو ڦوٽو جيڪڏهن پنهنجي پاند ۾ منهن وجهي ڏسي ته درياهه آهي.)

اهو تصوّف جو شعر آهي ۽ جي انسان پاڻ ۾ ڪجهہ وقت لاءِ گم ٿي وڃي ٿو تہ آندَ مانڊ (Angst) خودبخود ختم ٿي وڃي ٿي.

هونءَ تہ ڪيترائي شعر سماجي اهميت جا حامل آهن پر انهن جي اظهار جو بہ طريقو آهي ۽ انهن کي پنهنجي دؤر کان پوءِ بہ پائيندگي آهي.

رهي معيريءَ جو هڪ شعر آهي:

همراهِ خود نسيم صبا مے بُرد مرا
يا ربّ! چون بوئے گل بہ کجا مے برد مرا.

(پرهہ جي هير مون کي پاڻ سان وٺي وڃي ٿي. اي خدا! اها گل جي خوشبوءِ وانگر مون کي ڪيڏانهن ٿي وٺي وڃي؟)

اهو شعر ڪوئي بہ ۲۴ نومبر ۱۹۹۲ع جون حالتون ڏسي بہ چئي سگهي ٿو پر ان جي اهميت آفاقي آهي.

مون وٽ اهڙا هزارين مثال آهن، جي ادب برائي زندگيءَ جي قطار ۾ نہ ٿا اچن پر پو بہ صديون ٿي ويون آهن تہ اهي زنده ۽ تابنده آهن ۽ انهن کي ان طرح پرکي نہ ٿو سگهجي تہ ڪنهن انقلاب يا سماجي ڦيرگهير کي اڳتي وڌائن ٿا يا نہ. دراصل ادب جو انقلابي نظريو بہ مارڪس جي پرولتاري انقلاب جي نظرئي وانگر غلط ثابت ٿيو آهي، جي فرانس جي زوال پذير معاشري جي چنڊچاڻ ڪري، ان جي پوري جاءِ ڳولي ويندي تہ اهو تسليم ڪيو ويندو تہ ادب پرولتاري انقلاب جو ذريعو نہ آهي ڇو تہ پرولتاري حڪومت جي پنجهتر سالن جي قبضي کان پوءِ بہ اسان جي زندگي اڳي کان ابتر ٿي وئي آهي.

روسي اديب سولزي نٽسن جو پويون ڪتاب 'روس جي نئين تعمير' (Rebuilding Russia) جو ترجمو ۱۹۹۱ع ۾ انگريزيءَ ۾ ڇپيوآهي، ان جي پهرين صفحي تي چوڻيءَ تي لکيل آهي تہ:

"ڪميونزم لاءِ وقت آخري بار پورو ٿي چڪو آهي، پر ان جي

ڪنڪريٽ جي عمارت ايان ڏهي ڏير نہ ٽي آهي. متان اسان آزادي حاصل ڪرڻ بجاءِ ان جي ڏير هيٺان دٻجي ويون!" ✧

ان ڪتاب کي ماسڪو ۾ ڇپي ٻہ سال ٽي ويا آهن ۽ ان وچ ۾ دنيا بدلجي وئي آهي، نہ وري اسان وٽ ڪميونزم آئي هئي. اسان جي سياسي منزل تہ جمهوريت ۽ فلاحي مملڪت آهي. ان جي قدرن لاءِ ڪوئي نعري بازيءَ ۽ اشتهار سازيءَ کان سواءِ لکي تہ اعتراض نہ آهي.

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ حقيقت ٿي ادبي تخليق جو بنياد آهي، پر فقط بنياد ٿي تہ آهي. پر ان ۾ ٻہ شڪ نہ آهي تہ جيڪي اسان پٿهنجي اندر ۾ ڏسون ٿا اهو ان جيترو ايتروئي اهم آهي، جيترو اکين سان ڏسون ٿا. ان ۾ ٻہ شڪ نہ آهي تہ زندگيءَ ۾ ڪجهہ ٻہ خوبصورت نہ آهي سَوا زندگي جي، پر خوبصورتي ۽ ان جي تخليق زندگيءَ تي مُقدم آهي ۽ ان کان سواءِ زندگي بي ڪيف ۽ بي معنيٰ آهي. جي شاعر پٽ - ڪيڙن مان ريشمي پوشاڪ اٿي تہ ڪنهن کي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو؟ ڇا اهو ضروري آهي تہ سِٽون سوٽي ڪوٽ وانگر ڦهلائي ڇڏي؟

مون اڳيئي 'ننڍ وليون' جي مهاڳ ۾ ڪرين (Hart Crane) جو ذڪر ڪيو آهي تہ هو شهري زندگيءَ جي بهترين ٽن شاعرن مان آهي. مان اهو ٻہ لکيو آهي تہ ڪِرين هيلن آف ٽراءِ کي ٽرام (Street Car) ۾ سفر ڪندي ڏيکاريو آهي؛ هيلن جي درٻار جون ڊايونيزين (Dionesian) * رنگ رليون ۽ هن جي لڇا لٽ هڪ ميٽرو پوليٽن باغ جي ڇت (Metropolitan roof garden) تي ٽئي ٽي، جنهن جاءِ تي جاز (Jazz) آرڪسٽرا جي ڏن وڄي رهي آهي؛ تاريخ جي ٻن دؤرن جي وچ ۾ ڪوازو ناهيو ويو آهي، ان ۾ حد کان وڌيڪ اڻاءُ آهي، پر

✧Time has finaly run out for Communism, But its concrete edifice has not yet crumbled, may we not be crushed beneath its rubble instead of gaining liberty.

* ڊايونيسَس: رنگ رلين جو يوناني ديوتا. ڊايونيزين انگريزيءَ ۾ ڊايونيسَس مان صفت آهي.

ماڻهوءَ جي ويچار لاءِ ساڳيا موضوع آهن، پيار جا، سونهن جا، موت جا ۽ نؤتن ◆ جنم جا. ائين ٿو لڳي ته ڪرين ہن دؤرن جي وچ ۾ اوڏ هنئي آهي. اسان ہ سهڻي، سسئيءَ، سورٺ، ليلا، مومل ۽ موڪيءَ جي روايت جو پنهنجي دؤر جي حقيقت سان ائين ڳانڍاپو ڪيون ٿا.

دنيا ايتري تيزيءَ سان بدلجي وئي آهي جو ماضيءَ ۽ حال جي وچ ۾ گفتگوءَ لاءِ ٿورا لفظ وڃي رهيا آهن. اڳئين دؤر جون مذهبي ڏند ڪٿائون ڪلڻ هاب ٿيون لڳن. پر پوءِ ہ ادب هڪ تسلسل آهي ۽ انساني قدر هڪ سيڙهي ٺاهن ٿا. جا ماضيءَ ۽ حال، ہنهي ڪي متي نِئي ٿي ۽ اهي قدر اضافي نہ آهن، مستقل آهن. اسڪاءِ - اسڪريپرس (Sky Scrappers) جي دنيا ۾، اڄ ہ تاج محل ۾ ساڳي تازگي، حسن ۽ ڪشش آهي جا شاهجان جي دؤر ۾ هئي. آرڪميڊيز * جي ٿيوري اها اهميت وڃائي ويٺي آهي جيڪا اُن کي اڳ هئي، جيتوٽيڪ اها ہ هڪ بنيادي سچ هئي.

منهنجي نظر ۾ سونهن جي تخليق سائنس ۽ سچ کان وڌيڪ پاينده آهي.

آڏن ★ شاعريءَ تي هڪ مضمون ۾ چيو آهي:

"اسان جي دنيا ۾ سچا پچا عملي انسان، جيڪي دنيا کي بدلائن ٿا، اهي نہ سياست دان آهن، نہ مُدَبر آهن، پر سائنسدان آهن. بدنصيبيءَ سان شاعري انهن سائنسدانن کي ناليرو ٻڌائي نہ ٿي سگهي، ڇو ته انهن جو واسطو شين سان آهي ۽ نہ انسانن سان ۽ ان ڪري انهن جي زبان بند آهي."

"مان جڏهن سائنسدانن جي صحبت ۾ هوندو آهيان ته پاڻ کي هڪ ڪٽڙيل، پاجي، پادري سمجهندو آهيان، جو اول درجي جي نوابن (Dukes) جي وچ ۾ ٻُل ۾ هلي ويو هجي."

◆ نَؤتن: نئون

* آرڪميڊيز (Archimides): (۲۸۷ ق.م کان ۲۱۲ ق.م تائين): يوناني رياضيات جو ماهر جو سسليءَ ۾ رهندو هو.

★ اهو حوالو Poetry of modern Age ڪتاب ۾ ڇپيو آهي ۽ آڏن چالهين ڏهاڪي ۾ هڪ ڪميونسٽ هو.

پر ڇا سچ پچ ائين آهي؟ دنيا کي دوزخ بڻائڻ لاءِ بہ تہ اهي سائنسدان ذميوار آهن. هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ لاءِ ذميدار بہ تہ اهي آهن. هئڊروجن بم ۽ ان کان بہ خطرناڪ هٿيارن ٺاهڻ وارا بہ تہ اهي آهن! تازو عراق ۾ ڏيڍ لک ماڻهو ہن ڏينهن ۾ ناس ٿي ويا ۽ دنيا جي قديم ترين تهذيب تهس نهس ڪئي وئي. سچ تہ سائنس Angst وڌائي آهي، گهٽائي نہ آهي. ادب ۽ آرٽ، جي ان کي گهٽائڻ چاهي تہ گهٽائي سگهي ٿو.

مان تہ ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ شاعر جيترو انبوهہ کان دور آهي اوترو هن لاءِ چڱو آهي.

ساڻي آڏن چيو آهي:

"هر ماڻهوءَ کي پنهنجي هڪ مخصوص خوشبوءِ ٿئي ٿي، جا هن جي زال، هن جا ٻار، ۽ هن جو ڪتو يڪدم سڃاڻي وڃي ٿو. انبوهہ کي عامي عفونت آهي، عوام ۾ ڏپ ڪانهي."

"فسادي ميڙ فعال آهي، اهو پڄي پورا ڪري ٿو، ماري ٿو ۽ ٻلهار وڃي ٿو. عوام خاموش آهي، وڌ ۾ وڌ پُڇ پُڇيو ۽ سونجهڻو آهي. اهو نہ قاتل آهي ۽ نہ ڪنهن تي قربان ٿئي ٿو، اهو فقط ڏسندو رهي ٿو يا اڪيون ڦيري ڇڏي ٿو. جڏهن فسادي ميڙ هڪ نيگرو کي ڪٽي ٿو يا پوليس جو سپاهي هڪ يهوديءَ کي ٻڌي، گئس جي ڪوري ڏانهن وڃي ٿو."

"ڪنهن ڪنهن وقت عوام هڪ انبوهہ سان ملي وڃي ٿو ۽ انبوهہ ۾ نمايان لڳي ٿو. مثلاً ان لاءِ ڪئو ٿئي ٿو تہ تباهي ڪندڙ ٽولي کي پراڻن گهراڻن جون حويليون ڍاهي پٽ ڪندو ڏسي ۽ هن کي هڪ ٻي ثابتي ملي تہ جبر جي اڳيان محبت ڪجهہ بہ نہ آهي."

اهوئي انبوهہ جي باري ۾ عيني شعور آهي يا اخبارن مان حاصل مطالعاتي شعور آهي، جنهن ماڻهوءَ جي ٻيڙا ۾ اضافو ڪيو آهي.

هڪ ڪڙمي ڪاسبي جڏهن شاعر سان گڏجي ٿو تہ ہنهي ۾ ڏي وٺ ۽ ڳالهہ ٻولهہ جي وٽي ٽوري آهي، پر جڏهن ٻئي سنڌ سيڪريٽريٽ يا تغلق هائوس ۾ ڪنهن بيوروڪريٽ سان گڏجن ٿا تہ هن ہنهي کي

ساڻو ملاقات جو انتظار ۽ ان جي نتيجي جو خوف آهي، جڏ هو پيڙي کان ٻاهر سرڪس جا چيتا ڏسي ڊڄي ويڻ ٿا. هتن کي افسرشاهيءَ جي دنيا مان غير حَقيقيَت جي بوءِ اچي ٿي، هو خود رڳو ملڪ جي شماريات مان آهن، انسان نه آهن. انهيءَ ماحول ۾ Angst وڌي ٿي، انهيءَ ۾ ئي استاد بخاري لا - علاج ٿي مري ويو. مان ٻيهر علاج لاءِ آمريڪا نه ويس ۽ جمال ابڙي کي جڏهن ڪلچر ڊپارٽمينٽ گهرايو هو ته تقرير ۾ هڪ اٽليءَ جي ناول نويس جو قول ٻڌايو هيم ته، "اڳي مان هن وانگر چوندو هوس ته ڊاڪٽر تون منهنجو خدا آهين. پر صحتياب نه ٿيو هوس، جڏهن کان مون چوڻ شروع ڪيو آهي ته خدا! تون منهنجو ڊاڪٽر آهين تڏهن کان مون کي صحت ملي آهي."

اهي سڀ ڳالهيون جن جو مان مٿي ذڪر ڪيو آهي، منهن جي تحت الشعور ۾ هيون جڏهن مون 'سر لوهيڙا ڇيڙيا' جا ڇهه نوٽ بوڪ لکيا.

هاڻي مان اچان ٿو نثري نظم تي، مون اڳي به ڪٿي لکيو آهي ته فيض احمد فيض مون کي چيو هو ته ماڻهو يا ته نثر لکندو آهي يا نظم، اهو نثري نظم ڪهڙي بلا آهي؟ فيض آزاد نظم ته لکيا ها جن ۾ سٽون نديون وڏيون هيون پر نه رڳو سٽن ۾ اندروني ترنم هوندو هو، پر انهن جا قافيا به ڪٿي نه ڪٿي ملي ويندا ها ۽ جيتوڻيڪ نظم کي مخصوص هيئت نه هوندي هئي پر اهو ڪنهن نه ڪنهن بحر و وزن تي هوندو هو.

تصدق حسين خالد، ن-م- راشد، ميراجي وغيره جا نظم به سٽن جي ڳهٽ وڌائي هوندي به بحر وزن ۾ پورا هوندا ها. مون انگريزي ادب تي ڪيئي ڪتاب ڏٺا پر نثري نظم جي تنقيد تي ڪنهن نقاد جو خاص ڪتاب نه ملیو ۽ نه نثري نظمن جي ڪنهن به مجموعي ۾ مون کي نثري نظم تي ڪوئي اهڙو مهاڳ ملیو. البت مادرنزم (جديديت) تي ٦٨٨ صفحا ڪتاب جو منهنجي دوست گني سامتاڻيءَ بمبئيءَ ۾ مون کي تحفي طور ڏنو هو، ان ۾ نثري نظم ۽ آزاد نظم تي هڪ باب هو. ايرندڙ جديديت جو مڪيم اونو اهو هو ته جديديت کي تجرباتي ۽

وجودي جماليات مان نجات ڏياري وڃي. رستا ڳوليا ويا تہ آرٽ جي هڪ شهپاري کي حقيقت جو اتارو نہ ٻڌايو وڃي ۽ نہ ان کي حقيقت جو نعم البدل ٻڌايو وڃي، پر ان سان حقيقت ۾ شدّت پيدا ڪئي وڃي. باقائدي بحر و وزن جي پابند شاعري تہ گهڻو ڪري حقيقت کي اضطراب ٿي ڏئي يا ان جو گلو گهٽي ٿي ڇڏي. شاعر جا لفظ قافيي ۽ رديف جي چڪر ۾ اچي ٿا وڃن، جن جو استعمال اڳي ئي فرض ڪيو ٿو وڃي، جيئن اردو غزل ۾ شاعر ايجا منهن مان لفظ مس ڪيندو آهي تہ ٻڌندڙ اڳواٽ ئي سِٽ پوري ڪري وٺندو آهي. اردو غزل ۾ پنجاهہ سٽ قافين جو چڪر آهي جنهن جي رڙن رڙن ٻڌي ڪن پچي پيا آهن. ان جي وزن، قافئي، ۽ رديف جي استعمال فڪر کي لوڙهو ڏئي ڇڏيو آهي. محدود تشبيهون، استعارا، پس منظر، لوڪ ڪٿائون، لفظ، سڀ ساڳيا ڦري ٿا اچن، ٻيو تہ ڇهيو پر نندي کنڊ ۾ غالب کان فيض تائين اها ڪ ڪندڙ ساڳيائپ آهي. ساڳيو ڪوهکن، هن جي جوئي شير لاءِ جانِ ڪَني ٻڌي ٻڌي روح بيزار ٿي ٻيو آهي.

مثال طور بيدل جا هي ٻہ شعر ساڳي ئي روايتي حباب ۽ دريا جي پس منظر ۾ آهن:

زسَير عالم دل غافليم ورنہ حباب
سَري اگر بگريبان فرو برد درياست

ترجمو: - دل جي عالم جو سير نہ ٿا ڪيون نہ تہ حباب (پاڻيءَ جو بُد بُدو)، جي پنهنجي پاند مان منهن مٿي ڪري تہ درياهہ آهي.

يا

مباش همچوگهر مرده ريگ اين دريا
نظر بلند کن و همتِ حباب طلب

ترجمو: اي درياهہ جي واري موتي وانگر مرده ٿي نہ پَؤ، نظر مٿي ڪر ۽ حباب جي هِمّت ڌار.

هاڻي ٻيا ڪجهہ فارسي ۽ اردوءَ جا شعر هت اهو ڏيکارڻ لاءِ ڏيان ٿو تہ ڪيئن فارسيءَ ۽ اردوءَ ۾ ساڳيا لفظ الڳ معنيٰ ۾ ڪم ٿا اچن.

بيدل جو هڪ شعر آهي:

کو دماغي آنکه ما از ناخدا منتَ کشيم
کشتيءِ بي دست و پائيها کنارِ رحمت است

ترجمو: هاڻي ناکئي سان ڪير مٿو ماريءِ هن جو ٽورو ڪٽي، هيءَ ٻيڙي جنهن کي هٿ پير ڪونهن، ان لاءِ رحمت جو ڪنارو آهي.

ساڳين لفظن ناخدا ۽ ڪشتيءَ کي استعمال ڪري ذوق اردوءَ ۾ چيو آهي:

احسان ناخدا کے اٹھائے مری بلا
کشتی خدا پہ چھوڑ دوں لنگر کو توڑدوں

يا ڪوهڪن جي باري ۾ غالب جو هيٺيون شعر:

کیست کز کوشش فرهاد نشان باز دهد
مگر آن نقش که از تیشه به خارامانده

شعر نهايت خوبصورت آهي پر ان ۾ ڏند ڪٽا رڙي پڙي آهي. ترجمو اٿس:

ڪير آهي جو فرهاد جو نشان ٻيهر ڏي سوا ان نقش جي، جو تيشي پٿر تي ڪيو آهي ۽ ان تي رهجي ويو آهي.

هي معنيٰ ۾ بيدل ڪوهڪن ۽ تيشي جي روايت جو فائدو هيٺين طرح ورتو آهي:

کوهکن در تلخ کامی جوئی شیر ایجاد کرد
برزبان تیشه گوئی نام شیریں رفته است.

ترجمو: ڪوهڪن (جبل ڪوٽيندڙ - فرهاد) پنهنجي ڪاوڙ ۾ ڪير جي ندي ايجاد ڪئي، ڇڙ تہ تيشي (ڇيڻيءَ) جي زبان تي شيرينءَ جو نالو آهي.

يا غالب جو انهيءَ روايت جي حوالي سان شعر:-

تیشے بغیر مر نہ سکا کوهکن "اسد"
سرگشتهء خمار رسوم و قیود تھا.

(ڪوهڪن انهيءَ ڪان سوا مري نہ سگهيو تہ تيشو مٿي ۾ هٽي (ڏسجي ايئن ٿو) رسمن ۽ پابندين جي نشي ۾ ڏت هيو (نہ تہ هڪ ٽڏو ساهہ ئي هن جي موت لاءِ ڪافي هو.)

سودا ساڳي ڳالهه اردوءَ ۾ ڏهرائي آهي:

سودا قمارِ عشق ميں شيريں کے کوهکن
بازی اگرچہ پا نہ سکا سر تو کھوسکا

ترجمو: سودا! شيرين جو عشق هڪ جوا هو جنهن ۾ کوهکن اگر راند کٽي نه سگهيو ته مٿو ته وڃائي سگهيو.

فارسيءَ ۽ اردوءَ ۾ اهڙا هزارين شعر آهن جن ۾ ساڳيا ڪردار ۽ لوڪ کاڻيون ڦري گهري اڇن ٽيون ۽ ائين روح بيزار ٽيو پوي جيئن باربار سنڌيءَ جي لوڪ کاڻين 'سسئي پنهون'، 'مومل راڻي'، 'ليلا چنيسر' وغيره جو ڏهراءُ ٻڌي سگهڙن جي بيٺن مان من ڪٽو ٽپو پوي. ان ڪري مون 'ڪَتين ڪَرَ موڙيا جڏهن' جي پاڳي ۱ ۾ ٻارنهن سوَ بيت شايع ڪيا، تڏهن فقط ٻن ٽن بيٺن ۾ جديد پس منظر ۾ شاهه جي سورمين جو ذڪر ڪيو هو.

اهڙي طرح يورپ ۾ به اٺويهين صديءَ ۽ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ منظوم شاعريءَ ۾ شاعرن ائفرو ڊائٽي، وينس، پيني لوپي، اپالو، زيوس، ائگميمنان، هرڪليز ۽ ٻين يوناني ديوين ۽ ديوتائن جو فطري نظارن ۾ يا علامتي طور ايترو ذڪر ڪيو جو شاعريءَ جا شائق بيزار ٿي پيا. هن پابند شاعريءَ مان ئي جان ڇڏائي، Vers Libre اختيار ڪيو، نثر ۽ نظم جي وچ ۾ آمدرفت وڌي. نثر تي ڌيان ان سبب ويو جو ان کي ڪيڪ رفتاري پنهنجي آهي، ان کي وٽي ته بيهي، وٽي ته چوڪو چڪي، اڪتي وڌي يا هڪ ئي اڏار ۾ سفر طئي ڪري وڃي.

نثر زندگيءَ جون جامع حيثيتون چٽي سگهي ٿو، ان جا وَرائتا پيچرا ٻوليءَ ۾ آڻي سگهي ٿو، ان ۾ نظر وانگر ڏهراءُ ورلي آهي، تواتر سان مناسبتون گهٽ ٽيون ملن.

نثر نظر وانگر معنيٰ کي سُڪوڙي سمائي نٿو سگهي. غالب ٻن سٽن ۾ چئي ٿو:

*ڈھانپا کفن نے داغِ عَیوب برھنگی
ورنہ میں ھر لباس میں ننگِ وجود تھا

* ترجمو: ڪفن ئي اگهاڙپ جا عيب ڍڪي ڇڏيا نه ته مان هر ويس ۾ وجود تي ٻُڪو هوس.

اها ساڳي ڳالهه جي نثر ۾ لکي وڃي ها تہ ان ۾ صفحا ڀرجي وڃن ها. ساڳيءَ طرح ٻڌائي جي سڪ:-

'ڪهڙي منجهه حساب، منهنجو هٿ هوت ري' اتي ڪم آندل لفظ 'حساب' ۽ 'هٿ' جي وضاحت لاءِ نثر ۾ ڪيئي صفحا ڪارا ڪرڻا پوندا پر اهو چوٽو پوندو تہ نظم ڪيئي ڳالهيون نہ رهڻو اختصار سان اظهاري سگهي ٿو، پر پنهنجي آواز جي پهچ ڪري پري پري تائين وڃي وڃي ٿو سگهي ۽ ڪنهن وقت تہ ان کي پڙهي حافظ جو شعر ياد اچي ٿو:

مست بگذشتي واز خلوتيان ملكوت
بتماشائي توآشوبِ قيامت برخواست

ترجمو: پنهنجي مستيءَ ۾ هليو وئين ۽ ملڪوت جي خلوتين، جڏهن توکي ڏٺو تہ قيامت جو لڙ ٽٽي ويو.

آزاد نظم نثري نظم لاءِ تحريڪ جو حصو آهي. فرانس ۾ نثر، نظم کان ايترو ڌار ٿي ويو، جو نثري نظم هڪ رابطو ٿي پيو. فيني لان Fenelon *ڪان شاطو بريان * جي شاعريءَ تائين، ۽ انجيل جي نثر ۽ وديشي نظمن جي ترجمي جو ذريعو ٿي پيو.

دراصل مون نثري نظم ڳهڻو ڪري وديشي نظمن جي ترجمي ۾ اثرائتا پڙهيا آهن ۽ ائين لڳندو آهي تہ اصل نظم، جن تان ترجمو ڪيو ويو آهي، اهي منظوم آهن، جيتوڻيڪ دراصل اهي ب نثر ۾ هوندا آهن.

نثري نظم جي تاريخ ان گهاڙيٽي کي جاچي جوچي تہ ڏسي ٿي پر ان جي باري ۾ ڪو خاطر خواهه جواب نہ ٿي ڏئي. ان ۾ خاميون ب آهن ۽ خوبيون ب آهن ۽ اهو رهڻو اها تسلي ڏئي ٿو تہ اهو ڪنهن ضابطي (فارمولا) ۾ اسير نہ آهي.

دراصل بنيادي طور نثري نظم جي مکيہ خاصيت ان جو اوچو سپاڻ ۽ آروڪ نواڻ آهي. ورلي ڪوئي نثري نظم چٽو ۽ سنڌائتو آهي نہ تہ

* فيني لان: (١٦٥١ع ڪان ١٧١٥ع تائين): ڪلاسيڪي فرينچ ليکڪ.
* شاطو بريان: (١٧٦٨ع ڪان ١٨٤٨ع تائين): فرينچ اديب

گھٹو ڪري ان ۾ عجيبائي ۽ انوکي پڻو آهي ۽ ائين ٿو لڳي ته يا ته ڦيرڦار کان پوءِ، هي فارم کي گھٹو ڪري آزاد نظم کي، اتساهيندو يا نقش برآب ثابت ٿيندو.

جڏهن نثري نظم جي باري ۾ لکيو ويو آهي ته ان جي نثريت جو آخري تاثر 'نفاست' آهي. تڏهن نثري نظم جي وصف ۽ معنيٰ واضح طور بيان نه ڪئي وئي آهي. نثر ۾ سُر جو لاهه چاڑهه ڪونه آهي، ان ڪري مدار انهيءَ آواز تي آهي جيڪو اهي محاورا ٺاهي ۽ فقرا بيهاري ٿو. جي ڏيکهه ۾ هڪ جيترا نه آهن ۽ جن جي اهميت به ساڳي نه آهي. شاهد پٽي منهنجي نثري نظم 'امان هو مون کي ڪاري ڪري ماريندا' جي ڏن ٺاهي هئي، ڳاتو ٿمينا هو ۽ اهو بي.بي.سي تي عورتا زاد جي ڏينهن تي هلايو ويو هو. ڪئسيٽ ۾ ريل آواز سچ پچ اندر کي ڏوڏي ٿي وڏو پر موسيقيت آزاد نظم ۾ وڌيڪ پيدا ڪري سگهجي ٿي.

مون کي ياد آهي اها رات جڏهن پنج سال اڳ ملير جي ڪجهه ڪاهي ڏر وارن ادبين مون سان شام ملهائي هئي. سچ ته مان رڳو موجود هوس پر شام جڙ بيدل ۽ هن جي طائفي سان هئي. رات جي ماني ڏهين بجي پوري ٿي ته بيدل ڏهين بجي رات کان صبح ڇهين بجي تائين مون کي ڳائيندو رهيو. ڪوئي جي ڇت تي ويٺا هياسين ۽ مهاجر عورتون ۽ مرد واري سان هن کي منهنجي سنڌي ڪلام لاءِ فرمائش ڪندا رهيا ها. بيدل جو مَن سنڌي شاعريءَ لاءِ هنن جي سڪ ۽ اڪير ڏسي، ايترو ڀرجي آيو هو، جو هن فيض جو آزاد نظم 'بول ڪه لب آزاد هين تيرے' پاڻ ئي ٻه ٽي ڀيرا ڳاتو هو. 'آزاد نظم' ته نه هو الاجي ڇا هو! جڙ چليءَ جو راڳي وڪٽر هارا ڳائي رهيو هو. بيدل باغي گيت ڳائي چاٽي. سڀ سامعين عورتون ۽ مرد، نيري آسمان هيٺان ينيرڪي تائين ائين ويٺا رهيا، جڙ مندجي ويا ها، ان وقت مون کي محسوس ٿيو ته هڪ جاندار شاعر هڪ آزاد نظم کي ايترو ترنم ڏئي سگهي ٿو جو غزل يا نظم کي به نه ٿو ڏئي سگهي. مون ساري زندگيءَ ۾ ايترو اثرائتو هڪ بينگالي گلوڪاره کي ڌاڪا ۾ علامه اقبال جو هي غزل ڳائيندو ٻڌو هو:

تن کی دولت هاتھ آتی هے تو پھرجاتی نهیں
من کی دولت چھانو هے، آتا هے دھن جاتا هے دھن

يا زرينا بلوچ کي بمبئيءَ ۾ هڪ خوبصورت هوٽل ۾ سنڌين جي ميڙ ۾ منهنجو آزاد نظم 'او پرديسي' ڳائيندو ٻڌو هو پر علامہ اقبال جو ته غزل هو ۽ منهنجو ڪنهن حد تائين پابند نظم هو. 'بول که لب آزاد هيں تيرے' پنهنجو مثال پاڻ هو، جڏهن بيدل ڳاتو پئي.

'جسم و زبان کے موت سے پهلے،
جو کچھ، بھي کهنا هے کهلے، بول که لب آزاد هيں تيرے'

ڪراچيءَ جي پوئين پهر جون ٽڏيون هوائون روڪجي ويون هيون ۽ ستارا اکيون ڦاڙي سنڌ جي هن عظيم راڳيءَ کي ڏسي رهيا هيا.

اهو فيض جو نظم ۽ مان وارو نظم 'هي سنگرام' ٻڌي، مون محسوس ڪيو هو ته هي ٻئي نظم دنيا جي ڪنهن به آزاد نظم جي پيٽ ۾ رکي سگهجن ٿا. اهي مهاجر نہ رهيو منهنجا مداح ها پر سنڌي - مهاجر دوستيءَ جا سرگرم ڪارڪن به هئا، جيڪي ايم ڪيو ايم جي ايرٹ کان پوءِ ماريا ويا ها.

انجيل جي نثر کي شاعراڻو لاهہ چاڙهہ آهي. جنهن جوش ملیح آباديءَ جو ڪتاب 'يادوں کی برات' پڙهيو آهي ته ان کي ياد هوندو ته جوش قرآن جي نثري لاهہ چاڙهہ جي تقليد ڪئي آهي ۽ ان ۾ ڪيترو نہ ترنم پيدا ڪيو آهي!

آسڪر وائيلڈ جي نثري نظمن ۾ هڪ بيانيہ آلاپجي رهيو آهي. عبراني تاريخ کي جنهن ريت پڙهيو ويندو آهي اها اِلاهي فرمان لڳندي آهي. نثر ۾ اها سڀ ٽيڪنيڪ به آهي. ائين آهي ته نثري نظم جي 'نظميت' ان جي اختصار ۾ آهي.

ڪيترا نثري نظم انهن منظوم نظمن جو نثري مواد آهن، جي نظمائڻ کان رهجي ويا آهن. اها ڳالهہ ساري 'سر لوهيڑا ڳيـيا' سان لاڳو ٿي سگهي ٿي. اهي نثري نظم به منهن جي تحت الشعور ۾ ائين ايري آيا ها، جيئن منظوم نظم ايري آيا ها. مون تي انهن جا چاليهہ

پنجاهه صفحا هر رات ۾ ٢ بجي کان ۴ بجي تائين آمد جي رنگ ۾ آيا ها ۽ ڊاڪٽر قاضي منظر حيات، جو روز منهنجي شاعري کاپي ڪندو هو، ڏينهن جو روز نوان ٽيهه چاليهه صفحا ڏسي حيران ٿي ويندو هو.

مون کي قدرت منظوم شاعريءَ تي اها گرفت ڏني آهي جو مون کنهن به سنڌي، اردو يا فارسيءَ جي شاعر کان گهٽ لفظ حذف ڪيا آهن، پر هيءَ نثري شاعري به عجيب نشو هئي. ان جي اِختصار ۾ مون کي جذبي ۽ تقدير جي ڪلام، گهرائيءَ ۽ گهاتائيءَ ۽ شاعريءَ جي روپ رنگ ۽ تراش خراش جو پورائو نظر آيو، پر پو به جنهن نموني اهي نظم ڪٽن ٿا، فقط هڪ نظميت (Poem - ness) جو احساس ڇڏي وڃن ٿا. نظم ختم ٿي ٿو وڃي ڇو ته اهو اڻٽي وڏي نه ٿو سگهي، ان ۾ اهي مُهر ٽوڙڻ جا ڏريعا ڪونه آهن جا ان تي لڳي وڃي ٿي. ڪڏهن به انهن ۾ اها ڪيفيت نه آهي ته آنءُ ڪجهه وڌيڪ چئي نٿو سگهان، پر اهو سوال واضح آهي ته ڇا آنءُ ڪجهه وڌيڪ لکان؟

تازو مون غنودگيءَ جي ڪيفيت ۾ ٽي سئو صفحا آزاد نظم لکيا آهن، جن کي ڇڻ منطقي تڪميل منهنجي لاشعور ڏني آهي ۽ جن ۾ اهو ترنم به آهي جنهن مان ڪيئي نديون ۽ وڏيون نديون ڦاٽ کائي نڪرنديون آهن، پر اهو ڪتاب زير ترتيب آهي ۽ مون ان کي 'وڇوليون هوليون سمنڊ جون' نالو ڏنو آهي.

ڪنهن وقت ڪوئي ڪوئي نثري نظم اڻين ٿو لڳي جيئن پورچوگيز حملي ڪندڙن ٽڻي کي باهه ڏني هئي ۽ پٽائيءَ کي فقط هر شيءِ آڳ جي لپيٽ ۾ نظر آئي هئي. ٽڻي ۾ باهه جا پاڇاوان پُجي رهيا ها ۽ شعلا پنهنجي آڳرين سان آسمان جي منهن کي چٽي رهيا ها ۽ ٽوري پنڌ تي مڪليءَ جي ماڻ هئي، ازلي ابدي ماڻ، جا ايا اضافي جي انتظار ۾ هئي.

مون کي جتي ڪٽي مغرب جي آزاد نظمن ۽ نثري نظمن جي طور طريقن تي تجزياتي مضمون ملن ٿا جن جو اسان جي تقطيع سان دور جو واسطو به نه آهي، ۽ ان ڪري مان انهن کي سنڌي هوليءَ جي گرفت ۾ آڻڻ نه ٿو چاهيان.

مذهب ۾ بي اعتباريءَ مان جيئن رامبوءَ جو اعتبار نڪري چڪو هو،

ائين منهنجو نڪري ڇڪو آهي. ڪا حقيقت آهي، جا تنهنجيءَ منهنجيءَ سمجهه ڪان بعيد آهي ۽ جنهنجو وڏو تاڃي پيٽو آهي، جنهن ۾ هي سنسار هڪ تند برابر آهي. ڇا آرٽ ان کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي سگهي ٿو؟ ڇا آرٽ کي ان جو پورو احساس ٿئي ٿو ۽ اهو ان جو اظهار ڪري سگهي ٿو؟ ڇا ڪنهن ڏاکي تي پهچي شاعري پنهنجيءَ شڪست جو اعتراف آهي ته مان اڪثر نه ٿي وڃي سگهان؟ ڇا شاعر آخر ۾ رڳو 'ڪاڏي ڪاهيان ڪرهو' واري لطيفي ڪيفيت ۾ گم ٿي وڃي ٿو ۽ 'ڇوڏس ڇٽاٽو' هن جو وجود ئي مٽائي ڇڏي ٿو؟ ڇا 'لوڪ - يتا' جي اڳيان ليٽرنڊ ڏهريا ان حقيقت کي محسوس ڪري سگهن ٿا؟

هن ڪتاب ۾ ڪِٽي ڪِٽي ڇوڙڙا جملا هڪ اوچتو ڏهي پوندڙ تصوير جي ديوار لاءِ پٿتيون نه آهن. اهي ان ۾ ائين ڪٽل آهن جيئن مسجد ۾ مينار ڪٽل هوندا آهن. هر وڏي نظم مان ڪائي آذان اچي ٿي جا لفظن جي محتاج نه آهي ۽ جنهن جي روحانيت منهنجي اندر جو آواز آهي جو ايجان پوري گويائي حاصل نه ڪري سگهيو آهي، ان ۾ رفتار ۽ ناڪهائپ آهي، اها اوچتائي آهي، جا هڪ پيڙ تاري کي هوندي آهي. مان ڪائي خود ٽنا نه ڪري رهيو آهيان، فقط پنهنجو نقاد ٿي پاڻ کي ڏسي رهيو آهيان.

استعارو، جنهن جو شاعريءَ جي تيز رفتاريءَ ۽ جمالياتي تاثر ۾ اهم ڪردار آهي، ان ۾ اهي ڳالهيون اچي وڃن ٿيون جي ٻي ڪنهن ذريعي اظهار ۾ اچي نه ٿيون سگهن. استعارو ڪهڙيءَ لاءِ شب برات جي ڏيڪ ٿو ڏئي جنهن ۾ ڪنهن ڪائناتي مشابهت جي جهلڪ ڏيکاري ڏئي ٿي. استعارو نثر ۾ نظر ڪان وڌيڪ ظاهر ظهور ۽ دهشت ناڪ حد تائين استعاري آهي.

مون ڏٺو آهي ته ڪيترن شاعرن نثري نظم ان ڪري لکيا آهن ته اهي ترجمو ڪيا وڃن ۽ ٻي ٻوليءَ ۾ ان جو پتو نه پوندو ته اصل ۾ اهي نثري يا منظوم هيا. جي اها ڳالهه ڪنهن ٻه نثري نظم جي ترجمي جي باري ۾ لکي نه ويندي ته اهو اصل ۾ نثري نظم آهي ته ادبي بددياني ٿيندي. ڪنهن ٻه نثري نظم جو ترجمو نه رڳو ان جي دريافت

آهي پر ان جي تاويل بہ آهي، جنهن ۾ ان جي پوري ويجاڻ ملي ٿي.

'پُرس جون راتيون' ۾ بودليئر جو شامل نثر، نثري نظم ڪهڻ آهي، هن جي منظوم نظمن جو پس منظر وڌيڪ آهي. پاڻ ئي هن صاف چيو آهي تہ: "اهي نثري نظم هن جي منظوم شاعري لاءِ 'چلانگ مارڻ جو تختو' هيا، انهن مان هن پنهنجن منفرد نظمن جي ٻيهر تصوراتي تخليق لاءِ ڪم ورتو آهي."

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ بودليئر آزاد نظم (Free Verse) جو پيشرو هو. نثري نظم ۽ آزاد نظم، فرانس مان انگلنڊ ۽ آمريڪا پهتا، جتي والٽ وٽمئن جي شاعريءَ دنيا کي ڏوڏي وڏو. جرمن شاعريءَ ۾ ترنم وارا شاهڪار ها، جن جا قافيا نهايت سريلا هيا.

شاعر نثري شاعريءَ ۾ وڏيون سِٽون تخليق ڪري، ڪيترو تاثر پيدا ڪري ٿو سگهي، اهو شاعر تي مدار آهي. هن جا جملا، هن جون وياڪرڻ جون اِڪائيون، محاورا ۽ فقرا، اندروني قافيا ان طرح ڏنا وڃن تہ جڙ وياڪرڻ کي اڳوٽڪائي کائنہ آهي، هڪ فقرو فقرو نہ آهي پر هڪ نظر جي سِٽ آهي، جملي جي هر حصي کي جڙ صرف و نحو جي غير مشروط قطعيت آهي، يعني تہ نثري نظم کي پنهنجي ترتيب آهي ۽ جڙ تہ ماڻ ميڙ ۾ گهٽ وڌائي جي موڪل آهي. ان ريت نثري نظم نحوي بناوت کان بي نياز آهي ۽ ان کي عجيب و غريب مابعدالطبعيات (Metaphysical eeriness) آهي، مثال طور ائمي لوويل (Amy Lowell) جي هيٺين سِٽ:

'سانجهيءَ جو مانجهي جڙ پنهنجي
اوجهاڻ ۾ ڦاٽل آهي.'

يا ٻئي ڪنهن شاعر جون هي سِٽون:

هن جي ڇاتيءَ ۾ ڏيري گهنڊ وڄي رهيا آهن
جڏهن هو اونڌي منهن
ويهاڻي جي اوندهہ ۾ ٻڏي ويو آهي.

ائين نثري نظم شاعريءَ ۾ جوار ياڻا آهي پر آزاد نظم ۾ ان کان وڌيڪ رواني آهي ۽ ڪڏهن سِٽ نديءَ جي پاٽ وانگر ٿي نظر اچي ۽

ڪڏهن نديءِ واهيءِ وانگر. اها ڳالهه اردوءِ ۾ مون کي ميراجيءِ جي شاعريءِ ۾ ن.م.راشد جي شاعريءِ کان به وڌيڪ نظر آئي آهي.

نثري نظم تي جپاني ۽ چيني شاعريءِ جو به اثر ٿيو آهي ۽ ان جي ترجمي ۾ ترنّم ته ڪونه آهي پر ائين ٿو لڳي ته جڙ آهي. اوهان پِلي هائڪوءِ ۽ هي شاعريءِ جا ترجما پڙهي ڏسو؛ ترجمي ۾ اسان جي شاعري به دنيا جي هي شاعريءِ جي مقابلي ۾ رکي سگهجي ٿي، پر اسان جي منظوم شاعريءِ کي بي مثال ترنم آهي جو هي شاعريءِ ۾ ورلي ملي ٿو.

مون ائين ڪيئي نظم رِلڪي، اليٽ، لافورگ وغيره جا آزاد نظم Verslibre پڙهيا آهن پر انهن جي تقطيع تي فقط پنا ڪارا ڪيا ويا آهن، اسان لاءِ معنيٰ نه ٿا رکن.

انگريزيءِ ۾ نثري نظم ۽ آزاد نظم ۾ ايترو ڪٿو فرق به نه آهي مثال طور اليٽ جي هيءِ سِٽ؛

"When lovely woman stoops to folly and paces about her room again, alone."

(جڏهن ڪائي من - موهڻي عورت حماقت ڪري وهي ٿي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ اڇ وڇ ڪري ٿي، اڪيلي.)

بحر و وزن، قافئي ۽ رديف جي پابنديءِ منظوم شاعريءِ کي پنهنجو زور، رفتار جي قوّت ۽ پيمائش ڏني آهي، پنهنجو ڪاڇو، ميزان ۽ تور تڪ ڏني آهي جا نثري شاعريءِ کي ڪانه آهي پر نثري شاعريءِ مان فائدا به آهن. اها ايتري لچڪدار آهي جيتري پابند شاعري ڪانه ٿي سگهي ٿي.

ازرا پائونڈ ۽ اليٽ ته باربار چوندا هيا ته نثر نظر کان وڌيڪ تهه طلبيو آهي، پر مان پانيان ٿو ته منظوم شاعري زندگيءِ جو رياض آهي، جنهن کان جديد شاعر ڪيڻائن ٿا. جيتوڻيڪ مون خود ڪافي نثري شاعري ڪئي آهي، پر مان فيض احمد فيض جي چوٽيءِ تي ايجان مستقبل جي فتويٰ جو منتظر آهيان ته يا ڪوئي نثر لکي سگهي ٿو يا نظم، نثري شاعري هڪ بي معنيٰ لفظ آهي.

هن مجموعي ۾ منهنجا ڪجهه لنبا شعر، ڪجهه ننڍا شعر، ڪجهه نوٽ بڪ ۾ لکيل منهنجون جاچنائون، ويچار ۽ چوٽيون (Maxims) آهن. مان پنهنجي منظوم شاعريءَ کي جيتري اهميت ٿو ڏيان اوتري نثري شاعريءَ کي نٿو ڏيان، جيتوڻيڪ ان کي به ڪافي الهامي ڪيفيت آهي.

شيخ اياز

۷ ڊسمبر ۱۹۹۲ع

۲۷- آي. پرنس ڪامپليڪس
ڪراچي

مون توکي
درپاهران
سال کان وڌيڪ
ترسايو آهي،
۽ ان وچ ۾
جيتري ڪويتا
پوري ٿي سگهي آهي
مون لکي ورتي آهي
ائين آهي
ته زندگيءَ جو ڪارج
ڪيترو ئي پيو آهي
۽ مان سمنڊ تي
ايا ڪيئي سج
اُڀرندا
۽ ڪيئي ٻُڏندا
ڏسڻ چاهيان ٿو.
ڪيڏي ته اِڇا آهي مون ۾
ته مان
سمنڊ کي
ايا چنڊ ڏانهن

أڏامندو ڏسان
ءِ منهوڙي جي
پهاڙين سان
ٽڪرائي
موٽندو ڏسان
ءِ
اونهي تي
ڪاري ڪيڙائو
سڙهه تان
پر مارَ
ماريندو
ءِ ڪِينا پکي
أڏائيندو ڏسان!
جيتوٽيڪ
مان غالب کان
گهٽا گهٽ ارمان ڪٽي ٿو وڃان
تڏهن بہ مان وڃڻ
نٿو چاهيان
هيءَ زندگي
تيستائين مِٺي آهي

جيستائين
هوءَ زندگي
ڪنهن ڇڪي نہ ڏني آهي،
پر پوءِ تون
اوپاسيون ڏئي رهيو آهين
ءِ اُتامرائي
ڏيکاري رهيو آهين
ءِ تنهنجو توڏو
ويهي ويهي
ٽڪجي پيو آهي.
سو موت!
مان هاڻي
توکي اجازت ڏيان ٿو
تہ تون جڏهن چاهين
هلي آءُ
مان سفر لاءِ تيار آهيان،
پر اُهو ٻُڌي ڇڏ!
مان وَري وَري ايندس.
وَري وَري
توسان ٻيلهہ موڻي ايندس،

تون ٽڪجي پوندين
مان نہ ٽڪبس؛
ءِ اهو بہ ٻَڌي ڇڏ
تہ قدرت سان
عمر جي
معاهدي ۾
منهنجو ميعاد جو
ڪوئي فقرو نہ آهي.
تون منهنجيءَ اِجازت کان سوا
اچي نہ ٿو سگهين.

*

موت!
تون هاڻي
اچين بہ تہ ڇا
نہ اچين بہ تہ ڇا
مان تنهنجي
هَٽ وس کان
ٻاهر نڪري ڇُڪو آهيان.
ءِ منهنجي شاعريءَ کي
جا امرتا ملي چڪي آهي،

تون اُن جي
ويجهو ٻه نه ٿو وڃي سگهين.

*

مون سڄي عمر
ڏوکا کاڌا آهن،
جا تون ٻه ته
ڏوکو نه آهين؟
ڇاهيءَ لهر ڏوکو نه آهي
جا چنڊ کي
گهڙيءَ لاءِ
آغوش ۾ ڇڪي
ويندي ٿي رَهي؟
ڇا هي ڇانوَ
ڏوکو نه آهي
ڇا ٽڪل مسافر
کي ننڊ ڏئي
لهي ٿي وڃي؟
هر پيار پَل جو ٻِراڻي آهي،
نه ڄاڻان
مون شروع کان اهو ڇو نه ڄاتو؟

ءِ جنهن بہ مون سان اکيون اٽکايون
ائين اٽکايون
جيئن زنجير جو
ڪڙو ڪڙي ۾ جڙجي ويندو آهي،
مون ائين ڇو نہ سمجهو
تہ بہ پاڇا
هڪ ٻي سان
جڙجي
نہ سگهندا آهن،
ءِ اهو اَوَس آهي
تہ هُو وڇڙي وڃن
بہ ٽي پل گڏ گهاري
سدائين لاءِ
وڇڙي وڃن!

*

سونهن ڇا آهي؟
ڇا تُنهنجون
هرٽيءَ جهڙيون اکيون آهن؟
يا تُنهنجا ڇپ آهن
جي گل مهر جي شگوفي تي

شفق وانگر لڳن ٿا؟
تون عورت آهين
يا رابيل جي چَڪي آهين؟
مون ڪيئي ديو مالائي ديوِيون ڏٺيون آهن
جي مصوّر ڪئنواس تي
زنده جاويد ڪَري چُڪا آهن،
پر انهن ۾
ڪنهن کي به
تو جهڙا ڳل نه آهن!
پر تنهنجون اکيون
تُنهنجا ڳل
تُنهنجا چَپ،
اهي سيئي گڏجي به
تُنهنجي سونهن نه آهن.
تنهنجي سونهن
ائين آهي
جئين چاندوڪيءَ ۾
ڪينجهر هندورو تي وَئي هجي،
يا ڪارونجهر جي هيٺان
وهندڙ چشمو

چنڊ جو آئينو ٿي ويو هجي!
چنڊ جو آئينو-
ان کان وڌيڪ
بي کڙي تشبيهه
مان تو لاءِ
سوچي ٿو سگهان!

*

منهنجا پوٽا!
تون جنهن وقت به جوان ٿي
پنهنجي لاءِ سوچي سگهين
تہ مان توکي اجازت ٿو ڏيان
تہ تون جيڪا به زبان پسند ڪرين
اُها ڳالهائجانءِ،
جنهن ديس جي ڇانو توکي وٺي
اُن ۾ رهجانءِ
جنهن فرقي سان تون رفاقت محسوس ڪرين
اُن ۾ شامل ٿجانءِ
ءِ مان توکي پورو اختيار ٿو ڏيان
تہ جو مذهب توکي چگو لڳي
اُن کي پنهنجو ڪجانءِ

ءِ ڪنهن ازلي حقيقت کي
تون مڃين يا نہ مڃين،
اها تنهنجي وس جي ڳالهہ آهي،
مان توکي ورثي ۾
فقط خيال جي
آزادي ڏيان ٿو
آزادي
جا پکيءَ جو ورثو آهي
جنهن لاءِ مقرر راهون نہ هوندیون آهن
ءِ جنهنجا کي بہ
پيغمبر نہ ٿيندا آهن.
جي توکان
ڪوئي پُڇي
تہ تنهنجو ڏاڏو
تولاءِ ڇا ڇڏي ويو؟
تہ تون بنا خوف خطر جي
جواب ڏجانءِ
"آزادي"
اهو منهنجو تولاءِ
ورثو بہ آهي،

دعا بہ آهي.

*

پٽائيءَ جو دڳ
ٺيڪ آهي،
اُن تي سڏو هلي آءُ!
وَر وَراکا
توکي ڪنهن
اوڙاهہ پراَڙائيندا،
جتان تون وَري
نڪري نہ سگهندين!

*

وِڄُ - ڪٽارين وانگر
هو ڪاريون ڪجريون اکڙيون
توتي
پويون وارُ
ڪري رهيون آهن،
ڇا تون
انهن جو
ڏَکُ

پچائي سگھندين؟

*

ڇا تون
مون لاءِ خدا جي
پوئين
سُوغات
آهين؟

*

اي خدا!
مون کي ڇتي ڪتي جي ڪاٽَ کان
بچاءِ!
ڇو تہ
ڇتي ڪُتي جو ڪاٽيل
ٻين کي ڪاٽيندو وتندو آهي.
مان نانگ لاءِ
تيار آهيان،
آهو رڳو
مُنهنجي موت جي پيڙا جو
ڪارڻ

ٽي سگهي ٽو-

*

منهنجو توکي مشورو آهي
تہ دوستيءَ کان
کنارو ڪر!
پر تون هڪ نہ ٻئي نانگ کي
ڪير پياريندو رهندين!
تون بہ ائين
پنهنجي عادت کان
مجبور آهين،
جيئن نانگ
پنهنجيءَ عادت کان
مجبور آهن-

*

ٻڏندي
ٻوڙن کي
ڪي هاتڪ
هَٿَ وجهي رهيا آهن،
ءِ درياه آهي،

جو پنهنجيءَ مستانيءَ رفتار سان
وڃي رهيو آهي
ءِ پٽتي نٽو ڏسي
تہ ڪير
ٻوڙن سوڌا ٻڏا
ءِ ڪير
اڃا اُنهن ۾ هٿ وجهي
لڙڪيا پيا آهن،
ءِ انهن جون آڱريون
لهولهان ٿي
رڳو اوسي پاسي
پاڻي ڪي
ڳاڙهو ڪري رهيون آهن

*

وڃي
يَوُنڪ!
مون پنهنجا
ڪَن بند ڪري
ڇڏيا آهن،
ءِ مون کي

جواب لاءِ
نہ وقت آهي،
نہ يَؤنڪ جو جواب
مان يَؤنڪ سان ڏئي ٿو سگهان،
ڇو تہ مان
تنهنجي ذات مان نہ آهيان.

※

ميان!
مُنهنجي جواب جي
مستحق ٿيڻ لاءِ
توکي گهٽ ۾ گهٽ
هڪ صدي گهُرجي!

※

تو سمجهيو
هي جواب ڏيندو،
مان تہ تو ڏانهن
رهگو
نهاري رهيو آهيان
۽ سوچي رهيو آهيان

تہ تون
ان نهار جو
مستحق بہ آهين
يا نہ!

*

دوست
جهڙو
دشمن
ڪوئي
نہ
ٿيندو آهي!

*

گڏهہ جي اولاد!
تون ڊارون جي
سمجهہ ڪان مٿي آهين.

*

حلاج بن منصور!
دشت - سوس تي
نظر تہ ڪرَ

سارو رت ڦڙا آهي
ءِ اهو تنهنجي دل ۾
سمائجي ڇُڪو آهي،
سج
واريءَ جي دريا ۾
شام جو غوطہ زن آهي
ءِ توکي ڳولي رهيو آهي.
شهيد
مَرندا نہ آهن،
فطرت کان
عظيم تر ٿي ويندا آهن،
ءِ اُن کي
ابد تائين
پنهنجي آغوش ۾
آڻي ڇڏيندا آهن.

*

هُو
مُنهنجي صاف گوئي ٻُڌي
ڇِتا ٿي پيا آهن

ءِ اهڙا ڪُتا بہ نہ آهن
جي عرفيءَ جي ڪَيِ پيا ها.
هو منهنجو
چڪين ماس چنندا
چو تہ مون
هن جي مَنهَنِ مان
هَڏا ڪسي
قِتي ڪيا آهن!
ايا تہ فقط
هُو ڏند ڪَرڻي
مون کي ڏِسي رهيا آهن.

*

راڻا!
جڏهن هو ڪاڪ محل
ئي ڪُوڙو هو،
تڏهن ڏونگرن ۾
هي ڏاڳها
چو ڀُڪائي
ماريا آڻي!

*

راڻا!
مومل کان سوا
ٻيهر
ڪاڪ محل ٿاهي رهيو آهين؟
ائين ٿو سمجهين
ته مومل
ان ۾
ڪڏهن نه ڪڏهن ايندي
۽ هُو ڏاڪهه
هڪ ڪُوڙيءَ ڪهاڻيءَ جو
حصو آهي،
توڙي اُن جي آگ
اوستائين ڦهلجي چُڪي آهي
جتي
ٻيهر تون
ڪاڪ محل جا
بنياد وجهي رهيو آهين.

*

ايترو
ديپڪ ٻر نه ڳاءِ

جو سچ ڪجهه جلي وڃي،
تو سوڌو.

*

جيئن ڪوئي
وڃَ ڪي
گهٽي دير
ڏسي نه سگهندو آهي،
ائين
آنءُ
تو ڏانهن
ڏسي نه ٿو سگهان،
مون ۾
ڪنبٽي پئجي ٿي وڃي.

*

اي پيارين اکين واري
هرڻي!
تون سڄ لٽي
جڏهن
رنگ رَتي نياڻ مان

پاڻي پِي رهي آهين،
تڏهن
ڪيڏي نہ
وڻي رهي آهين!

*

تون
ڪالهہ ائين ويٺي هُئينءَ
جيئن
پڪي لامر تي ويٺو هوندو آهي
جڏهن تہ
هَن کي وَڻ ۾ آکيرو نہ هوندو آهي
ءِ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ
اڏامي ويندو آهي،
لامر جي نس نس ۾
سر سراهٽ ڇڏي
اُنهيءَ لوڏي جِي
جو هن لامر تي ڪاڏو هو،
ءِ ٻي لامر تي
ائين ويهندو آهي
جڙ هُو

ڪنهن بہ لامر تي
پهريون پيرو ويٺو آهي،
ءِ هو پنهنجي مَن - آڱنڌ ۾
ايئن لڏندو آهي،
ڇڙ لوڏو
هن جي جيون ۾
اڳ
ڪڏهن بہ نہ آيو آهي!
پرواز ۾
هُو اڳيون پيار
ائين ڇَنڊِي ڇڏيندو آهي
جيئن پکي
پراڻا ڪنڌ
ڇنڊيندا آهن
ءِ مُنهن موڙي
انهن کي
هوا ۾
ڦيرائيون کائيندو
بہ نہ ڏسندا آهن-

*

هن
سڀڪو جهڙيءَ شاعره
پنهنجي من ۾ سوچيو:
"مون
اهڙيون سهيليون
جي رابيل جي
تارين وانگر
آهن،
ڪيئي ڏٺيون آهن.
هن گلاب جي ڪَنڊي ۾
جو چيڪو آهي
مون پهريون پيرو لکايو آهي،
ءِ مان اونداه ۾
هٿوراڙيون هٽي رهي آهيان،
تہ انهيءَ چيڪي ۾
گلاب جا
ڪُجهہ گل ڇُهان
ءِ اُنهن جي سُڳنڌ
ڇِني وٺان!"

*

توکي ڏسي
مون چاتو
ته صوفي
سڀ غلط ها،
مجاز
حقيقت جي پل نه آهي
حقيقت مجاز جي پل آهي
انسان الاهي پرتوو نه آهي
الاهي پرتوو
انسان آهي.

*

تون ايتري
خوبصورت آهين
جو مان تو ڏانهن
اکيون ڪٽي،
ڏسي ٻه نه
سگهندو آهيان.
آخر
مان
شمس تبريز ته نه آهيان

جو سڄ سان اکيون ملائي سگهان!
تون ڪيترو بہ
هيڪ لهي آئي آهين،
جئن سڄ
نديءَ ۾ لهي ايندو آهي،
تڏهن بہ مان
ٿوسان
اکيون
ملائي نہ ٿو سگهان؟
توڙي اُهي
نديءَ وانگر
ڇُلڪي رهيون آهن.

*

مان چاهيان ٿو
تہ اهڙو نظر لکان
جو سڀني
تنهنجين چوڻين وانگر
خوبصورت لڳن!

*

منهنجون
روئٺهار ڪيون اکيون
ڇُٽاڪا ڪيو
نہ ٿيون ڇڪن،
رڳو گهنگهور گهٽائن وانگر
ڀربيون ٿيون وڃن!
ڪيڏا نہ ميگهہ دوت آهن
جن کي اُهي
اڃا
ٻُڌي نہ سگهيون آهن!
تنهنجين اکين ۾
ڪارونيار ڀرجي رهيا آهن،
جن ۾ سَوَ سنديش آهن
جي ياشا لاءِ
تڙڦي رهيا آهن.
ڇا اسان ائين ئي گونگا رهنداسين؟
ڇا پيار
جڏهن گونگو هوندو آهي
تڏهن
اُن ۾

سڀ ڪان وڌيڪ
گويائي هوندي آهي؟

*

پُڄڻ تاري
پنهنجيءَ آزادگيءَ لاءِ،
پنهنجو
خاتمو قبول ڪيو
تہ مون کي
حيرت نہ آئي.

*

اي بيدل!
آءُ تہ
عشق جي
چاڑهيءَ تي
چَڙهون!
ڏسون تہ
ڪير ٿو ٽڪجي؟
عشق جي چاڑهي
جا قطب مينار کان
اُتاهين آهي

جنهن جي
چونڊيءَ تي پهچي
سرمد
چنڊ کي چَوَندو هو،
"دارا کي سُواري گهرجي
هن کي به
سات ڪٿي وڃ"
ءِ پوءِ نقارو وڄائي
چوندو هو،
"اي دليءَ وارؤ!
ڪٿي آهي هو اورنگزيب
هوُ دارا جو قاتل؟
جنهن جو
مِٽيءَ جي ڪڏ انتظار ڪري رهي آهي"
"اي دليءَ وارؤ!
شاهد رهجو
دارا پنهنجيءَ سونيءَ رٿ تي وڃي رهيو آهي
اننت ڏانهن
جنهن جو
ڪنهن کي به

پار پتو نہ آهي.
جڏهن هُو موٽندو
تہ متان مان نہ هجان
ءِ منهنجي جاءِ تي
ٻيو ڪوئي
نقارو وڄائي
هُن جي
آجيان ڪري!"

*

متان
سِٽ ڪي نهوڙي نين!
سِٽَ
ڪونج وانگر اڏري رهي آهي،
اُن جي اُڏار تي
روڪ نہ وجهہ!
اها
ٿُنهنجي ڏسندي
ڪير ٿر
ٽپي ويندي.

*

آءُ تہ
اڏري هلون،
ءِ چنڊ جي
هڪ شاخ تي
هلي
ويهون.
توکي معلوم آهي
تہ چنڊ ۾ هڪ وڻ آهي
جنهن جي ڪنهن ب شاخ تي
ڪوئي پکي
ايا چَهچهايو نہ آهي.

*

ايا
پيار کان
نہ تو مڙين؟
ڪيڏانہ
ڏک کاڏا اٽيئي؟
هن ڀيري تہ
همالي جي چوٽيءَ تي
بيٺو آهين

ء

پير بہ
پورا ڪتل
نہ آڻي!

*

نظم ڪي
پيرو نہ ٻڌاءِ!
اهي
هِڪَ ڪَريون تيليون ڇا لاءِ وڌيون آڻي؟
پيري جو در ڪولي ڇڏ!
ڇڪور
چنبِ لاءِ
پيري مان ٽپا ڏِئي،
ڪهڙي نہ
ڪِل جهڙي ڳالهہ آهي!

*

باقي ٿورو وقت رهيو آهي،
اُس اُيري آئي آهي،
هي ماڪ ڦڙا

ڪوٽيءَ جي پتين ۾ ڪيترو وقت رهندا؟
ءِ ڏند جي ٻَر تي
هي ٻگها ڪيستائين
پرڙا سيڪيندا رهندا؟
ها، مڇيون تہ ڪيتريون ئي آهن
جن ٽهيون ڏٺي
ترو وڃي ورتو آهي
ءِ جن جا رنگ
پاڻ کي هڪ سيرٻين وانگر
پسائي رهيا آهن.
تنهنجا اوجهاڻ
ڪافي پراڻا ٿي چُڪا آهن
ءِ مڇين سان ٻرجي
ٽمٽار ٿي چُڪا آهن،
ڇڪي آءُ
انهن کي ٻيڙيءَ تي!
ڪٿي اهي ڇڇي نہ پون!
تو ساري رات
پورهيو ڪيو آهي،
ءِ هن ٻيڙيءَ جي آڪل تي

اک نہ لاٿي آهي،
ءِ تنهنجون اکيون
ڇڻ نند سان ٻريل
اوجهاڻ ٿي ڇڪيون آهن،
ڏِسُ هو نينگريون
پنهنجا پڙا ڇَلڪائيندڙيون
ءِ گج
سج ۾ چمڪائيندڙيون
ڪوهن تان گهڙا ٻري
گهرن ڏانهن موٽي رهيون آهن،
ءِ انهن جي پڇرن ۾ پاليل
ڪارڙا تتر
چوڳي جو انتظار ڪري رهيا آهن.
باقي ٿورو وقت آهي
اهي اوجهاڻ ڇِڪي
ٻيڙيءَ ۾ آءُ،
توکي نند اچي رهي آهي
ءِ انهن اوجهاڻن کان
تنهنجون اکيون
ڳريون ٿي ويون آهن،

تون زندگيءَ جون ساريون راتيون،
اونداهيءِ سهائي پک جون،
ائين
پورهيو ڪندي گذاريون آهن،
جڙ اهي ڪي ڏينهن هُيون.
هاڻي
سڄ ڪانو مٿي اچي چڪو آهي،
ها ائين آهي
ته درياهه ٽڪبا نہ آهن
مانسروور کان سَمنڊ تائين،
اُهي سفر ۾
ڪَر ته موڙيندا آهن
پر اُنهن ۾
ٽڪ جو
گمان به نہ هوندو آهي،
نہ انهن ۾ ڪوئي سنسو هوندو آهي
ته سمنڊ تائين
پُڄي نہ سگهنداسين،
پر ڇا ڪجي
توکي ننڊ اچي رهي آهي!

زندگيءَ جي اڪ ٻوٽ
اَوَس آهي
موت ٿوري وِٽي آهي
ءِ ساهه پَٽي
اڳتي هلڻو آهي،
توکي ننڊ اَچي رهي آهي،
هاڻي توکي ننڊ اچي رهي آهي.

*

ڪائي ٻوڙنا
ڪائي ڄاڻَ،
سِتَ ٽيڻ لاءِ
ٽيهه سال ترسي آهي،
ڪائي چاليهه سال،
ڪائي اَن کان ب وڌيڪ ترسي آهي.
ڇا تو شاعري
آسان سَمجهي آهي؟
ڪرڻ ڦل ۾
چندر مان جا ڪرٽا ڇاٽي،
اُنهن جو نچوڙ ڪيڏ ايترو ڏکيو نہ آهي،
جيترو

پيار جون راتيون
ءِ ڏينهن جا ڏاکڙا
شاعريءَ ۾ آٽڻ
ڏکيا آهن.
هو رابيل جو گل
جو تو ٽڻي ۾ ڏٺو هو
ءِ هو سدا گلاب
جي تو ڇامشوري ۾ پوکيا ها،
انهن جي مهڪ کي
تنهنجي شاعري ٽيڙ لاءِ
ڪيئي ڏينهن گهربا ها،
ڪيئي سال گهربا ها.
ڪڏهن ته ساري ڇمار به ڪافي نه آهي
ءِ ٻئي جنم لاءِ
ترسٽو پوي ٿو
ءِ اُهي تنهنجي آڻ - ڇِت مان
اُبري اچن ٿا.
هي هزارين ستون
جن جي تو
رچنا ڪئي آهي،

ڇا تنهنجي
هڪڙي زندگيءَ جا
مشاهدا آهن؟
ڪنهن وقت تہ توکي ياد ۾ نہ ايندو آهي
تہ هي منظر
مون ڪٽي ڏٺو آهي
جو منهنجي گيت ۾
جهلڪي رهيو آهي.
اهو توکي ميڙو پوندو
تہ گيت جي ڇمار
توکان گهٽي آهي،
تمام گهٽي آهي،
ءِ تو ۾ جو سمنڊ آهي
ايترو اونهو آهي
جو جڙ ان جو
ترو ڪوئي نہ آهي
پَرو ڪوئي نہ آهي
ءِ اهڙو ذرو ڪوئي نہ آهي
ريت جو
جنهن ۾

آهو سارو سمنڊ
چوليون نہ هڻي رهيو آهي!

*

تون مُنهن انڌيري ۾
آتيو آهين
ايڏا پڪين چون چون ٻہ نہ ڪئي هُئي
جڏهن تو گيت ٽي لکيا،
هاڻي اخبارون آيون آهن
تہ جيئن توکي
وري زمان ۽ مڪان سان
واڳي ڇڏن،
بوسينيا ۾
امن جا مذاکرا ٻہ ٽي رهيا آهن
۽ گوليون ٻہ هلي رهيون آهن
۽ ويهہ لک ماڻهو بي گهر ٽي ويا آهن.
۽ اسان جو اسلام
انهيءَ قتل - عام کي
غصي سان ڏسي رهيو آهي،
رڳو ڪوئي ٻار

ريڊيو تي ڪائي رهيو آهي:
"چين و عرب هماراڻ هندوستان همارا"
پر ان ست ۾ بوسينيا شامل نه آهي
نه وري چين اسانجو آهي،
۽ هندستان ۾
بي - جي - پي بابري مسجد لڳ
رام جنم ڀومي واري عمارت
ٺاهي رهي آهي،
۽ هندستان لفظ تي ڪاوڙجي
پارت استعمال ڪري رهي آهي؛
۽ سعودي عرب اُنهيءَ حملي ۾ شامل
ٿو نظر اچي
جو امريڪا ڪي عراق تي ٻيهر ڪرڻو آهي؛
۽ اسان
بي صبريءَ سان
مارشل لا جو انتظار ڪري رهيا آهيون.
ته جيئن
دهشت گرديءَ مان جان ڇٽي،
مان سوچي رهيو آهيان
ته مان ڪهڙيءَ

ناسوديءَ صدي ۾ ڇائو آهيان
۽ پو به سرسوتيءَ ڪان
وينا ڪسي،
اُن تي ڳائي رهيو آهيان!
هي نسل ته
خون ۽ تيل جي
سمنڊ ۾ ٻڏي رهيو آهي
۽ ان جا ڪَنَ
رڳو خطري جي گهڳهوءَ کي
ٻُڌي سگهن ٿا،
هي منهنجي سنگيت کي ڇا ٻڌندو؟
هن کي ته اُهي گيت گهرجن
جن ۾ ڏماڪا هجن،
ڪيڪراٽيون هجن،
سيمنٽ جي
ٻتين جا ڦهڪا هجن
۽ ڪلاشنڪوف آزاد نظم وانگر
هلندي هجي!
هيءَ صدي هراس، خوف، خون ۽ موت جي
صدي آهي،

ان جو نہ ڪوئي پيغمبر آهي
نہ خدا آهي
رڳو مشينون آيتون پڙهي رهيون آهن
۽ روبوٽ اَن جا
جبرئيل بہ آهن
۽ اسرافيل بہ
جنهن جي صور وانگر
ڪارخانن مان صدائون آڇي رهيون آهن،
۽ ماٺهو پنهنجي موت لاءِ
ڪنائي بہ رهيا آهن
۽ ڪافيءَ سان
سئنڊ وچ بہ ڪائي رهيا آهن.

*

هي ساڳيا ماٺهو تہ آهن
جن عمر خيام جي رسد گاهہ ڪي باهہ ڏني هئي،
جن اسڪندريہ جو ڪُتب خانو جلايو هو،
اهي ئي تہ مُلا قوي آهن
جن سرمد تي فتويٰ ڏني هئي،
تہ هو واجب القتل آهي،
اهي ئي تہ ها

جن دارا جي گردن اڏائي هئي.
اهي ئي ته ها
جن قراة العين طاهره جي
شاعري هَن جي نڙيءَ ۾ گهٽي ڇڏي هئي،
هي ئي ته مير صادق
۽ مير جعفر جا ساٿي آهن.
اهي فن جا دشمن،
وطن جا دشمن،
انسانيت جا دشمن،
جن جي زَبان اُنهيءَ خنجر وانگر آهي
جهڙو صحرائي عرب جي
ڪنهن ميڙ ۾ نه هوندو!
ڇا تون اُنهن سان پنجا آزمائي
اُنهن کي ڇڏي ڏيندين؟
شينهن جا پنجا
پيريءَ ۾ به
ايترا ڪمزور ته نه ٿيندا آهن،
جو هو اُهي
پنهنجي ٻچاوَ ۾ به آزمائي نه سگهي!

*

تو ڪيڏي نہ دير لاتي آهي؟
مان ڪيتري وقت کان
تنهنجي قبر کوٽي،
تُنهنجوانتظار
ڪري رهيو آهيان!

*

مان تہ ڪوئي تماچي بہ نہ آهيان!
پوءِ بہ
مونءِ ڪيان
تون نوريءَ وانگر
نهٺي
ڇو آهين؟

*

جنهن کي نظر تي
مهارت نہ هجي،
اهو جڏهن
نثري شاعري ڪري
تہ اُن کي
هُن جي مجبوري سمجهہ.
نثري شاعريءَ

جو حق
تہ اُن کي آهي،
جنهن جي نظر ۾ دريا جي رواني هجي،
پو ۽ هُو ڇتيون ڇوليون ڇڏي،
تلاوَ ۾
چند ڏسڻ چاهي،
ڇو تہ
اُن جي سندرتا کي
سيتلتا آهي،
سانت آهي.

*

مان موت کي
* حرف - مڪرّر وانگر
لوح - جهان تي ريٽي
تو ڏانهن موٽي آيو آهيان.
مان اِهو ڄاڻان ٿو تہ موت مون کي ماري نٿو سگهي،

---

* يا رب! مجھے زمانا مٹاتا ھے کس لئے
لوح - جہاں پہ حرف - مکرّر نہیں ھو میں.
(غالب)

(ترجمو:- يا رب! مون کي زمانو ڇا لاءِ ٿو مٽائي، جڳ جي ڦرهيءَ تي
مان ۽ پيرا لکيل ساڳو لفظ تہ نہ آهيان)

* ڇو تہ مون کي عشق زندهہ ڪيو آهي
ءِ جريده عالم تي
منهنجو دوام لکيل آهي،
جنهن کي ڪوبہ مٽائي نٿو سگهي.
مون کي هاڻي يقين ٿي ويو آهي
تہ جو بہ لوح - محفوظ ۾ لکيل آهي
اُن کي ڪوبہ ميساري نہ ٿو سگهي
ءِ موت کي تيستائين ترسٽو پوندو،
جيستائين مان هُن کي پاڻ وٽ اچڻ جي
اجازت نہ ڏيان؛
کي روح پنهجو مقدّر
لوح - محفوظ ۾ پاڻ لکندا آهن.
مون کي اِن کان اِنکار نہ آهي
تہ مون کي
موت کي نيٺ اِجازت ڏيڻي پوندي.
پر اُن کي تيستائين ترسٽو آهي
جيستائين،
منهنجيءَ شاعريءَ مان گلاب جي خوشبو اچي

---

* هرگز نميرد آنکہ دلش زنده شد بہ عشق،
ثبت است برجريده عالم دوام - ما.(حافظ)
(اهو هرگز مري نٿو سگهي، جنهن جي دل عشق زنده ڪئي آهي. دنيا
جي وهي کاتي ۾ اسان جي امرتا جو ٽپو لڳل آهي)

ءِ اوهان اَن ۾
پوپٽ جا پَر اَڏامندا ڏسو،
ءِ اوهان جي هانوَ ڪي
هِيرُون
هندوري ۾ لوڏن،
هندورو-
جو منهنجي هانوَ ۾ لڏي رهيو آهي.
جيستائين منهنجو مصرعو
گلاب جي پنکڙيءَ وانگر ٽي ويجي،
ائين ٽي ويجي،
جيئن پيار ۾ريا ڳاڙها چپ هوندا آهن،
ءِ منهنجا اکر ائين لڳن
جئن ۾نور اَڏامندي لڳندا آهن،
جيئن
ڪاريون اکيون اوچتو ڪَڇي
اکيرسان
ڏسنديون آهن
تيستائين
موت کي ترسٽو آهي،
منهنجي در جي ٻاهران،
انتظار ڪرٽو آهي.

*

ايا پکين 'چون' 'چون' نہ ڪئي آهي، ايا ابابيل اڏريا نہ آهن، ايا روشنيءَ جي ريک نہ نڪتي آهي ۽ باهر گهُگهه انڌيرو آهي. مان هر تهجد گذار کان اڳ ۾ جاڳان ٿو ۽ اُنهيءَ پروردگار جو ٿورو مڃان ٿو، جنهن کي هر ڪنهن پُڇنجا پنهنجا نانوَ ڏنا آهن ۽ جنهن مون کي شاعريءَ لاءِ هڪ ٻيو ڏينهن ڏنو آهي، پر منهنجي شاعري هُن کي ڇا ٿِي موٽائي سگهي ۽ اُن جي اهميت اُنهيءَ لاءِ ڪهڙي آهي، جنهن جي نہ ڪائي حد آهي نہ حساب آهي؟ ها اِها منهنجيءَ شخصيت کي پنهنجي توڙ تائين پهچائي يا جيترو به اڳتي وڌي ويي، اوترو چگو.

اي ڪتيون! جڏهن اوهان ڪَرَ موڙيو تہ اِن ڳالهه جون گواهه رهجو تہ مون جيتري زندگي اجائي وڃائي آهي، اُن جو ڪفارو ڪيي رهيو آهيان ۽ مون کي هر پل ائين ٿو لڳي جڙ موت جي وات مان گرهه ڪسي رهيو آهيان!

*

اي موت! مان توکي ڪيستائين نِرهه رکي سگهندس، تون جو ازل کان ٻُکيو آهين ۽ تنهنجي ٻُک متجي نہ ٿي متجي!

*

هن جڳ جي پلئون پل جو ڇيهه نه آهي، مون کي اُنهيءَ رستي تي هڪ پي وک وڌائڻ جي مهلت ملي، جو ڪٽي به نه ڪٽڻو آهي ۽ جنهن ۾ وسرام ئي اهڙو وسوسو آهي جو سچ نه ٿي سگهندو.

*

اي خدا! زندگي ۽ موت جي وچ ۾ ڪا وٿراهه هوندي؟ مون کي سائي نم ڏاڍي وٽندي آهي. تو ئي ته اها ٻٽائي آهي، ان جي ساواڻ ڏسي، مون کان اُن جي کوڙاڻ وسري ويندي آهي

*

اي خدا! مون ڪنهن ڪنهن پل ۾ توکي ايترو ياد ڪيو آهي، جو جيڪڏهن توکي سڄي زندگي ياد ڪيان ها، تڏهن به توکي ايترو ياد نه ڪري سگهان ها.

*

ڏس، سج ايئن اُپري رهيو آهي، جڏ منهنجي نرڙ تي تهجد جو نشان آهي.

*

مون کي ڪنهن دوست چيو: "نيٺ ساڳيءَ جاءِ تي پهتين جتان مون پنڌ ڪيو هو." مون چيو ته: "ها. تو ايمان سان شروع ڪيو هو ۽ مان وڌا ور وڪڙ اورانگهي، وڌا لڪ لنگهي ايمان تي پهتو آهيان. تنهنجو

ايمان ڪڏهن بہ ٽٽي سگهي ٿو. منهنجو ايمان اهو آئينو آهي، جنهن کي سج جيڏو پٿر بہ ٽوڙي نہ ٿو سگهي!"

*

پين کي ماٺهپو سيکارڻ وارا! ڇا تون پاڻ کي ماٺهو ڪري سگهيو آهين؟

*

بهاري ڇاپڙيا منهنجو دوست آهي، جو بمبئيءَ ۾ رهندو آهي. هن سان گڏجي مون ۽ هوندراج داس 'سدرشن' رسالو ڪڍيو هو، جڏهن اسان پهريون يا ٻيو درجو انگريزي نيو ايرا اسڪول ۾ پڙهندا هياسين. جڏهن ورهاڱو ٿيو تہ هو 'زندگي' رسالو ڪراچيءَ مان ڪڍندو هو. بيماريءَ جي باوجود هو مون سان ملڻ روز ووڊ هوٽل ۾ آيو، جتي مان ترسيل هوس.

ٻيون ڳالهيون ڪندي هن ٻڌايو تہ:

'مون کان تنهنجو اهو نظم ايڏا نہ وسريو آهي، جو مان 'زندگي' رسالي ۾ شايع ڪيو هو، پوءِ اهو نظم جهونگاريائين:

"نہ وسام، وسام، وسام نہ تون،
اي لَنو جي لاتَ وسام نہ تون."

مونکان اهو نظم وسري ويو هو ۽ منهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ شامل نہ آهي. نظم پڙهندي بهاريءَ جي اکين

مان ڳوڙها وهڻ لڳا. ساري زندگيءَ ۾ منهنجي شاعريءَ جي ڪنهن اهڙي ساراهه نه ڪئي آهي.

*

غالب چيو آهي:

'هم بهي تمهين دکهائين که مجنون نے کيا کيا
فرصت کشاکشِ- غم پنهاں سے گرملے'

"حيف ٽي ڙي غالب!" مون چيو:

"جي غم- پنهان جي ڪشاڪش کان توکي فرصت ملي ۽ پوءِ تون اهو ڪجهه ڪري ڏيکارين جو مجنونءَ ڪيو هو ته تو کهڙي مڙسي ڪئي؟ مڙسي ته تڏهن آهي جڏهن غم- پنهان مان فرصت به نه هجي ۽ پو به اهو ڪري ڏيکارين جو مجنونءَ ڪيو هو."

*

نه ڄاڻان اهو ڪنهن چيو آهي:

"چه خوش گفت بهلولِ فرخنده فال
که من از خدا پيش بودم دو سال
من آن وقت کردم خدارا سجود
که ذات و صفاتِ خدا هم نبُود."

(بهلول پلاري کهڙو نه چڳو چيو آهي ته مان خدا کان ٻه سال اڳي هوس، مون اُن وقت خُدا کي سجدو ڪيو، جنهن وقت خدا جي ذات ۽ صفات ٻه ڪانه

هئي)

پر اها پڪ آهي تہ هيٺيون شعر رومي جو آهي:

بزيرِ كنگرهٔ كبر ياش مردانند،
فرشته صيدو پيمبر شكار ويزدان گير.

(ڪبريا جي ڪُنگري هيٺان اهڙا مڙس آهن، جن فرشتا گرفتار ڪيا آهن، پيمبر شڪار ڪيا آهن ۽ خدا کي جهليو آهي)

۽ اهو شعر علامہ اقبال جي ڪَنن ۾ پَري رهيو هو، جڏهن چيو هيائين:

در دشتِ جنونِ من جبريلِ زبون صيدي
يزدان بكمند آور اي همّتِ مردانہ.

(منهنجي جنون جي ويراني ۾، جبريل نهوڙيل شڪار آهي، ۽ مردانہ همت! هاڻي خدا کي ڪمند ۾ پکڙي وٺ!)

اهي سڀ شعر مستيءَ جي عالم ۾ لکيا ويا ها ۽ مون به ڪيئي شعر مستيءَ جي عالم ۾ لکيا آهن.

عقل ۽ خرد جي
ٻاهريءَ ڪَنڊ کي لتاڙي،
تون انهن شعرن کي جنون تہ ڪوئي ٿو سگهين
پر توکي ڪوئي حق نہ آهي

تہ اُنهن کي
ڪفر ڪوٺين!
ٿون ڪير ٿيندو آهين
مون تي ڪفر جي فتويٰ ڏيڻ وارو؟
ڇا تون ڪائنات جو ڪونو ڪونو ڏٺو آهي؟
ڇا توکي معلوم آهي تہ ازلي حقيقت ڇا آهي؟
ڇا تو منهنجي سڄي شاعري پڙهي آهي؟

*

ٺيڪ آ، موت کان خوف اجايو آهي، جو تہ موت آهي ئي ڪونہ. زندگي جا ودان آهي، مُسلسل آهي. پر ڇا تون مڪافاتِ عمل کان نہ ٿو ڊڄين؟ ڇا تون اِهو نہ ٿو ڄاڻين تہ انسان آسڪر وائيلڊ جو * ڊورين گِري بہ ٿي سگهندو آهي؟

*

هي ڪُمقُما ٻري رهيا آهن، عودِ لوبان جي خوشبو اَچي رهي آهي، محفل پنهنجي رنگ تي آهي. ڇا توکي معلوم نہ آهي تہ اِهي رنگ رليون ڪيترو وقت آهن؟ ڇا تون اِهو نہ ٿو ڄاڻين تہ هيءَ ڏرتي هڪ وڏي اجگر وانگر وات ڦٽي ويئي آهي؟ تون جو دسترخوان تي ايترو

* ڊورين گري (Dorian Grey) آسڪر وائيلڊ جي هڪ ناول جو ڪردار.

هشاش بشاش وينو آهين ۽ ٿهڪ ڏئي رهيو آهين، ڇا تون ڇاٽين ٿو ته تون خود موت جو هڪ گرهه آهين!

*

تون خدا جو گناهگار آهين يا انسان جو؟ جي پهرين ڳالهه صحيح آهي ته تون ڪوئي خوف نه ڪر ڇو ته خدا غفار ۽ رحيم آهي، پر جي ٻي ڳالهه صحيح آهي ته خدا قهار آهي ۽ هُن وٽ معافيءَ جي ڪائي گنجائش نه آهي.

*

مون هن کي چتائي ڏٺو. هن جو مُنهن ٻِلپلو ٿي ڇُڪو هو. بنهه ڪَٻوسڙو! مَا، هو ڪنهن وقت ڊولائتو، ٺاهوڪو ۽ چڱو چوکو هو. ڪاڏي وئي هن جي اُها ڪشش، اُها چهري جي چاندني، اُها سونهن، اُها سوڀيا؟ ڇا هو ٻيهر صورتوند ٿي سگهندو؟ ڇا هو هِن زندگيءَ ۾ وقت کي پُنتي موٽائي سگهندو؟ سورج گهڙيءَ جي پاڇي کي ته سج به موٽائي نه سگهيو آهي؟

*

مُنهنجي ٻِڌَ جو ڪوئي سوال نه آهي، تون اڳيئي اَندو ٿي چڪو آهين، دوست ۽ دشمن ۾ توکي ڪائي تميز نه آهي.

*

جي لغت مان مون کي هڪڙو لفظ کڏي ڇڏڻو هجي تہ کهڙو کڻان؟ سڀ کان پرفريب لفظ تہ 'دوستي' آهي!

*

اي خوبصورت عورت! مون موت کي توکي چمي ڏيندو ڏٺو آهي. ڇا کوئي مصوّر اها چمي ڪئنواس تي آڻي سگهي ٿو؟ ڇا کوئي موسيقار ان جو سَرگم ڇاڻي ٿو؟ ڇا اها يَوائتي آهي يا پريائي ٽِي؟ موت جي ڳالهہ توکي جَهپائي، هَپائي ڇو ٽي ڇڏي؟ ڇا اهو اَوَس نہ آهي، اَڻ ٽر نہ آهي؟

*

اَڄ، اَدب سان پير جُهڪائي ويهہ! تون آسمان جي اڳيان بيٺو آهين. تون اُن جي اڳيان آهين، جنهن موت جي اسرار کي ڄاتو آهي.

*

ڇا تو اڳ ٿوهر جي ڪَنديارئ ٽاريءَ ۾ ڳاڙها گل ڏٺا آهن؟ جي ها تہ ڪجهہ وقت ڏيرج ڇو نہ ٿو ڪرين؟ نيٺ تہ رَت ڦِري ويندي؟

*

شفق جي ڳاڙهي رنگ ۾ ڦولايل ٿوهر کان وسري ويندو آهي تہ هُن ۾ ڪنڊا بہ آهن.

*

ڪَنڊو تہ ڪَنڊو ئي آهي، پوءِ اُهو گلاب جو هجي يا ٿوهر جو؟ يا ٻنهي ۾ ڪوئي فرق آهي؟

*

ڇا سڀ انقلابي ايترا مڪار ۽ فريبي هَيا، جيترو تون آهي؟ ڇا ڇگائي رڳو تسليم و رضا ۾ آهي؟ ڇا مون ٻنهنجي سنگيت نانڪ 'ڀگت سنگهہ ڪي ڪاسيءَ' تي وقت اَجايو وڃايو آهي؟

*

تون جُهري رهيو آهين، جُهري رهيو آهين، جُهري رهيو آهين، ٻنهنجي اصل ڏانهن موٽي رهيو آهين.

*

اي خاڪ جا ذرا! ڪيڏو غُبار ٿي ويو آهين؟ ڇا توکان ٻنهنجي حقيقت وِسري وَئي آهي؟

*

نعري باز! ڪڏهن هڪڙي رات بہ شهرِ خموشان ۾ گذاري آڻي؟

*

ڇا سڪ اهو ٻڌي آهي، جنهن کي ڪنهن بہ نہ ڏٺو آهي، رڳو اُن جون ٻولڙيون ٻڌيون آهن؟

*

اي نيرا بادل! ڇا مُنهنجي روح کي تو وانگر اطمينان

اچي نہ سگھندو؟

*

ڇا تون ڪرامات جو قائل نہ آھين؟ ڇا تو منھنجي شاعري نہ پڙھي آھي؟

*

لورڪا! تون تہ خانہ بدوشن جا گيت ڳائيندو ھئين! توکي ھن مٽيءَ جي گھر ۾ قيد ڇو ڪيو؟

*

ناظم حڪمت! يو. ايس. ايس. آر ٽنڊ ڪانپوءِ تون ٻڌائي سگھندين تہ تون ڇا لاءِ تُرڪيءَ ۾ نَوَ سال قيد ڪاٽيو ۽ باقي عمر روس ۾ جلاوطنيءَ ۾ گذاري؟

*

اي اديب! جي توکي ادب پيارو آھي تہ تاريخ سان گھٽو نہ وڇڑ ۽ جي وڇڑين بہ تہ رڳو پنھنجي خطي سان وِڇڑ! پورو ڏرتي جو گولو ڪُلھي تي تہ نہ ڪڑ!

*

تون چوين ٿو تہ زندگي ڪُتي ڪي بہ آھي، مان انسان ٿي جيئن چاھيان ٿو، پر ڇا تون اِھو ڄاڻين ٿو تہ انسان ٿي ڪيئن جيئبو آھي؟

*

پھرين پاڻ کي تہ سُڌارِ، ھليو آھين دنيا کي سُڌارڻ!

*

تون پهريون پنهنجي پاڙيسريءَ سان تہ چگو هل!
انسانذات تہ وڏي ڳالهہ آهي؟

*

هن ڪئليءَ کي ڪَنڊ ڪيرَ رسائي رهيو آهي؟ ڇا اِن
کان وڌيڪ توکي خدا جي ٻي ثابتي گهرجي؟

*

اي خدا! مونکي شمس تبريز جون اکيون ڏي تہ
جڏهن ڪتابن ڏانهن ڏسان تڏهن اُنهن مان آگ جا اَلا
اُيرنڙ لڳن!

*

جڏ تہ مان مينهوڳيءَ ۾ واريءَ جي ڏڙي تي مٽو
رکي ليئي پوان! انسانذات، مون کي ڪيڏي وڳوڙ ۾
وڌو آٿي!

*

جي پاڳل خانـي ۾ پاڳل آهن تہ اُنهن ڪان اُهي
پاڳل وڌيڪ خطرناڪ آهن جي پاڳل خاني کان ٻاهر
آهن-

*

هي پاڳل جي اولاد، پاڻ کي سياستدان ٿو سمجهي!
هي مَرِي وِيهن توبن جي سلامي ونندو!

*

وَجو، وَجو، اوهان لاءِ پوريءَ دنيا جيترو پاڻ کل خانو پيو آهي! ويو اُن تي چوپڙ کيڏوءِ ڏارن بدران گولين اُڇلايو!

*

ڇا تون وڏو ماڻهو آهين؟
تون وڏو تہ آهين، ماڻهو ناهين.

*

هڪ پيري مون ڏٺو تہ ٽُنهنجا ڳٽا لڙکي رهيا ها ۽ ڪومايل ڳل پيلي گلاب وانگر لڳي رهيا ها. پوءِ تون پلاسٽڪ سرجري ڪرائي آئينءَ ۾ سدا گلاب وانگر ٽِي لڳين؟ پر ڇا سدا گلاب بہ سدا رهندو آهي؟ موت ٽنهنجيءَ ڇميءَ لاءِ آتو آهي؟ اُن جا چپ وڌي رهيا آهن، توڏي وڌي رهيا آهن.

*

بيوقوف!
تيستائين ٽُنهنجي هَٿ ۾ خارش ٽيندي، جيستائين تون سڄَ کي بجو نہ ڏين.

*

مان توکي ڏرتيءَ تان ميسارڻ نٿو چاهيان، چو تہ مان خونيءَ نہ آهيان. باقي مون ٽنهنجو نالو دل جي تختيءَ تان ميساري ڇڏيو آهي.

*

سقراط پنهنجي شاگردن کي چيو:

"جڏهن اوهان منهنجي لاش کي پورڻ لاءِ کڻي هلندؤ، تڏهن مان اوهان جي پٺيان ايندس، رڳو اوهان ڏسي نه سگهندؤ!"

*

مون کي دشمنن مان ايترو نقصان نه پهتو آهي، جيترو دوستن مان!

*

منهنجي اکين ۾ لنگهه هڪ جوالا جي مُنهن ۾ پير رکڻ وانگر آهي.

*

سڀ کان ڏکيو سوال، جنهن جو ڪوبه انسان هن وقت تائين تسلي بخش جواب ڏئي نه سگهيو آهي، سو آهي: "تون ڪير آهين؟"

*

اي وسريل سِڻَ! ڇا تون منهنجي ازلي حافظي ۾ گم ٿي وئينءَ؟ ڇا مون کي بي زندگيءَ ۾ ياد ايندينءَ؟

*

يا خدا! مونکي تلوار نه گهرجي، مون لاءِ صليب بناءِ!

*

چنگَ، جي وڃائڻ اڇي، تہ ان کان وڌيڪ تکو ڇُرو ڪوبہ نہ آهي.

*

توکي پريان ڦٽڪيءَ وانگر ٿو لڳي، هونءَ تہ موت مصريءَ جي تڙ آهي.

*

زندگي بصر جي ڪل وانگر آهي. ان کي ڏسي ڳوڙها اڇي ٿا وڃن نہ تہ موت ايترو بُرو بہ نہ آهي!

*

جي ٿوري ڳڙ مان ڪر نڪري تہ تقرير کي ايترو گوگائِي ڇو ٿو بڻائين؟

*

هي ڪڪرَ تنهنجو ڪَجائو آهن، سفر لاءِ تيار ٿيو آهين؟

*

زندگي ديوار وانگر آهي، مان چاهيان ٿو اُها ٽپي اڳتي ڏسان؟

*

ڪڏهن خواب ۾ ٻليءَ کي پنهنجا ڇڇڙا بہ نظر آيا آهن؟

*

آبوءِ! هن ڪوس گهر مٽان ڪيترين نہ هِليون اچي مڙيون آهن!

*

هَد هَد وانگر ڪانپ ڪڍي وينو آهين! مٽان هِل لامارا ڏئي رهي آهي!

*

ميان مسخرا! موت سڀ ڪان وڏو مسخرو آهي، ٽنهنجي پٽيان ٻيهي ڪلي رهيو آهي.

*

هاڻي تہ مُلڪ ۾ رڳو ڪَانوَ وڃي رهيا آهن، مور جا ڪنڀ ٻہ نہ ٽا ملن!

*

اڄ ڪلهہ موت اُنهيءَ ماءُ وانگر آهي، جنهن جا ٽَئَ سُڪي ويا آهن.

*

ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ خُدا ڪيترو نہ چپ چاپ تنهنجي ڪڍ اچي رهيو آهي، رڳو تو مُنهن ورائي نہ ڏنو آهي.

*

اي قبر! تون ڪيترو نہ خاموش آهين ۽ شب - ماهتاب ۾ ڪيترو نہ وٽين ٿي؟

*

ميان توکي ايترو بہ صبر نہ آهي، جو اُنهي کيڙن کي آهي، جي تنهنجي ماس ۾ لڪا ويٺا آهن.

*

هر ماڻهوءَ جي ماس ۾ کيڙا انتظار ڪن ٿا.

*

هُن ڪُتي کي ايڏو وڏو هڏو وات ۾ آهي جو هو اُن کي چٻاڙي بہ نہ ٿو سگهي!

*

سچل جو ديس تہ وڃي مڪوءِ ملتان ٿيو آهي. توکي پڪ آهي تہ هو شهر درازا ۾ پوريل آهي؟

*

ڇا، جڏهن ماڻهو ڳگرين ۽ گولاڙن کان وڃڙي وڃي تڏهن ئي مارئي ٿئي ٿو؟

*

چنڊ ديوار جي پٺيان آهي، آنءُ تہ اُنجي پاڇي لاءِ بہ سِکي رهيو آهيان!

*

مون کانپوءِ ڪوئي تہ اچڻ لاءِ آتو آهي. ڪاڪ ڦُٽو آهي، مان هڪ پُسيءَ جي ڳاڙهن گلڙن ۾ ڏسي رهيو آهيان.

*

ميران! يڪتارو بہ ماڻهو وانگر آهي، جڏهن اهو وه جو پيالو پيئي ٿو، تڏهن ئي ان مان امرت جهڙا گيت نڪرن ٿا.

*

اڏر پکيئڙا! ايا لام تي لنوي رهيو آهين! سج ٻڏي رهيو آهي ۽ تنهنجو آکيرو پري آهي!

*

قراة العين! مان سڄي عمر تنهنجي تلاش ۾ رهيو آهيان، پر تنهنجي چهري مون کي بار بار ڏوکو ڏنو آهي.

*

توکي ڪنهن چيو تہ شبليءَ جڏهن منصور کي گل هنيو تہ هن کي صدمو رَسيو؟ هو تہ گل ڏسي پهريون پيرو مُرڪيو، جڏ تہ گل جي مُرڪ هن جَهپي ورتي هئي!

*

اي شبلي! توکان وڌيڪ اهل - ذوق ڪير ٿو ٿي سگهي جو منصور کي گل هڻي!

*

هِن درياهہ جون لهرون خدا جي مضراب آهن جا رات ڏينهن هُن جي وڇتر وينا تي وڄي رهي آهي.

*

اڄا تہ موت مون سان چَنر کيڏي رهيو آهي. اڄا تہ هُن راند کٽي نہ آهي!

*

موت تون کيڏو بہ کوٽو جواري ڇو نہ هجين، تون مون کان هارائي ويندين! مان جڏهن پِڙَ تان اُٿي ويندس تہ تنهنجو مُنهن لٽل هوندو ۽ تون مون کي تکيندو رهندين.

*

کهڙي الوداع؟ اي موت تون مان وَري وَري ملٹا آهيون.

*

باک جو کويل کوکي رهي آهي، واري واري سان کوکي رهي آهي ۽ اُن جي کوک سان منهنجو کمرو پرجي ويو آهي. ڇا ڪوئي ڄاڻي ٿو، ڇو کوکي رهي آهي؟

*

تنهنجي ساري ڪائنات منهنجي ڪمري جي مَٽ نہ آهي. هي اُن کان وڏو آهي.

*

جيڪڏهن ڪوئي ٻيو جنم آهي تہ داتا! مون کي ڪويل ٻڪائجانءِ. مان انسانذات مان ٽڪجي ٻيو آهيان.

*

هي ٻار تہ ڪَرُوبي هو تو هن کي وڏو ڇو ڪيو؟ ڇا اهو بہ تو چاهيو تہ وڏو ٿي هي صليب تي چڙهي يا صليب کي ڪوکا هڻي؟

*

ڪيرڪي گارڊ! تو منصور جو نالو ٻڌو آهي؟ جي نہ تہ تنهنجي معلومات آڏوري آهي.

*

جمليہ هاشمي! "دشت - سُوس" پڙهي مون کي عجب آيو تہ تون مون سان فقط هڪ ٻيرو ڏاڪا ۾ ملي هئينءِ، تو منهنجي سوانح عمري ڪيئن لکي؟

*

اي موت! تون دري کولي هوا جي جهوٽي وانگر اندر آيو آهين. مون کي ڪهڙي نہ مِٺي ننڊ اچي رهي آهي!

*

يار! توکي ننڊ ۾ يادگيري آهي ته جاڳ ۾ تون ٻڪيو هئين يا سُکيو هئين؟

*

اي سنڊ! ڇا مان ڪراچيءَ ۾ شرنارٿي نه آهيان؟

*

ڪِيرو! تون مونکان پڇي رهيو آهين ته مان موت تي ڇو لکي رهيو آهيان؟ هن عُمر ۾ مان ٻي کهڙي حقيقت نگاري ڪري ٿو سگهان؟

*

ڏِسُ! سمنڊ منهنجي ڪمري ۾ پيهي آيو آهي ۽ مان اَن جي لهرن ۾ لڙهي رهيو آهيان.

*

آڪاس عجب مان منهنجيءَ ڪليل دريءَ مان مون کي ڏسي رهيو آهي ۽ هو سوچي رهيو آهي ته هِي ڇا ڪَري رهيو آهي؟

*

تون ڇو مون کان، مُنهنجي موت وانگر رُسي وئي آهين؟

*

ڪالهه پهرين مَئي هئي. اڄ اخبارون نه آيون. ڪيترو نه وقت بچي پيو! خبرون افغانستان جي باري ۾ يا روس جي باري ۾ هجن ها يا پي ڪائي جڪ هجي ها. نه آيون ته چڱو ٿيو!

*

پنهنجي دوست کي قبرستان ۾ لَٿي، ۽ ڳوڙها وهائي گهر موٽي آيو آهين. ڇاٽين ٿو ته هُو تنهنجو انتظار ڪري رهيو آهي!

*

بُري کي وڏي واڳ هوندي آهي ۽ تقدير اُن مان قاسيءَ جو ڪندو اُٽندي رهندي آهي.

*

منهنجي توکي دعا آهي ته تنهنجو موت اسلام آباد ۾ ٿئي ۽ توکي سنڌ جي مٽي نصيب نه ٿئي!

*

هُو روز رات جو ايندو آهي ۽ توکي ننڊ ۾ ڏسي ڏپي پير موٽي ويندو آهي. ڇا تون هُن لاءِ جاڳي نه ٿو سگهين؟

*

واڳون هٿ ۾ ۽ پير رڪاب ۾ رک ۽ اِهو ڄاڻ ته عمر جي گهوڙي کي ڪٿي روڪڻو آهي.

*

تون پِٽ ڪان نہ ٿو ڊڇين ۽ نہ ئي ڇاڻين ٿو تہ ڏرتي ڏڏي رهي آهي.

*

چنڊ پنهنجي لوٽي مان چانڊوڪي پيٽي رهيو آهي ۽ تون آسمان هيٺان وهنجي رهيو آهين.

*

ڪُرسيءَ کي ٽنگون ٽي، چوٽين ليي ئي ڪانہ!

*

هن نندڙي ڪڙڪيتي کي سمجهي سگهين تہ سورج ٽُنهنجي پهچ کان ٻاهر نہ آهي.

*

تون ڪائنات کي سمجهڻ ڇو ٿو چاهين؟ ڪٽي اُهو توکي ٻہ اڌ ڪري نہ ڇڏي!

*

ارغون ڪٽي آهن؟ ترخان ڪٽي آهن؟ هي دؤر بہ گذري ويندو.

*

ڇاهو ڇَپُ هٽي ويهندو آهي تہ نانگ کان نہ مرندو آهي. هن دؤر جي نزاڪت کي سمجهہ!

*

رڳو سوئر کي وَڃَ ٽيندا آهن ڇا؟ ماڻهوءَ جا وَڃَ اَن کان تکا آهن، رڳو توکي نظر نہ ٿا اچن.

*

ڪيڏي نہ تکڙ آهي مون کي؟ برسات ۾ ليارئ نديءَ ڪان ۾ وڏيڪ!

*

طوفان ايڏا هَني تي نہ ويئو آ، اَن جو پير رڪاب ۾ ئي آهي. مان کو مصوّر هجان تہ اَن جي تصوير ڪيڏي وٺان.

*

مون ڪالهہ پي. ٽي. اين تي "ٽرانسڪيءَ جو موت" فلم ڏسي، سوچيو تہ هڪ هَر جي ڇُونہ ڪائنات کي ۾ اڏ ڪري سگهي ٿي.

*

سورج مکيءَ جي ڪيت ۾ وان گوگ- اِن ڪان وڏيڪ ٻوڳ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟

*

مان ٻانيان ٿو انساني شعور ڪٿي مرڪوز آهي ۽ موت ڪانپوءِ ۾ اُهو مرڪز ڦيرائي نہ ٿو، رڳو اَن مرڪز جو گهيرو ڦري وڃي ٿو.

*

جي مون کي ٻي جنم ۾ ٻه شاعر ٿيڻو آهي تہ مُنهنجي شاعري اُتان شروع ٿيندي جتي مان ڇڏيان ٿو. موت هڪ تسلسل آهي، هڪ قطع ڪلامي آهي، ٿوري وقت لاءِ.

*

آنءُ ازل کان اڪيلو پڪي هوس. خبر نہ آهي تہ مان وڃڻ ۾ ڪيئن ملي ويس. خبر نہ آهي تہ مون کان ماڳ ڪيئن وسري ويو ۽ سڏو ڇار ڏانهن ويس!

*

ڏاهر! ڇا صدام جي شڪست تاريخ کان تنهنجو پلئہ ونڻي رهي آهي؟

*

ڏاهر! تاريخ ڪيستائين ڏَڻ ڏيندي رهندي؟

*

گدڙ هجي يا بگهڙ، ڪوڙڪيءَ ۾ قاسڻ ڪانپوءِ ٻئي هڪجهڙا آهن.

*

هي رني ڪوٽ جي پهاڙيءَ تي ساندي جي ڇپ، اُن جي مٿان آپ ۾ ٽنڊيءَ ڪڪريءَ وانگر چمڪي رهي آهي. مون کي تہ ٻنهي ۾ ڪوئي فرق نٿو اچي.

*

هن ڇيهي کي ڪانياڻيءَ مان ڳوڙهو لڳو آهي ۽ وڻ تان اڏرندڙ ولر سان اڏري نہ سگهيو آهي. هو ڏرتيءَ تي ڇرپُر ڪانسواءِ پيو آهي. مان اُن کي تريءَ تي کڻان ٿو. هو گهڙيءَ لاءِ هڪ اک پٽي ٿو ۽ پوءِ موت جي زرد پنجي ۾ هن جو ٽنگون سخت ٿي، آکڙجي وڃن ٿيون.

*

هومر آڊيسيءَ ۾ چيو آهي:

هن پنهنجيءَ ڇاتيءَ تي ڏڪ هڻي پٽيو ۽ دل کي چيو: "ايڇا جتاءُ ڪر! تو هن کان بہ گهڻو وڌيڪ سَٿو آهي".

اڄ جڏهن مان اَت پيڙا مان گذري رهيو آهيان، مون کي 'هومر' ياد اچي رهيو آهي.

*

برناردشا خُدا کي ٺاهي رهيو آهي ۽ خدا مُرکي هن کي ڊاهي رهيو آهي.

*

* مان بيگاريءَ جي ڪَڙ تي هڪ جهوني بڙ جون جَٽائون ڳلن سان لائي روئي رهيو آهيان ۽ پاڻيءَ ۾ مُنهنجا لڙڪ ايئن ملي وڃن ٿا، جيئن مون وانگر هر شيءِ ملڻي آهي، ابدي وحدت سان.

*

* بيگاري- شڪارپور جو هڪ واهہ.

ڪيئل داس 'فاني' ڪي حڪمت جو شوق ٿيو آهي ۽ هو شڪارپور جا باغ ڇڪاري، ڪانوَل جا پن پٽي آيو آهي، جي مون ڪي ڏيکاري ايڏو خوش ٿي رهيو آهي، ڇڙ هن ڏهه نظم لکيا آهن. آخر ڪانول جا پن ڪنهن نظم کان ڇا ۾ گهٽ آهن؟ ڇا اهي خدا جي شاعري نه آهن؟

*

ميان! تون تاريخ مان سبق نه ٿو سکين؟ ڇا تون سڪندر کان به وڏو آهين؟ ڇا تُنهنجو ڪوئي بابَل نه آهي؟

*

هو ڪيڏو آڪڙجي ٿو هلي ۽ اهو نه ٿو ڏسي سگهي ته موت جو پاڇائون هن جي ڪڍ آهي.

*

"دارا! هي دنيا پاڳل خانو آهي" سرمد چيو، "تون ان جي ڪڍ لڳي مٿو وڃائيندين؛ هي اورنگزيب سڀ کان وڌيڪ پاڳل آهي ۽ انڪري تاج تخت جو حقدار آهي."

*

مان هن کي ائين چنبڑي وتو آهي، جيئن ڪوهه پيما جو هندوڪش تان پير تِرکي ۽ هو رسيءَ کي چنبڑي پئي.

*

ڇا هيءَ ڪائنات هڪ ڪوريئڙي جو ڇار آهي، جنهن جو نالو موت آهي؟

*

مان جمال ابڑي سان گڏ ابراهيم حيدريءَ ۾ هڪ بنگلي ۾ ميربحرن سان ڪچهري ڪري رهيو هوس؛ هيٺان ڪيئي هوڙا بيٺا ها. اوچتو مون سوچيو "ڇا مان، جمال، ميربحر، هوڙا ۽ اها ڪچهري جا اسان ڪري رهيا آهيون، انهيءَ سمنڊ جو سپنو نه آهي! جنهن وقت سمنڊ جاڳندو ته اسان جي اُن کي سار به نه ايندي؟"

*

مون ننڊ مان اُٿي سوچيو:

"هي سپنو ڪيتريون صديون اڳي جي ڳالهه هئي، ڇا مان اُن سان ناتو برقرار رکي ٿو سگهان."

*

آه! جڏهن بمبئيءَ ۾ تو هُن جو نالو ورتو ته مون چاهيو ته توکان پڇان "اِها ڪير آهي، ڇا انهيءَ کي

مون نربدا جي ڪناري، باز بهادرءِ روپ متيءَ جي مُحل کان ٽورو پرتي، ڏٺو هو؟"

*

ڇا منهنجو ذهن سالو دور داليءَ جي هڪ تصوير ٽي پيو آهي؟ ڇا نذرالاسلام مون کان وڌيڪ خوشنصيب هو، جنهن جلدي جند ڇڏائي ورتي؟

*

"گوربا چوف! مان اڪيلو نه آهيان، ساري تاريخ ان غلطيءَ جي قيمت ادا ڪري رهي آهي ته اُن بکونن جي جاءِ تي مارڪس کي ليڊر ڇو ڪيو؟"

*

تون نه دارا نه اسڪندر، ڪُرسيءَ تي ٽِڏين ڪيڏو ٽو!

*

مان سنڌ ۾ پيدا ٿيو آهيان، شوپنهار جرمنيءَ ۾ پيدا ٿيو هو. جڏهن مان به هن وانگر مري ويندس، تڏهن ان جي اهميت ڪهڙي رهندي ته ڪير ڪٽي پيدا ٿيو هو! جڏهن ڪيڏاريءَ جو تماشو پورو ٿئي ٿو، تڏهن ان ڪُولا لاءِ جاکوڙ اجائي آهي ته ڪهڙي ڪٽ پتلي ڪٽي رکي وئي آهي.

*

جي پٽائيءَ کي ڪراڙ جي ڪپ تي دوربين هجي ها تہ ڇا هو اِن کان بهتر ست لکي سگهي ها:

"ڪتين ڪَرَ موڙيا، ٽيڙو آيا ٽيئي".

*

تون مون کان هن جي پوڇا جو حق ڪسي نہ ٿو سگهين، پوءِ هوءَ تنهنجي جوءِ ئي ڇو نہ هجي!

*

ڇا خُدا کي ڇاٽڻ ڪانسواءِ هن کي ائين مڃي نہ ٿو سگهين؟ ڇو پنهنجي ڪَيَ پيو آهين؟

*

جي مان توکي ڇوان تہ ڪاليداس منهنجو ننڍو ڀاءُ هو تہ تون منهنجو مذاق اڏائيندين؟

*

تون سنڌ ۾ پٽائيءَ کان وڏو شاعر ڏسڻ ڇاهين ٿو؟ توکي اکيون آهن؟

*

* مارڪس آريليس! تون روم ۾ گذارو ڪيئن ڪري سگهين!

*

ڇا اڄ تائين ڪنهن ڇاتو آهي تہ ووڻءَ کي ڏنگ مان ڪهڙو مزو ايندو آهي؟

*

* مارڪس آريليس: روم جو هڪ بادشاهہ، جو دنيا جي عظيم فلسفين مان هو.

تون جو مريخ ۾ مشتري ٽپي ويو آهين، قاضي قاضن جي اُن مَنڊيءَ ماکوڙيءَ جيترو به نه آهين، جا کوهه مان آپ کڍي رهي هُئي.

*

زندگي نجد جي سحرا وانگر آهي. ليلىٰ فقط مجنونءَ جو تصوّر آهي.

*

ڇا کوهه - بي ستون مان جُوئي شِير آڻڻ لاءِ ڪنهن شيرين جو وجود ضروري آهي؟

*

مصوّر تصوير ۾ جان وجهي سگهي ته خدا ٿي وڃي.

*

اجمير ۾ مان به اکيون ڏٺيون. اُنهن مَنهنجين اکين ۾ ايتري آرادَنا سان ڏٺو جو آنءُ پاڻ کي سچ پچ دَشيَنت وانگر سمجهڻ لڳس. جي هوءَ شڪنتلا هُئي ته منهنجي جيونَ ۾ ڪيترو دير سان آئي هُئي!

*

ڇا زندگيءَ ۾ پوري خوشي نه آهي، فقط اُن جي آس آهي؟ ڇا انسان پاڻ ۾ ئي ڀٽيان ڀوڙن ٿا؟ ۽ پاڻ جڏهن لهندڙ سج جا آهن، تڏهن ٽڪجي بيهن ٿا.

*

مون الهاس نگر ۾ ڪيئي سوئر ڏٺا، جن جا ڪنڌ ڏکي رهيا ها ۽ جي ڪچرو کائي رهيا ها. مون کي اها ڪنڌ ڏوڻ ڏسي ڪجهه ياد آيو. جئوير چيو ته اهي هتان جي ميونسپالٽي ها.

*

تصوَر ته ڪر، آمريڪي رقاصه ازئدورا ڊنڪن يوناني ديوئ افرو ڊائٽيءَ جي مندر ۾!

ابد جي تاج ۾ اهو پل ڪوهنور وانگر جرڪ رهيو آهي.

*

چوندا آهن: 'نيڪي ڪري درياهه ۾ وجهه.' درياهه ڪيڏو نه وڏو آهي ۽ درياهه ۾ پَئِي هر شيءَ درياهه ٿي وڃي ٿي.

*

پرتري هَريءَ کانسوا، ٻيو ڪوئي پٺسي وارو ٻُڌاءِ جو شاعري ڪري سگهيو آهي؟ نه وري پرتريءَ هريءَ ان ڪري شاعري ڪئي هئي جو هُن وٽ پٺسو هو.

*

ميان! پٺسو پِٽ آهي، جنهن وٽ آهي اُهو عذاب ۾ آهي.

*

اسان جي جيئري تہ ان ڳالھہ جو فيصلو نہ ٿي سگھندو تہ اسان مان ڪير وڏو آھي. شايد اسان جي موت کان پوءِ ان جو فيصلو ٿي سگھي. شايد موت کان پر اھا ڳالھہ وسري وڃي!

*

مُتعصب انسان! مان توکي چڱيءَ طرح سمجھان ٿو. نيٺ تون اجنتا ۽ ايلورا کي پر سان آڏائيندين. شايد انھن سان گڏ تاج محل کي پر.

*

اي ديوي! تنھنجي کوپڑي پر اُن ھار جو حصو ٿي چڪي آھي، جو پائي مان تانڊوءَ ناچ ڪري رھيو آھيان. جي مون صدين تي سوپ پاتي تہ تنھنجو پل سجاپو آھي.

*

سکر بار روم ۾ ويٺا ھياسين. ۱۹۶۵ع واري جنگ ڇڙي چُڪي ھئي. ريڊيو تي آيو تہ "پاڪستاني پائلٽ، ھندستاني پائلٽ تي حملو ڪيو ۽ اُس کي چھکے چُھڙا ڏنے'. مون ٽھڪ ڏئي چيو "ھي جنگ کي ايڏا چوپڑ جي راند ٿا سمجھن. ڪيڏا نہ بيوقوف آھن." ٻي ڏينھن تي مون کي ٻي مھينا جيل ۾ وڌائون.

*

زندگي هڪ تبسّم جو نانءُ آهي، پر اها به هر ڪنهنکي نصيب نه آهي.

*

تُنهنجي پُٺي موت جو ڇرو ڏسي نه ٿي سگهي، جو تنهنجي پويان ٿو آچي.

*

توکي تقدير ۾ اعتبار نه آهي. مان پانيان ٿو ته اها ڳالهه به تنهنجي تقدير ۾ آهي.

*

موت هر ڪنهن کي رڙڪي رهيو آهي. تون به ڪاغذي بادامي ۽ وانگر هُن جي هوڙن جي وچ ۾ آهين پر توکي ايا چَبَ نه آئي آهي.

*

مون کي مرندي موت محسوس نه ٿيندو.

*

* ڇا خانقاهه ۽ خرابات ۾ ڦري حافظ روءِ حبيب ڏٺو؟

*

** يگانه خدا نه ٿي سگهيو. رڳو گناهه- زنده دليءَ ۾

---

* درعشق خانقاه و خرابات شرط بسنيت
هر جا که هست پر تو روئے حبيب هست.

** يگانه - اُردو جو مشهور شاعر ياس يگانه چنگيزي

گڏهم تي چاڙهيو ويو.

*

راشدي چوندو هو تہ مان ڪوئي ڪُتو آهيان ڇا جو ڪنهن ماڻهوءَ سان وفادار رهان! هَن کي خبر نہ هئي تہ ڪُتو ماڻهوءَ جو آدرش آهي. هر ماڻهوءَ جي وس ۾ نہ آهي تہ هو ڪتو ٿي سگهي.

*

"همه کس طالبِ يا رند چہ هشيار وچہ مست
همه جا خانهءِ عشق است چہ مسجد چہ کنشت".
حافظ! سنڌ اسيمبليءَ جي باري ۾ ڇا ٿو چوين؟

*

ساري برصغير ۾ اهڙو شعر مير درد کانسوا ڪنهن بہ نہ چيو آهي:

درد کچھ معلوم ہے یہ لوگ سب،
کس طرف سے آئے تھے کیدھر چلے.

*

تون موت کان ڏاڍو آهين يا موت تون کان ڏاڍو آهي. اهو پتو تہ اڃتي هلي پوندو.

*

* ڪڏهن تہ ٿُنهنجي آرايش ختم ٿيندي؟ ڪڏهن تہ تون آئينو ٽوڙي ڦِٽي ڪندينءَ؟

*

* آرايش جمال سے فارغ نہیں ہنوز
پیشِ نظر ہے آئنہ ہردم نقاب میں.

غالب! مان تہ هُن کي روز ڏسندو آهيان. ڪڏهن مونسان ڪلڦٽن تي هل تہ مان توکي بہ ڏيکاريان.

* جڏهن سج سمنڊ ۾ ٻڏندو آهي، هو چوڌاري ڇانئي ويندو آهي.

*

فيض! تو وصيّت ڇو نہ ڪئي تہ توکي فوجي آفيسر ۽ بيورو ڪريٽ نہ پڙهن!

*

لوئي آراگون ڪميونسٽ نہ هجي ها تہ بهتر شاعر هجي ها.

*

آندري بريتون ماورائي حقيقت نگاريءَ جو باني هو. دراصل حقيقت تہ هڪ فريب آهي، جو ڪجهہ آهي ماورا آهي.

*

آمريڪي انقلاب پنهنجي اقتصادي سامراجيت جي باوجود والٽ وٽمئن ۽ رابرٽ فراسٽ پيدا ڪري سگهيو. اُن ۾ ڪا تہ ڳالهہ هئي!

*

---

* اُسے کون دیکھ سکتا کہ یگانہ لے وہ یکتا،
کے دونے کی بو بھی ہوتی تو کہیں دوچار ہوتا.

نہ ميندالستام پيدا ڪري سگھيو نہ ائنا اخمتووا.
چيني انقلاب اجايو وَيو.

*

جي 'لارا' جي ڪردار تخليق ڪرڻ لاءِ روسي انقلاب ضروري هو تہ مان اُن جو خير مقدم ڪيان ٿو.

*

پاسترناڪ مري ويو، زواگو زندهہ آهي.

*

ميان، مرندين تہ تون تنها هوندين. جماعت تہ توسان فقط جنازي نماز تائين هوندي.

*

نئين ۾ نئين جمهوريت وڏي ۾ وڏي آمريت کان ڇڪي آهي.

*

غالب چيو آهي :

'ڪف افسوس ملنا، عهدِ تجديد تمنا هے'

ڇا الطافَ پائي اها ڳالهہ سمجهي سگهي ٿو؟

*

اردوءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ميراجي هو.

*

فراق گورکپوريءَ ۾ ايترو جينيس نہ هو جو هو اردوءَ جو مزاج بدلائي سگهي، هن جي رباعين ۾ سنسڪرت جا لفظ اوپرا ٿا لڳن.

*

خواجا فريد ۽ سچل سرمست جي هڪ دنيا آهي، غالب ۽ مير جي ٻي.

*

چون ٿا تہ اردوَ جا پنجابي وارث، جگر مراد آباديءَ تي لاهور ۾ ڪِليا ها.

*

چَون ٿا تہ خواجا فريد شڪر گنج جي گهر ۾ اڪثر فاقو هوندو هو. هڪ ڀيري هن جي زوجہ محترمہ چيو تہ فلاڻو ڇوڪرو فاقي ۾ مري ٿو. فريد چيو تہ: "جي تقدير الاهي اها آهي تہ ائين ٿيندو."

*

ڇا ساقي! مون هيءَ ڳالهہ تو لاءِ ٿوٽ ڪئي آهي، تو جنهن اسلام جو مطالعو گهٽ ڪيو آهي.

*

هڪ صوفيءَ کان ڪنهن پڇيو: "موت ڇا آهي؟" هن کيس جواب ڏنو: "تنهنجو اهو سوال بہ موت جو حصو آهي. انهيءَ کان وڌيڪ مان نٿو ڄاڻان."

*

اڙي ڪير ٿو چوي هتان جي ڪنهن بہ سياستدان کان چاٽڪيہ برو هو؟

*

ڇا اهڙو ڪو مصوّر آهي جو ايراني ڪوهَ جي تيل ۾ رفسنجانيءَ جي تصوير ڪڍي سگهي.

*

ڪنهن سان ايتري سِڪَ بہ نہ رکَ، جو اُن ۾ سُڪَ ٿي وڃين!

*

جي ماڻهوءَ ۾ نانگ ٻنهي کي ڪير پياريندين، تہ توکي ٻنهي ۾ فقط هڪ فرق نظر ايندو. نانگ توکي ڏنگڻ مهل اُن ڄاڻ کان وانجهي هوندو تہ هو توکي ڏنگي رهيو آهي.

*

هو توکي ڏسي سڙي رهيو آهي. ٻلي سڙي. آخر باهہ ٿُنهنجي تہ نہ آهي، هُن جي پنهنجي آهي!

*

موت ايترو خراب بہ نہ آهي. آخر توکي زندگيءَ جو ٽڪُ لاهڻو آهي يا نہ؟

*

چون ٿا هو وڏو ماڻهو آهي. هن کي هڪ ڪار آهي، بنگلو آهي، وزارت آهي. مان ته سمجهان ٿو ته هو ننڍي ۾ ننڍو ماڻهو آهي. هُن هي سارو آسمان ڇڏي ڏنو آهي.

*

مهاڻي سارو ڏينهن مڇيون وڪڻي چانديءَ جا سڪا ڳڻي رهي هئي. اڌيءَ تي پيل ڇلر هن تي ڪِلي رهيا ها.

*

ڪُرسيءَ جون ٽنگون ڀڄنديون آهن ته اُنهن جي ملهم پٽي نه ٿي سگهندي آهي.

*

جيترو غلط موت کي سمجهيو ويو آهي، ڪنهن شيءِ کي نه سمجهيو ويو آهي.

*

هي تنهنجو لاش پيو آهي. رڳو تون ئي نه ٿو ڇاڻين ته هي تنهنجو لاش آهي! يا تون ڇاڻين ٿو؟

*

هُن جيروم. کي. جيروم جو ڪتاب ڏسي مزاحيا ڪالم ٿي لکيو ۽ لکڻ وقت ڪٽ ٿي ايئن ويٺو هو جڙ خود اخبار جو مزاحيا ڪالم آهي.

*

هن وڇوڻءَ مون کي ڏنگ هنيو آهي. مون ۾ ايتري سگهہ نہ آهي تہ مان پيرن هيٺان هَن کي چيتاڙي سگهان. اوچتو مان ڏسان ٿو تہ آسمان مان ڪو لانگ بوٽ هيٺ لهي رهيو آهي.

*

ڇا ٽراٽسڪيءَ ۽ اسٽالن جي موت ۾ اذيت ساڳي هئي؟

*

جيڪو بہ ڦاسيءَ جي ڦندي ۾ لڙڪيو آهي، سرمد تہ ناهي!

*

تون پهاڪو ٽيڻ ٿو چاهين؟ چنگيز خان کي پهاڪو ٽي ڇا ملیو؟

*

ماٺهو ٽي مرڻ چاهين ٿو؟ گانڌيءَ وانگر مرندين؟

*

گوڊسي جي مٽيءَ کي سنڌوَ جو لهرون ايترو ڇو پسند هيون؟

*

ڇا موت ڏاڙيل آهي؟ يا ڪنهن وقت هو تنهنجو ڏن توکي موڪائي ڏي ٿو؟

*

ڇا تون خلاباز آهين يا فقط خلا آهين. نيٺ تہ پوئين ڳالهہ صحيح آهي، بازي ٽوري وقت لاءِ آهي.

*

ڇا تنهنجو انت ڪوئي پائي سگهي ٿو؟ ڇا هُو اهو ڇاڻي سگهي ٿو تہ تون بي انت آهين!

*

منهنجي حياتي بہ تنهنجي ڳولا هئي، منهنجو موت بہ تُنهنجي ڳولا آهي، تون جو ليي نہ ليٽو آهين؟

*

مشتريءِ مريخ تہ ڏاڍو ڏور آهي. توکي انهن کان بہ پري ٿو ڏسان، پنهنجي پاڻ ۾.

*

ڏول وجهان؟ مَس تہ پرجي ٿو نڪريءِ ڪوهہ ۾ پاڻي اڳي کان جهجهو ٿيندو ٿو وڃي.

*

منهنجو هڪ اڻ پڙهيل مائٽ هيو. هو گفتگوءَ ۾ سوريئلسٽ هوءِ عجيب غريب تشبيهون ڏيندو هو. چوندو هو:

"هُن جا ڪن تہ نہ آهن، شوالي ۾ ڏيئا ٻيا ٻرن."

"اکيون تہ نہ آهن، حوض ۾ ڪانگهارا ٻيا آهن."

"ويڙو تہ نہ آهي جڙ اوتاري ۾ ٻُهارو رکيو آهي."

* هُن کي سالو دور دالي ۽ وانگر وڏيون ميڇون نہ هيون نہ تہ ڳالهہ ٻولهہ ۾ هُن وانگر لڳندو هو.

*

خدا سيني کان وڏو بہ آهي ۽ سيني کان ننڍو بہ آهي. ڇا تون اهو سمجهي سگهيو آهين؟

*

جي منهنجي شاعري توکي خدا جي وجود جو ثبوت نہ ٿي لڳي تہ ايا توکي ٻيو کهڙو ثبوت گهرجي.

*

توکي نہ دستِ يوسف، نہ يدِ بيضا!
مان هي کتاب توکي ڇا جي لاءِ پيش کيان!

*

فيض جيل ۾ نہ هجي ها تہ اها شاعري ڪري سگهي ها، جا هن دستِ صبا ۽ زندان نامہ ۾ ڪئي هئي؟

*

ڇا دستِ صبا ۽ زندان نامہ جي تخليق ٿيٽي هئي، انڪري فيض کي جيل ۾ وڃڻو پيو.

*

ڪاليداس، وڪرماجيت کان وڏو ماڻهو هيو. ڇا توکي ان ۾ ڪوئي شڪ آهي؟

*

---

* سالو دور دالي - هسپانوي مصوّر جو ڪجهہ سال اڳ آمريڪا ۾ گذاري ويو.

هاڻي ڪوڙ ڳالهائڻ عيب نه رهيو آهي. جهنڪي ڪوڙ ڦهي وڃي، اُن جهڙو ڇڳو ماڻهو ڪوبه نه آهي، پر ڇا سچ پچ ماڻهوءَ کي ڪوڙ ڦهي ٿو وڃي؟

*

تون استريءَ کي ديوي ٿو سڏين! استري تونري آهي، تڏو آهي، داٻلو آهي ۽ جي ديوي آهي تہ رڳو تنهنجين اکين ۾ آهي.

*

ٽُلسيءَ جي ٻوٽي کي پاڻي ڏئي رهيو آهين، صبح کي وڏيڪ اجرو ٿو ڪرين!

*

ڏينهن ۽ رات ۾ پکي آهنِ، جي سج ۽ چنڊ جا آنا لاهي اُڏامي ويندا آهن.

*

جي تون ڇاٽين ٿو تہ ڪويل ڪوڪندي ڇو آهي، تہ تون منهنجيءَ شاعريءَ جو ۾رپور اِياس لکي سگهين ٿو.

*

پاڪستان ۾ اسلام پسند رات جو چمڙن وانگر اُڏامندا آهن ۽ ڏينهن جو اُن جي ڇت ۾ اونڌا لٽڪي پوندا آهن.

*

نيٺ تہ ڪن پل لئِ نندَ ڪيئِ؟
موت جو ذائقو ڇکِي وَرٺئِ!

*

يا خُدا! ڪيستائين انسانن کي جانورن جي رعايا ٿيٽو پوندو؟

*

فن جيترو موت جي ويجهو اچي ٿو، اوترو پيلي گلاب جي گل وانگر ٽڙي پوي ٿيو.

*

مون کي پڪ آهي تہ مان اڳين جنم ۾ وديا پتي هوس ۽ منهنجي پوليِ ميٽلي هئي.

*

جي هاڻي مونکي اهو احساس ٿئي تہ تون ايتري پيار جي لائق نہ هئينءَ تہ ڇا مان توکان ڏُنل پيار موٽائي وٺي ٿو سگهان؟

*

ڇا موت جي ويسر ۾ ڪائي اهڙي سارَ آهي جا ويسر وارِي نہ ٿي سگهي؟

*

ڇا نذرالاسلام مون کان وڌيڪ چريو هو، جو هُو چُپ ۾ ٻُڌي ويو هو؟

*

مون هن جي بنسري ٻڌي ته آهي پر ڇا مان چيتنيہ وانگر وچ لوڪ ۾ نچي سگهان ٿو؟

*

تون تاريخ ۾ اهي ڳالهيون سمجهائي نہ سگهندين ته اڪبر عمر ڪوٽ جي ٻرسان، ۽ ابو الفضل ۽ فيضي سيوهڻ ۾ ڇو ڇايا هيا؟

*

"جيئري تنهنجي جاءِ جيتري ننڍي هوندي، مُئي ڪانپوءِ تون اوتري وڏي جاءِ ولاريندين"

*

تون چوين ٿو ته موت اتفاق آهي، مان چوان ٿو ته اُن جو وقت اُن مهل طئي ٿيو هو، جنهن وقت ايڏا تون ڇايو نہ هُئين.

*

ڇا روح ۽ شعور ساڳي ڳالهہ آهي؟ يا شعور دماغ سان واڳيل آهي ۽ شعور جو خاتمو روح جو خاتمو نہ آهي؟ يا شعور روح جو حصو آهي، جو موت ڪانپوءِ روح ٻي جسم ۾ ڪٽي وڃي ٿو؟ جي ها ته ڪيئن، ڪهڙيءَ طرح، ڪيتريءَ حد تائين، ان جو جواب مشڪل آهي.

*

موت ڪيترو سؤلو آهي. اهو تون مري سمجهي سگهين.

*

موت کي ڪئلينڊر ۾ ڪونہ هوندو آهي، ڪمپاس هوندي آهي.

*

اشوڪ کان اڪبر تائين ڪهڙيون صديون گذريون؟ شايد وچ واريءَ تاريخ کي فالج ٿي پيو هو!

*

فيض خوش نصيب هو، جو گلاسنوست ۽ پيرسترائڪا کان اڳ ۾ گذاري ويو.

*

موت جي ڀُربت شايد حواس تيز ڪري ڇڏيندي آهي.

*

جيستائين تون موت کي نہ سمجهندين، زندگيءَ جي ڪنهن بہ سوال جو جواب ڏئي نہ سگهندين.

*

هي دنيا هڪ سراءِ آهي. ان مان هر ڪنهن کي لڏڻو آهي. ان ڳالهہ تي نہ افسوس ٿيڻ گهُرجي نہ عجب. سياٽڪ جي تقاضا اها آهي تہ ان کي گهَرَ نہ سمجهين.

*

تون ڪوڙ سان نِباهُ ڪري، ڪيڏو نہ خوش لڳي رهيو آهين! پر ڇا تون سچ پچ خوش آهين؟ ڇا تنهنجي ڇهري تي چمڪ پايدار آهي؟ يا اها انهيءَ وچ جي چمڪ وانگر آهي، جا توتي نيٺ ڪِري، توکي رکَ ڪري ڇڏيندي؟

*

ڪنهن انگريز جج فتويٰ ڏني آهي تہ "پنهنجيءَ زال سان بہ زنا ٿي سگهندي آهي."

ماڻهن کي عقل ڪيترو نہ دير سان ٿو اچي!

*

ماڻهن کي عقل هوڙ ويهارو ورهين کانپوءِ نڪرندي آهي، ڪنهن ڪنهن قوم کي پنهنجيءَ تباهي کان اڳ عقل هوڙ نہ نڪرندي آهي.

*

ڇا هوءَ قوم تباهہ ٿيندي، ماڻهو بچي ويندا؟

*

ٿُنهنجي قيامت، منهنجي معراج آهي.

*

مان تہ توکي بہ بچائڻ چاهيان، پر مان ڇا ڪيان توکي خود ڪشيءَ جو شوق ڪنيو ٻيٺو آهي.

*

شداد جي بهشت ۾ ڪيستائين گذاريندين؟

*

ڇا مزدڪ وري وري آپري ايندو؟

*

چون ٿا تہ خودڪشيءَ جو بہ هڪ نظريو هوندو آهي!

*

سنڌ جي ڏرتي ڪنهن بہ نظرئي تي مدار نہ ٿي رکي.

*

ڦوڪٽو نيٺ تہ ڦاٽي. اُن جي اندرين هوا ٻاهرين هوا لاءِ ڪيترو بي چئن آهي!

*

تون جو پاڻ مجسم شيطان آهين، مون تي لاحول ولا پڙهي رهيو آهين!

*

سچا دوست چڏي تو ڪوڙا اپنايا آهن، جي تنهنجا ڪانڊي بہ ٿيندا، قبر بہ ٿيندا.

*

تون جو ڪاذب آهين، پنهنجي قبر تي پاڻ گل رکي رهيو آهين!

*

مان ڏسان ٿو تنهنجو موت، جو تنهنجي ترو تازه جسم تي پيل گلاب جا گل سنگهي رهيو آهي!

*

بروٽس! تنهنجو خنجر اِجهو ٿو توکي لڳي! باقي ٿوري دير آهي.

*

'ڪوڙيءَ ۾ ڪاڻ' 'ڪوڙيءَ ۾ ڪاڻ.....' سون مڻ ڀٽائي ٻولي رهيو آهي.

*

موت تنهنجي دربان سان چاءِ پي رهيو آهي، تنهنجي ڪوپريءَ ۾! اِجهو در ڪڙڪيو.

*

تُنهنجي قبر کي هاتار کوٽي، ٽَهي رهيا آهن. ڳجهون اهو تَر ئِي ڇڏي ويون آهن.

*

هُو هوا ۾ معلق آهي، نظرئي ۾ ٿو رهي.

*

ڏرتي وڏي يا نظريو وڏو؟ ظاهر آهي ته وڏو اهو ٿيندو، جنهنجو دماغ بادلن ۾ هجي پوءِ هن جا پير ڏرتيءَ تي ڪٽل هجن يا نه.

*

طنز ڏاڙِڙ جي مُنهن تان رَئو لاهي وٺندي آهي.

*

ڇا ٻُڌي تي ڪلڙ طنز ۾ شامل آهي؟

*

ڪنهن کي ٿو ڏند ڏيکارين؟ هو ته پڏو آهي.

*

هن جي قبر سنگ مرمر جي نه بڻاءِ، جئين روز قيامت مردي کي ٻاهر اچڻ ۾ تکليف نه ٿئي!

*

واهه ڙي مستقبل جي تاريخ!
هن جو سنگ لحد پيو آهي، لحد ڪونهي!

*

منهنجو سنگ لحد اوهان جو سپنو هوندو!

*

مونکي تخت تي نه ويهارءِ تاج نه پهراءِ. توکي معلوم نه آهي ته تاج و تخت جي قسمت انت پيرن ۾ هوندي آهي؟

*

موت جڏهن ٽوڪر هٽندو آهي، تڏهن هڏا قبرن مان نڪري نِڪرن پترن سان ملي ويندا آهن.

*

مان بہ ڏسان ته ڪيستائين تون قبر ۾ محفوظ آهين!

*

موت اهو ملاح آهي جو ڪروڙين ڪشتيون ڪاهي ٿو، پر پوءِ بہ هن جا بازو نه ٿا ٽڪجن.

*

موت تہ هر ڪنهنکي ماري ٿو ڇڏي، افسوس آهي اُنهن تي جن کي زندگي ماري ٿي ڇڏي.

*

افسوس آهي توتي جنهن سان مون عشق ڪيو هو، تون جا پيريءَ تي پهتي آهين ۽ چاهين ٿي تہ وار ڪارا ڪيان!

*

افسوس اُنهيءَ گهڙيءَ تي، جڏهن تون بستري مان اٿين ٿي ۽ توکي وِگ پاتل نہ آهي!

*

ڇا مون توسان عشق ڪيو هو؟ يا پاڻ سان عشق ڪيو هو؟ يا عشق سان عشق ڪيو هو؟

*

منهنجيءَ شاعريءَ مان تنهنجي اکين جي ڳالهہ ڪڍي ڇڏجي تہ باقي ڇا بچي؟

*

پنهنجا زلف پيرن ۾ نہ وَڌِ. نانگ ديوتا ٿيندا آهن.

*

ائين ٿڌي ٿانهري آڳرين جي ڏوڏن مان نَڪاوَ نہ ڪَيُ. مٿان وڃ ٽڙڪاٽ ڪري رهي آهي!

*

سارو جهنگ باهہ ۾ وکوڙجي ويو آهي. هاڻي بتي

ٻارين ۾ ته ڇا، نه ٻارين ۾ ته ڇا؟

*

ميان! موت ته ويجهو آهي، زندگي پري آهي!

*

اڄ ڪلهه ٻهاڪو ڦري ويو آهي. "ڪتي جا ڏند ڏيکارجڻ جا هڪڙا، کائڻ جا ٻيا!"

*

ميان! ٿُوتِيو ته جام ٿو ملي، جي ناس ٻِتو نه ٿو ملي!

*

هاڻ ته ڪانونَ جا ٻچا عقاب ٿي پيا آهن!

*

صدام حسين! سنڌ ۾ 'بم ڦٽا ڪرڻ' رڳو هڪ اصطلاح آهي ۽ اُن جي معنيٰ ڪوڙ ڳالهائڻ آهي. ڇا توکي ڪنهن سنڌيءَ اهو اصطلاح ته نه ٻڌايو هو؟

*

مان توتي دانهين آهيان اي ديس! مان توتي دانهين آهيان. نيٺ ته دربار لڳندي، جنهن ۾ منهنجي دانهن ٻُڌبي!

*

ڏرتي! تون ڪهڙو جانور آهين؟ تنهنجي ٻَڄ ٻَڄ مان بوءِ اچي رهي آهي!

*

اُردو اخبارن کان ڪير وڌيڪ ڇاڻي ٿو تيليءَ مان ٽنبي ۽ ٽنبي مان تيلي ڪيئن ڪبي آهي!

*

سدائين ڪَتي ٿو ٿي هوندي، سانوڻ نيٺ ٿو اڇٽو آهي!

*

تون ٿو چوين ٽو ٿو هُن کي اونڌي کوپري آهي. مان پڇان ٽو ٿو هن کي کوپري آهي به سهي يا آهي ئي ڪانہ؟

*

اسلام جي گرڙ کان سوا هن جي ديگ ۾ آهي ئي ڇا؟ چمچي ۾ به ٿو اُهائي پوندي.

*

ڏاڍيون ٽاڏون ٽو ڏين! ڇاڻين اٽو ٿو هن ديس جي مستقبل ۾ ڇا آهي؟

*

ڇا 'ٽرٽلو' لفظ 'ٽر' مان نڪتو آهي. اي سنڌ جي تاريخ مان جواب جي انتظار ۾ آهيان؟

*

ڏرتي! مان ٽوري ويرم آهيان. ڇَئُہ ايا تو لاءِ ڇا ڪيان؟

*

رنجيت سنگهہ! انڊن ۾ ڪاٽو هئڻ، سنڌ ۾ لياقت جي نشاني سمجهي ويندي آهي.

*

جي. ايم. سيدَ! ڪيستائين آسمان ۾ اکيون اٽڪائي وِهندين؟ جهڙَ تہ واري سان ڇڇي ٿا ويجَن، جي ابابيل پٿريون وسائيندا تہ اُهي پنهنجي مٿي تي ئي ڪرنديون!

*

صدام حسين! سنڌيءَ ۾ چوندا آهن: "اُٺ جي چاڙهيءَ تي بہ لعنت، لاهيءَ تي بہ لعنت."

*

شيوا جي! تنهنجُو خنجر توکي لڳي ويو. افضل خان پاڪستان آڇي نڪتو.

*

ڇا توکي معلوم آهي تہ تاريخ جي ڪائي ڪائي گهڙي صدين کان وڏي هوندي آهي؟

*

اي لکندڙ آگر! لک، هن وقت تائين، هن ديس کي اُبتي پٽي پڙهائي وئي آهي!

*

اي سياست وارؤ! اوهان ڏرتيءَ جي فلسفي ۾ اعتبار نہ ٿا ڪيو. ايڏا تائين اوهان کي آپ ڏسڻ ۾ نٿو اچي!

*

سنڌ جو پاڻي بند ڪرڻ ٿو چاهين! ڪٿي آٿو آڻڻ نہ ٿي ڏيو!

*

يار! اڇن ڏندن جي پريت نہ ڇڻ، پوءِ اهي ڏند پٿر جا ئي ڇو نہ هجن!

*

ڇا شاعري تُنهنجي ڏال آهي، موت جو وارَ روڪي سگهندي؟

*

موت سيني کان ڏاڍو آهي تہ بہ ڊڪٽيٽر نہ آهي. سيني کي جمهوريت آڇي ٿو.

*

عجب آهي! مون آسمان ۾ ٽڪ اڇلي تہ منهنجي مُنهن ۾ تہ نہ، تُنهنجي مُنهن ۾ ڪِري!

*

آکن تي پارو، اکين کي ڪيترو نہ وٽندو آهي. اها پي ڳالهہ آهي تہ آکن جا پن سکي سڙي ويندا آهن.

*

پوڻو هوندءِ تہ ٻاريندين! هيل تہ پاري سڀ ٻوڙا سُڪائي ڇڏيا آهن.

*

ڇا هيءَ جبل جيڏي رات اڃي پوري ٿي آهي؟

*

مون کي سڄ جهڙيون نگاهون آهن. تنهنجن اَڇن وارن جي برف رجي پوندي.

*

نيرو، صدام کان تہ ڇگو هيو جو هنَ وانگر ڇريو تہ هيو پر رڳو ستار هلائيندو هو.

*

متان ڇاقوءِ سان سَهي کي کَهين! متان توکان وسري وڃي تہ موت تنهنجي پٽيان ڇيتي وانگر پهن تي ڇالَ ڏيڻ لاءِ ويٺو آهي.

*

يَؤُ تہ اوچتي موت جو ٿيندو آهي. باقي بستري ۾ ڇڙي ڇيڪي ماڻهو موتَ تي هِري ويندو آهي.

*

سَرمد! تيستائين موت جو يؤُ ٿيندو آهي، جيستائين جلاد جي تلوار گردن تي ڪرندي آهي.

*

ميان! چون تا تہ تون ڏاڙهي ڪوڙي پوءِ ڦاهيءَ جي تختي ڏانهن ويو هئين. انهيءَ کان وڌيڪ مخالفن لاءِ نفرت جو اظهار، مون ساري دنيا جي تاريخ ۾ نہ پڙهيو آهي.

*

سڳن آهوجا کان گني سامتاڻيءَ تائين سنڌ ورهاڳي ۾ ڇا نہ ويايو آهي!

*

جي سنڌ ۾ ٻي پوپٽي هيراننداڻي پيدا ٿي تہ سنڌ آزاد هوندي.

*

ڇا پوپٽي، لاڏيءَ جو ٻيو جنم آهي؟

*

اُتر ۾ سنڌ آهي، ڪميونسٽ آهي تہ پو ڇا؟ متان مونسان اُن جي گِلا ڪرين!

*

هَري! ڇا تون مُنهنجي آڊيسيءَ ۾ هومر جو ڪوئي ڪردار آهين؟

*

نرمل ۽ پَرمل لاءِ تہ مون ٻَڏو آهي تہ راجا ڏاهر جون ڏيئر هيون، پر ڪنهن ڇيو ٿي تہ هن ڪي سندريءَ نالي ٽين ڏيءَ ٻہ هُئي.

*

نند جويري! توڙي مان بہ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو آهيان پر شڪارپور صحيح معنيٰ ۾ تو مونکي گهمائي آهي.

*

شيام جئسنگهاڻي. اِها تنهنجي گلا نہ آهي تہ تون ڏي. ايڇ لارينس وانگر آهين.

*

حشو ڪيولراماڻيءَ کي الهاس نگر ۾ رات گذارڻ لاءِ ڪوئي گهر نہ هوندو هو تہ هو مسافر جي وِڇَ ۾ سمهندو هو. جي ڪوئي هن کان پڇندو هو تہ هُو ائين ڇو ٿو ڪري تہ جواب ۾ هو چوندو هو: "نيٺ تہ اُتي ئي ويڙهو آهي."

*

ڪيرت ٻاباڻي! تنهنجي ڏاڙهي ڏسي مون کي الائي ڇو بخارن ٿو ياد اچي! پر تون تہ روسي گهٽ آهين. هندي وڏيڪ ءِ اُن کان بہ وڏيڪ سنڌي آهين.

*

ڇا موت هر ڪنهن کي ماري ٿو سگهي؟ نارائڻ شيام کي تہ ماري ڏيکاري؟

*

اندرا پونا والا! پنهنجي دؤر جي تعصب سان پنجو اٽکائڻ ڪيڏو نہ ڏکيو آهي! ڇا تون روپ متيءَ جو ٻيو جنم آهين؟

*

تون سچ پچ ڏکايل آهين دوست! مون هڪ پيرو توکي سوامي نارائڻ ڪئمپ ۾ ڏٺو هو. ڪاش! مان توکي هڪ پيرو ٻيهر ڏسي. توکان پڇان ته تو سنڌ ۾ پون دان تحريڪ نه ڏٺي هُئي ڇا؟

*

ٻه نالا ته مان لکي ٻه نه ٿو سگهان! تقدير ڪيتري نه ڪَڙي آهي!!

*

جڏ موهني اڳئين جنم ۾ زرينا جي سڳي ڀيڻ هئي.

*

ڇا لِپين کي ٻه ڏرم ٿيندا آهن؟

*

اي هيٺين طبقي جا سنڌي ماستر! تنهنجي لاڙڪاڻي سان ايتري محبت ڏسي مون کي يقين اچي ويو ته توکي يار محمد ڪلهوڙي جو روح آهي.

*

اي سنڌيو! اوهان مان جن جا نالا مونکان وسري ٿا وڃن، ائين سمجهو ته اوهان اُها ٻنا نانو جي شبيهه آهيو، جا سنڌ جي لوڪ گيتن کي آهي جن جي شاعرن جا نالا معلوم نه آهن.

*

اي جڳت آڏواٽي! پرمانندميوارام، پيرو مل، لعل چند، امر ڏنو مل - اهي سڀ ٺيڪ آهن پر سيني کي تنهنجي جُتي ويکري لڳندي!

*

اي چالڻهه لک سنڌيو! جي اوهان کان ڪوئي پڇي ته اوهان جو ڳوٺ ڪهڙو آهي ته اوهان ان سوال جو ڪهڙو جواب ڏيندؤ!

*

حشو! ڇا تون ائين گم ٿي وئين، جيئن سنڌ گم ٿي وئي؟

*

ڪيئل داس فاني! تون اڃا باقي آهين، باقي رهندين. بقا ته منهنجي پراڻي ڪنيز آهي، جا مان توکي ٿو ڏيان.

*

ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ اتي ته سوامي رام تيرٿ آپگهات ڪيو هو!

*

چوندا آهن ٽه حسد کي پيليون اکيون ٿيندڙون آهن، پر ٿُنهنجي اکين ۾ ته شيشا آهن. ڇا آهي به پيلا آهن؟

*

دَلت ساهت کي سنڊيءَ ۾ ڇا ڇئبو آهي؟ 'ڇُهڙو ادب'

*

اڳيئن پيري کليانڻ ڪئمپ ۾ رشيد پٽيءَ ايتري وسڪي پيتي هئي جو هو ڏاڍو بهڪي رهيو هو. سو ڪجهہ دوستن گڏجي هُن کي هڪ ڪمري ۾ بند ڪري باهران در ڏئي ڇڏيو. جتي هن کي ننڊ اچي وئي. صبح سان جڏهن هُو باهر آيو تہ مون هُن کان پڇيو: "ڪر خبر؟" هُن چيو: "ڪهڙي خبر ڪيانءِ. مان هوس علي بابا، هي چاليهہ چور. چگو جو خزانو بچي ويو."

*

سڳن آهوجا گذاري ويو. هن هڪ پيري مون کي چيو هو، "هتي ڪيترا ماڻهو آهن جي امرتا جا ڪاتڪي آهن، پر اُنهن کي اها خبر نہ آهي تہ جڏهن مينهن پوي، تڏهن ڇا ڪندا سين!"

*

نارائڻ شيام مون کي هڪ پيري چيو هو: "ايازا! موت اسانکي ڏُڪ ڏُڪ ڪري پيئي تو، ڪيت سان نہ تو پيئي."

*

مون شيام کي چيو "شيام! تون اڳئين جنم ۾ وديا پتي هئين ڇا؟"

شيام چپن تي آڱر رکي چيو هو "شُو.... او.... متان ٻي ڪنهن کي ٻڌائين؟" پوءِ هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو هيائين.

*

مون شيام کي چيو هو "ٻہ ٻارنهن ٽيندا آهن تہ ٻارنهن سِگا ٽيندا آهن".

*

مون هُن کي چيو "شيام! سِنڌُ سُنڌِ نہ آهي. ٻڌائيءَ کان پوءِ سچل، سامي، توکي ۽ مون کي جنم ڏنو آڻائين. ٻارت ۾ ايترا شاعر ٻن هزارن سالن ۾ ٻہ پيدا نہ ٿيا آهن، جيترا سنڌ ادائي سَئو سالن ۾ پيدا ڪيا آهن."

*

شيام هڪ پيري پڇيو: "تون ڪڏهن ٻليءَ جي اکين ۾ موت کي ڏٺو آهي، جڏهن اُها ڪُٻي کي کائيندي آهي. مون اُن کي ڏٺو آهي."

*

شيام چيو: "هونءَ تہ من سدائين مسان جو پاڇو گهلي رهيو آهي پر پوءِ ٻہ سنڌ ۾ مون کي پُسيءَ جي گلن تي پوريون وٽنديون هيون."

*

گوبند مالهيءَ کي- چاڪيم تون ڪٿان آيو آهين؟

*

ماڏو! توسان ملي مون کي پنهنجو پاڻ ملي ويو آهي، جڏهن حشوءَ وانگر مان گذر تہ ٻُڪڙن مُٺ تي ڪندو هوس، پر دنيا جو آزاد ترين انسان هوس.

*

موهن پنجاپي! ڇا توکي ياد آهي تہ پاڪستان کان اڳ اسان گڏجي زالن جو ادائي، ٽي صفحا رسالو "ساڻي" ڪڍيو هو؟ اهڙو زالن جو رسالو اڄ تائين سنڌ ۾ نہ نڪتو آهي. أن جي هڪ سمپادڪ تہ "روشن" هئي، ٻيون ٽي الائي ڪير هيون؟

ڪهڙو نہ هوريان منهنجو ماضي ڪنهن بند ٻٽونءَ وانگر منهنجي ڪيسي ۾ وجهي وئين!

*

ڪملا گوکالاڻي! تو چيو تہ: "ٻڌائي، شيام ۽ منهنجي فطرت نگاريءَ تي ٽيسز لکي، اجمير مان پي. ايچ. ڊي ڪري رهي آهين." مونکي تنهنجي معصوميءَ تي پيار ٿو اچي. ٻلا منهنجو، ٻڌائيءَ ۽ شيام سان ڇا؟ تو اسان ٻنهي کي ڇو گڏيو آهي؟

*

اي نارائڻ شيام! تون چڱي وقت ۾ وئين؛ هيءَ سنڌ ڪنهنکي گهٽو وقت نہ سَهي سگهندي آهي!

*

پراڻا دوست، پراڻي شراب وانگر ٽيندا آهن. انهن سان گڏ ۽ ٽي جام ڪيتري عمر موٽائي ڏيندا آهن.

*

منهنجا ٽي هندو اديب، دوست ۽ هيا. ۽ ته هوندراج داس ۽ بهاري ڇاپڙيا هيا. (جڏهن مان پهرين درجي انگريزيءَ ۾ ڪيئل داس فانيءَ وٽ پڙهندو هوس). بهاريءَ، داس ۽ مون گڏجي 'سُدرشن' نالي سان رسالو ڪڍيو هو ۽ ٽيون دوست هيو 'پرديسي' (نالو وسري ٿو وڃي) جو هڪ هفتيوار ڪڍندو هو، جنهن ۾ منهنجا شعر ڇپيندو هو. چوٽون ۽ هڪ نمڪدان جي ايڊيٽر مجيد لاهوريءَ، جيڏو ٽلهو هندو ايڊيٽر هو، جنهن جو 'غمگين' تخلص هو پر هوندراج ڪيس چرچي ۾ 'خوش گين' ڪوٽيندو هو ۽ چوندو هو ته ويچارو خوشيءَ ۾ ڦاٽي نہ پوي.

داس ۽ اسانجي ڪچهريءَ ۾ شامل رهندو هو، هڪ ڀيري هو شڪارپور مان اوچتو گر ٽي ويو. نيٺ خبر پئي ته هو ڪراچيءَ پهچي ويو آهي ۽ اُتي 'سنسار سماچار' ۾ ڪم ڪري رهيو آهي، جنهن خط ۾

مونکي اِها خبر لکيائين، اُن ۾ لکيائين:

"يار! هڪ ڀيري اوباسي ڏئي ڪَرَموڙيم تہ شڪارپور نديءِ نظر آئي. چيم 'ڇڄ تہ ڀڄون' توسان بہ نہ موڪلايم، اچي ڪراچيءَ نڪتم."

*

سيٺ! تنهنجو پيٽ ٽجوڙي آهي،

مُنهنجو دماغ ٽجوڙي آهي،

پر ٻنهي ٽجوڙين جي چاٻي ساڳي نہ آهي.

*

هڪ ڀيري مون کي سوڀي تيرٿ وسنت جي هڪ ڳالهہ ٻڌائي، چيائين تہ هُن جواهر لال جي جيونيءَ جو ترجمو 'جواهر جيونيءَ' جي نالي سان ڪيو هو. مان اُن ۾ هڪ ڇپيٽر پڙهي حيران ٿي ويس ڇو تہ اُهو ڇپيٽر جواهر لال واري انگريزيءَ آٽوبايوگرافيءَ ۾ ڪونہ هيو. اُن تي مون تيرٿ وسنت کان پڇيو تہ اهو ڪتاب آندو اَٿئي؟ جنهن تي چيائين:

"اهو جواهر لال کي لکڻ گهربو هيو، الائي ڇو نہ لکيائين! ان ڪري مون لکي ڇڏيو."

*

هڪ ڀيري اي. ڪي. بروهيءَ جي گهر هُن سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي رهي هُئي. وچ ۾ هن پڇيو "تون

شيڪسپيئر جو هو شعر پڙهيو آهي."

"ڪهڙو؟ شيڪسپيئر تہ سوين شعر چيا آهن؟"

پوءِ مون ڪيس چيو: "هي تہ نہ آهي: خيال زندگيءَ جو غلام آهي

ءِ زندگي وقت جي احمق آهي،

ءِ وقت جيڪو دنيا کي هلائي رهيو آهي، اُن کي ٿَمجي ويڙ ڪهرجي."

اي. ڪي. بروهيءَ مون کي پاڪَر پائي چيو:

"تون منهنجي دل جي ڳالهہ سمجهي ونندو آهين!

اڳي بہ سکر واري ڳالهہ ياد آئي؟"

ءِ پوءِ مون کي ياد آيو تہ اي. ڪي. بروهي سعيدآباد واري سعيد محمد شاهہ جو سيشن ڪورٽ سکر ۾ قتل جي ڪيس ۾ بچاءُ ڪرڻ آيو هو. هن سان خالد اسحاق بہ گڏ هو، ۽ ڪيس جي پهرين ڏينهن ئي ٽپهريءَ مهل خالد مون کي چيو هو: "مون کي ڪراچيءَ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس رکيل آهن، سو مان وڃان ٿو. تون منهنجي ياران بروهيءَ کي مدد ڪندين؟" مون هائو ڪئي. ساڳي ڏينهن، شام جو مون بروهيءَ سان ڪيس ۾ هن جي رٽيل بچاوَ تي

بحث ڪيو ۽ پوءِ هُن سان گڏ ماني کاڌي. ماني کائڻ کانپوءِ اي. ڪي. بريوهيءَ چيو: "هل تہ سنڌوءَ ماءُ جا پير ڇُهي اچون" پوءِ مون کي پنهنجي ڪار ۾ ڪٽي سنڌوءَ جي ساڃي پاسي هليو ۽ بچل شاهہ جي ميائيءَ لڳ ڪار روڪيائين. هو ۽ مان هيٺ لهي سنڌوءَ جي ڪناري تي وياسين. سنڌوءَ ۾ چنڊ جو پاڇو پئجي رهيو هو. ڪجهہ وقت بروهي چپ رهي، چيو: "ايازا! توکي خبر نہ هجي تہ چنڊ آسمان مان پاڻيءَ ۾ پاڇو وجهي رهيو آهي تہ تون، ان پاڇي کي اصلي چنڊ نہ سمجهين ها؟"

پوءِ جڏهن ڪار ڏانهن موٽي رهيا هياسين تہ هُن چيو: "ايازا! مون کي هڪ هسپانوي مصور جي هڪ تصوير ياد اچي رهي آهي پر هُن جو نالو وسري ٿو وڃي." مون کيس جواب ڏنو: "بروهي صاحب! اوهان سئلوا دار داليءَ جي انهيءَ تصوير ڏانهن اِشارو تہ نہ ٿا ڪيو، جنهن ۾ هڪ غلام خواب ۾ آهي ۽ هن جي ڇاتيءَ تي ڪٽار رکيل آهي." بروهيءَ وائڙو ٿي مون کي ڏٺو. مُنهنجي ڪُلهي تي هٿ رکي چيائين: "پر ايازا! اهو تو ڪيئن ڄاتو؟" اُن وقت منهنجي عمر ٢٦- ٢٧ سال هئي ۽ هُن جي چاليهہ سال هئي.

*

علامہ اقبال! تو چيو آهي:

'سلسلہ ء روز و شب نقش گر حادثات'

"ڇا دنيا جو وڏي ۾ وڏي حَادثو صحرا جي پهنائي ۾ گل- لا لا جو وجود نہ آهي؟"

*

هي يوناني ديوي ۽ ائفرو ڊائٽي وانگر ڪير ٿي لڳي؟ هن عمر ۾ هن جو ٻيو ڪهڙو نالو ونان؟

"اي عُمر! تون مون کان حُسن جو احساس نہ ٿي کسي سگهين!"

*

تون مون کي جواني ۽ ڏسين ها تہ محسوس ڪري سگهين ها تہ اپالو ڇا هوندو.

*

ڇا ڪُتو ايترو برو آهي؟ ماٺهوءَ کان بہ وَيو!

*

بَڙ جي گهاٽي وڻ هيٺان نہ ويهہ! اُن جا پن توکي ڏسي سُس پُس ڪن ٿا.

*

هو شاعر بہ هو ۽ چرين جو ڊاڪٽر بہ هو. ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ هن هڪ بہ چريو سڃو نہ ڪيو ۽ شاعر جي حيثيت ۾ هُن هڪ بہ سڃو چريو نہ ڪيو.

*

جهانسي جي راڻي! ڪير چوي ٿو تہ تون مري وئي آهين! تون منهنجي وجود جو حصو آهين ۽ منهنجي تلوار ۾ تنهنجي روءِ جهلڪي رهي آهي.

*

" دارا!" سرمد چيو: "تون اهو ڪڏهن بہ نہ وسارجانءِ تہ هڪ ڏينهن توکي مرڻو آهي ۽ اهو ڏينهن اڄ بہ ٿي سگهي ٿو."

*

موت هڪ اونداهي سُرنگهہ آهي. جنهن جي ٻئي پاسي روشني ئي روشني آهي.

*

ڇا اُها روشني جا موت کان پوءِ ملڻي آهي، زندگيءَ ۾ ملي نہ ٿي سگهي؟

*

ائين تہ نہ آهي تہ هڪ اونداهيءَ سرنگهہ مان نڪري، ٿورو وقت روشنيءَ ۾ گهاري، اسان کي ٻيءَ اونداهيءَ سرنگهہ ۾ ڇڪرڻو آهي؟ ڇا هن ڪائنات ۾ سرنگهہ ٻڌيان سرنگهہ آهي، جن جو ڪوئي انت نہ آهي!

*

ميان! تارن پويان ڪيترو ڊوڙندين، پنهنجي اندر ۾ بہ تہ جهاتي پائي ڏس!!

*

برٽرانڊرسل، پٽائي پڙهي ها تہ هُن جو فلسفو ساڳيو نہ رهي ها.

*

ڪاش زيب النسا مخفي، يونان ۾ سڀفو جي همعصر هجي ها!

*

اي موت! تون پنهنجو رٽ ترسائي نہ ٿو سگهين؟ مون کي جيون جي ڪروکيتر کي ايترو جلدي ڇڏڻ تي دل نہ تي ٿئي.

*

هر مرض جو آخري علاج موت آهي.

*

رات انڌاري آهي ۽ رستو اڻ ڏٺل آهي. پوءِ بہ نيٺ تہ پنڌ پوٽو آهي. واٽهڙو! ايڏي پڏتر ڇا لاءِ؟

*

صدر صاحب! موت جي خلاف ڪوئي آرڊيننس جاري ڪرين تہ مجانءِ.

*

مان هاڻي سمجهي ويو آهيان تہ ڀٽائيءَ پوئين ڏينهن ۾ پنهنجو رسالو ڪِراڙ ۾ ڇو ڦٽي ڪيو هو!

*

ميان تون تہ ڪجهہ بہ نہ آهين! ڪونج جي پاڇي کي بہ جڏاءُ هوندو آهي.

*

ادب جي ڳالهہ ٿو ڪرين؟ گل جيستائين ڇٽي ئي ڇٽي، پوپٽ ٻيا پاسا ڳولن ٿا.

*

اسپيس سَوٽ آٿي؟ اياز کان انترويو ونڊو آهي!

*

ڪنهن جنرل چيو آهي تہ پنهنجي جوءِ سان عشق ڪرڻ ائين آهي، جيئن ساڳي قلعي کي ٻيو ٻيرو فتح ڪيو وڃي. مان ڀانيان ٿو تہ پنهنجي ڇپايل شاعري سان عشق بہ ان وانگر آهي.

*

ٻہ چمڙا غار ۾ اوندا لڙڪيا پيا ها. هڪڙي چيو: "غار کان ٻاهر سڄ آهي." ٻئي چيو: "جڏهن اوندهہ ۾ رهڻ اسان جو مقدر آهي تہ سڄ لاءِ ڇو سوچيون؟ ها، غار جي ڇت جو ڪو ضروري آهي، جي اها ڊهي پئي تہ سڄ کان ڀڄي نہ سگهنداسين".

*

هو لنگهو ته آهي ئي، پر لوئي به نه ٿو لاهي ۽ ڪنهن جي پرواهه به نه ٿو ڪري. ڍول اندر جو پول آهي، پلي ڪلي ته ڪلي.

*

سڀ دشمن حرامي نه ٿيندا آهن، سڀ دوست حلالي نه ٿيندا آهن.

*

تون سمجهين ٿو ته هر ڪنهنکي ٽڳي سگهندين. موت کي به!

*

اُلوءَ کي اهو سوچي ٻين پکين تي حيرت آئي ته: "جي هن جون اکيون رات جو ڏسي نه ٿيون سگهن ته اهي ڇا لاءِ آهن."

*

ڇت تي ڪرڙي پاڻ کي سڀ ڪان اوچو ٿي سمجهي!

*

ڪُتو ڇا ڇاڻي ته هُن جي اوناڙ چند کي نه ڇيڙائيندي آهي!

*

چوندا آهن ته گڏهه هينگ ڪندو آهي ته شينهن کان ڇرڪ ٽڪري ويندو آهي.

*

هو رني ڪوٽ تي تحقيق ڪري رهيو آهي. دراصل سنڌ ساري رنيءَ جو ڪوٽ آهي، جا وَني ڪڏهن بہ نہ ٽي آهي.

*

راڻي لاڏي! تون جون آف آرڪ ڪان وڌيڪ وڏهي هُئينءِ تنهنجي تقدير هن ڪان وڌيڪ غم آميز آهي، پر افسوس جو هن قوم کي تاريخ جو شعور نہ آهي.

*

سنڌي ماڻهو، جوتا بَڌِي، مَٿي تي ڪٽي گهمندا آهن.

*

اي سنڌي قوم! ڇا تون مڇر وانگر نمرود جي نند ڦٽائيندي رهندين؟

*

هٽ ان لاءِ آهن تہ اُنهن تي باز وهاريا وڃن. ان لاءِ نہ آهن تہ اُهي نانگن جي ٻِرن ۾ وِڌا وڃن!

*

ڪنهن سرئيلسٽ ڪان پڇندين تہ هو توکي چوندو: "جي تنهنجا پير پٽون* ٽين تہ اُنهن کي تَري کاءِ!

*

* پٽون- ڏومعنيٰ آهي: ان جي معنيٰ آهي: پامفريٽون.

هو چون ٿا ته تون نوڪري ڪري وڪامي وئين. ڇا هو ڇاڻن ٿا ته ليونارڊو ڊاونچي ۽ امير خسرو گهٽا پيرا وڪاميا هيا!

*

هن قوم جو پٽڪو نه ٿي، جُتي ٿيءُ. پٽڪو لاهيندي اُها ويرم نه ڪندي آهي.

*

ڇا تون انهن اکين جو سُرمو آهين جي نيٺ ڪَڍيون ويندیون؟

*

ڪَانوَ اهو نه سوچيندا آهن ته هِي ڪنهن جون اکيون آهن!

مُڙسي ته تڏهن آهي، جڏهن پَر تي رهي واڱوءَ سان وير رکجي.

*

هَن کي ٻيءَ پَر اشارا ٿي ڪيا سو واڱونءَ کي ٻيڙي سمجهي، اُن تي چڙهي ويٺو.

*

يا خُدا! مون کي تاهر جا ننهن نه ڪپن، مون کي پکيءَ جا پَر ڏي!

*

سنڌ ۾ ته پنهنجيءَ ڏر ۾ شينهن به ڪوئو آهي پر پنجاب ۾ پنهنجي ٻر ۾ ڪوئو به شينهن هوندو آهي.

*

ڪَمين جا شڪاري، مڇيون نه ماريندا آهن.

*

ڪُميءَ جي پٺي جڏهن ڊال ٿئي ٿي، تڏهن واڳونءَ جي پٺي ڪان مضبوط آهي.

*

ميان! آرهڙ جي سج وانگر تپي ويو آهين! اها ٻي ڳالهه آهي ته مان بڙ جي وڻ وانگر آهيان!

*

هاڻ ته ڪمري کان ٻاهر ئي نڪو نڪرين. چنڊ کي به چوين ٿو ته جي ملڻو آٿي ته منهنجي دري ڪلي پئي آهي!

*

سَمنڊَ تو لاءِ ڪيڏيون ٻانهون وڌايون آهن؟

*

سمنڊ وچ تي ڪيترو نه ماڻو آهي! جڏ چنڊ لاءِ بِسترو پٽاريو آٿائين ته ٻلي سمهي پوي.

*

سمنڊ تي ڪِرٽا اکيون هٽي ڇئي رهيا آهن، ته تون اُن کان اُونهو آهين.

*

* اي ڪينا پکي! ڇا تون ڄاڻين تہ سمنڊ ڪيترو اونهو آهي؟

*

هڪ پيري اليا اهرنبرگ نيويارڪ جي هڪ رستي تان ٽپي ويو. هُن اوچتو ڪوئي آمريڪي اديب ڏٺوجو هن کي ڏسي، مُنهن ڦيري وڃڻ لڳو. ان تي اليا اهرنبرگ هن کي ٻانهن کان جهلي چيو:

"ڇا تون مون کي نہ ٿو سڃاڻين؟" جنهن تي هن جواب ڏنو: "ها مان سڃاڻان ٿو. تون اهرنبرگ آهين جو ڪنهن وقت اديب هو." نہ ڄاڻان اسان جا گهٽا پُراڻا اديب اهو جواب برداشت ڪري سگهندا؟

*

هو وسڪي نہ پيئندو آهي، وسڪي هن کي پيئندي آهي.

*

تون جيترو موت کان ڊڄين ٿو، اُن کان وڌيڪ مان زندگيءَ کان ڊڄان ٿو.

*

جديد دنيا ۾ پهرين خرابي تڏهن پيدا ٿي، جڏهن گلوٽين هيٺان پهريون سِرُ ڏسي فرانس جي عوام ٽهڪ ڏنا.

*

* ڪينوپکي (SeaGull)

ٿُنهنجي منهنجي وچ ۾ هيءَ ڪهڙي ديوارِ گريه آهي!

*

ٽر به واريءَ جو سمنڊ آهي، تو اُن ۾ چند جو ٻاڇو ڏٺو آهي؟

*

توکي شايد معلوم نه آهي ته ڏرتيءَ کي به آندا ٿيندا آهن.

*

جي سنڌ ڪڏهن اُتي ته توکان ساريءَ تاريخ جو بدلو وٺندي.

*

ڪراچيءَ تي هي ماه رمضان جو چنڊ آهي يا ڪنهن ارغون جو خنجر آهي.

*

مان تنهنجي ساري تاريخ آهيان. ماضي، حال، مستقبل ۽ وقت ۾ سفر منهنجي لاءِ مشڪل ڪالهه نه آهي.

*

ڏاهر جي وزير وِڪئي ڪوٽ جا دروازا کولي ڇڏيا ها جي تون ايڏا بند نه ڪري سگهيو آهين.

*

چون تا تہ زيب النساء رڳو پنهنجي غزل ۾ مخفي آهي. عاقل خان! تون ڇا ٿو ڇئين؟

*

سنڌ ۾ ڪيترائي شاعر فارسيءَ ۾ پنهنجو وقت وڃائي ويا. ڇا اُنهن مان توکي ڪنهن جي هڪ سٽ به ياد آهي؟

*

شيخ رازا! ڇا تون اڃا جيئرو آهين. آخر پاڻ تي گهٽا نالا رکيا آهن تو؟

*

ڪنهن مون کي چيو: "تو ۾ نرگسيت آهي"
مون جواب ڏنو:
"نرگس تہ انڌي آهي، مونکي نو لک نيڻ آهن."

*

منهنجي بالڪنيءَ جي سامهون گل مهر جي وڻن ۾ گل ڦٽا آهن. جيستائين اهي ڇڻيا نہ آهن، کهڙا نہ ڇڳا لڳن تا!

*

انهيءَ ڪري مان اڃا زنده آهيان. مان جڏهن پورهيو ڪندو آهيان تہ پنهنجو جسم دروازي کان ٻاهر ڇڏي ايندو آهيان، جيئن نمازي مسجد جي ٻاهران جُتي ڇڏي ايندا آهن.

*

مونکي گهڻ وقت آهي ۽ چونڊ لاءِ گهٽو ڪجهه آهي ۽ جيڪي مون کي چوٽو آهي، جيڪي منهنجي خيالات جي رَو ۾ آهي، اهو جلدي چوٽو آهي.

*

هن وقت جيڪي مون لاءِ اهم آهي، سو اهو آهي ته سياست کان پاسي رهان، پنهنجو وجود قائم رکان ۽ وقت جي واريءَ تي اکيچار پيرا ڇڏيان. پل ادب جا پيرائو پيا فتويٰ ڏين ته هي نظم يا هُو نظم منهنجي شخصيت سان ٺهڪي اچي ٿو يا نه.

*

پٽائيءَ تمر کي چيو: "ان جو پتو نه آهي ته موت تنهنجو انتظار ڪڻي ٿو ڪري، اِن ڪري تون اُن کي هر پِٽَ تي موجود ڄاڻ."

*

موت زندگيءَ جو انتظار ائين ڪندو آهي، جيئن پيل جي ڪاتر ڳوهه جو.

*

مونکي موت جو ايترو انتظار آهي جو ٻئي ڪنهن کي هجي ها ته پيغمبريءَ جي دعويٰ ڪري ها!

*

مون کي جنت يا جهنم جو اونو نہ آهي. اي موت! مان توکي خوشيءَ سان قبول ڪيان ٿو.

*

ڇا منهنجي مرڻ ڪانپوءِ منهنجي شاعري رهندي؟ جي ها تہ مون کي موت جو پَرَواهُ نہ آهي.

*

جڏهن مان شعر لکان ٿو تہ پاڻ ۾ ايتري طاقت پيدا ٿي وڃي جيتري فرهاد کي ڪوه - بي ستون کوٽڻ وقت هئي.

*

شاعري مون لاءِ جُوءِ شِير بہ آهي، شيرين بہ آهي، ڪوه - بي ستون بہ آهي تہ فرهاد جو تيشو بہ آهي.

*

سنڌ پهرين منهنجي شاعريءَ کي سراپ سمجهيو هو؛ معلوم نہ آهي تہ اُها هاڻي اُن کي آسيس وانگر سمجهي ٿي يا نہ؟

*

هي منهنجو آدرش رڳو منهنجي شاعريءَ ۾ ڪيستائين رهندو؟

*

ڪنهن چيو تہ: "تو زندگيءَ تي ٿورو لکيو آهي ۽ موت تي گهٽو لکيو آهي." مون چيو: "ان ڪري جو موت گهٽو آهي، زندگي ٿوري آهي."

*

عدالتون؟ منهنجو رڳو تاريخ جي عدالت ۾ اعتبار آهي، پر شايد ان جي فتويٰ بہ غلط ٿي سگهي ٿي!

*

ڏِس هِي ٽيپو سلطانُ منهنجو هٿ جوتشيءَ کي ڏيکاري رهيو آهي ۽ پڇي رهيو آهي تہ هن جي ٻولي ۾ گهٽا غدار آهن؟

*

اي خدا! تنهنجو اشرف المخلوقات ڪٿي آهي؟ مون هن وقت تائين تہ رڳو بگهڙ ۽ واگهہ، نانگ ۽ وڇون، ڪوئا ۽ لال بيگ ڏٺا آهن!

*

مون کي دشمنن مان ايترو نقصان نہ پهتو آهي جيترو دوستن مان.

*

جيڪڏهن مارين تہ گهَر جي ٻيديءَ کي مارِ، تَر جي ٻيديءَ کي ماريندين تہ توکي ڇا حاصل ٿيندو؟

*

ڇا تون نانگ جا ڏند ڪڍي سگهين ٿو؟ جي ها تہ پوءِ هُن کي مارين ڇو ٿو؟

*

هُن جي پنهنجي صحت تہ ختم ٿي چُڪي آهي، اونو آهي تہ هُن کي سماج جي صحت جو، جنهن کي هن جي صحت جي پرواهہ ٻہ نہ آهي.

*

توکي جي چار سچا دوست آهن تہ پوءِ دنيا جي پرواهہ ڇا لاءِ ڪرين؟

*

دوست؟ کهڙا دوست؟ جيڪي توسان تنهنجي جنازي نماز تائين ٻہ ڪنا هوندا يا نہ!

*

ڪُتي ۽ ماڻهوءَ ۾ اهو فرق آهي. ڪُتو جيستائين بانورو نہ ٿي پئي، وفاداري نہ ڇڏيندو آهي ۽ ماڻهو جيستائين بانورو نہ ٿي پوي، وفاداري نہ ڪندو آهي.

*

عشق؟ توسان عشق؟ تون جا اڃي چمڙي آهين، ڳاڙهو ڳتا آهين ۽ ٻيو ڪُجهہ ٻہ نہ آهين؟

*

ماءُ اُتامڙي، ڈيءُ هُرتڙي، ٻيءُ پيٽ وَڈو- رشوتي ڪاموري جي ٻنوءَ وانگر.

*

ڈند چَٽُ، وارَ چَٽُ، عقل ٻہ چِٽُ، ڇا ٻاهتر ٽپي ويو آهين؟

*

ڪوڙا، ڪُرتا، مارڪس جا ڇاڙتا! ڪو اشتراڪي امام باڙو ٿو ٺاهين؟ ڪيڏو پٽڪو ڪٽڪو وڏو اٽئي؟

*

مون بخارن کي قبر مان ڪڍي پڇيو: "تون ته پهرين جهنم ۾ آهين پر اسٽالن ڪائين جهنم ۾ آهي؟"

*

هي ذاتي تعلقات ۾ ته وڏو رهزن آهي، باقي هن کي اجتماعي تعلقات جو ڏاڍو اونو آهي!

*

هِڇڪين، هِڏ ڪين، هَڪين ڇوٽو؟ پِت پِت ڇو ٿو ڪرين؟ ڪهڙو ڪوڙ سِڻي آيو آهين!

*

ڪُتي سان دوستي رکي، توکي به ڪاٽيٺا نڪرڻ شروع ٿيا آهن!

*

هاڻي ڇڏ ڪٽي! تون ڪهڙو برٽرانڊرسل جو پُٽ آهين جو توکي به ڏيان سان پَڏان؟

*

ڇا تو پنهنجي ڪفن ۾ ڪيڙا ڏٺا آهن؟ توکي ڇُڪ وجهي ڪيڏو نه ڇرڪي رهيا آهن؟

*

تون ڪيڏو نہ گنہير آهين، جيتوٽيڪ تنهنجي اندر جو ابليس مون تي ڪِلي رهيو آهي.

*

اِياگو! آٽيلو تي نہ ڪِل! موت تنهنجي بہ انتظار ۾ آهي!

*

تو ۾ ڪُتي کان ڊِجان، لوڪڙ کان ڊِجان، هاتار کان ڊِجان؟ ڪَهڙي ڪَهڙي جانور کان ڊِجان؟

*

مون تہ تنهنجي قبر ڪچي ڇڏي آهي. تون ايا گهمندو ٿو وتين؟

*

گهٽا ڪانا ٽيندين ميان؟ ٻڌاءِ تہ درياهہ جي ڪپ تان اوترا سَر ڪپي اَچان!

*

راجا ڏاهر جا قاتل! وِڪيا وزير! پنهنجو تڙپوٽو ڏٺو اَٿي؟

*

غالب چيو تہ "پنهنجيءَ ڪُليءَ ۾ مون کي دفن نہ ڪر، مَنهنجي پتي سان تنهنجو گهر چو ملي؟" ۽ مان چوان ٿو: "دفع ٿيءُ، منهنجي ڪُليءَ ۾ دفن نہ ٿيءُ! تنهنجي پتي سان ڪنهنکي منهنجو گهر چو ملي."

*

چوين ٿو تہ تونُ اُبهرو آهين. سقراط کان وڌي سارتر کي ٻُڌان يا توکي ٻُڌان؟

*

پَڙهان ٻہ پاڻ، ڪَڙهان ٻہ پاڻ!
اي علم! تون بي عمل ڪڏهن ڪان ٿين؟

*

مون ڪشف المحجوب جي مصنف جي درگاهہ تي دعا گهُري، هُن کان پڇيو: "تون جو شڪر گنج آهين، منهنجو مُنهن مٿو ڪڏهن ڪرائيندين؟ اڇا تہ اِهو زهر سان ڀريو پيو آهي!"

*

ميان مير! ڇا تون اَبدي نند ۾ آهين يا ڪڏهن تون دارا جي قبر تي ويو آهين؟

*

ميهارَ سهڻيءَ ڏانهن ڏِسي حيرت مان سوچيو: "ڇا هيءَ جا ڏُم جي ڪڇ مان آڻي آئي آهي، منهنجي محبوبا آهي؟"

*

"ڪيدوءَ جي جوءِ" رانجهوءَ هير کي حيرت مان چيو: "ڇا، مان تنهنجي لاءِ سِر ڏيان، مان جنهنجي بنسريءَ تي چناب جي هر لهر نچي ٿي؟"

*

سسئيءَ ڏرتيءَ جي وات مان رڙ ڪئي: "پنهون تون ڪٿي آهين؟ ڏرتي مون کي ڳڙڪائي رهي آهي؟"

*

ٻيجل ڏياڻ جي ڪَپيل ڪنڌ تي ڪِنرو ٻڌندي چيو: "هي مَٿو جي مٽيءَ جي ٿانو کان وڌيڪ جٽائو نہ آهي، ان لاءِ جهونا ڳڙهہ جهوريڙ ضروري هو؟"

*

سُهڻيءَ گهڙي کان پڇيو: "ڇا تون منهنجيءَ تقدير وانگر ٽٽي رهيو آهين."

*

جي وچ ۾ واهڙ نہ وهي ها تہ نہ ڪائي سهڻي پيدا ٿئي ها، نہ ڪوئي ميهار، نہ وَري چنگ چڑن جي لارَ اچي ها!

*

سهڻيءَ ٻڌندي سوچيو: "منهنجو ٻُڌڻ اَوَس هو نہ تہ مان ميهار ڪيئن ٿي سگهان ها!"

*

ليلا ڪوئنرو ڪي ٻي ڏينهن تي چيو: "جي مان توکي مٺيو موٽائي ڏيان تہ تون مون کي ڪَلهوڪي رات موٽائي ڏيندينءَ؟"

*

اي سنڌ! مان تہ تنهنجو نئون ڪيڏارو آهيان پَر تنهنجو تنبورو ٽُٽي ڇُڪو آهي؟

*

ٻيجل راءِ ڏياچ جي ڪنڌ ڪي وارن کان جهلي ڏسي رهيو آهي ۽ پنهنجي ڪينري ڏانهن حقارت مان گهوري. سوچي رهيو آهي: "ڇا هي ضروري هو؟ هي ڪَنڌ ڪَلهن تي ڪيڏو نہ ڇگو ٿي لڳو؟"

*

بنسريءَ جي تان گهڙيءَ ۾ پرينءَ پر گهيڙَ تي وڃي نڪتي ۽ سهڻيءَ جي پيرن ۾ زنجير ٿي وئي.

*

درياخان! ٻُڌين ٿو؟ تقدير جي سُنبن جا نالَ گونجي رهيا آهن ۽ موت ڪَنن ۾ آڳريون وجهي اُنهن ڏانهن تَڪي رهيو آهي؟

*

شِمر! ڇا هن رُک جي ٽُڪَر، جو امام حسين تي وهايو ويو، مَلِڪ روئاري وڏا ها!

*

تو ڇا پانيو تہ جڏهن ڪالي ناڇ ڪندي آهي تہ هُن کي پيرن ۾ گهنگرو هوندا آهن!

*

مون تہ سمجهيو هو شِو منڊو ٽنڊو ٿي پيو آهي پر

هي تہ وري تانڊو ناچ نچي رهيو آهي.

*

هي مان ڇا ٿو ڏسان؟ تاريخ جون اکيون سومنات جي هيرن وانگر ٻري رهيون آهن.

*

گڏهہ کان گرو نانڪ تائين مون ڇا ڇا نہ ڏٺو آهي!

*

رشيد پٽي چوندو هو: "گڏهہ هينگ ڪندو آهي، تڏهن چمڙو پنهنجو چڪ ڇڏيندو آهي." ۽ مان هن کان هميشہ پڇندو هوس "پٽي! ان ۾ ڪوئي تذڪير تانيث جو بہ فرق آهي يا نہ؟"

*

جي آواگون ۾ ڪوئي نياءُ آهي تہ هي باگڙي ٻي جنم ۾ ڳوهہ ٽيندو.

*

تو مُنهنجي علم کي سمنڊ سان ڀيٽ ڏني آهي، بسَ!

*

اي آڪاس! تون هن ڪائنات جو حصو آهين ۽ مان تنهنجي ڪائنات کان ڪٿو وڏو آهيان. مان جو آٿي کان بہ ڪٿو نہ آهيان، پاڻ ۾ ڪيئي ڪائناتون سمائي ويٺو آهيان.

*

انت تہ مرزا عبدالقادر بيدلءِ مرزا اسدالله غالب منهنجا پاڙيسري هوندا. منهنجي پَٽي تي هن جو گهر ڳولي سگهندؤ!

*

اي غالبَ منهنجي به هڪ تُرڪ بيگم هئي جا جوانيءَ ۾ مري وئي هئي. اُها تو تہ مون ڏاتهن تہ موڪلي هئي؟

*

آڇ، تہ ڇئو ماڙ تان ٽپو ڏيون! تون مان تہ ختم تہ ٿيندا سين. اسان جي دشمني تہ ختم ٿي ويندي.

*

خودڪشي انسان جي خودمختياريءَ جو آخرين اظهار آهي يا اهو به مَشيّت جو حصو آهي؟

*

پلا ايتري جلدي ڪهڙي آهي؟ موتَ اڳي پوءِ اچڻو تہ آهي، تون آتم هتيا ڇو ٿو ڪرين؟

*

اي ڪئلي! تون هاٿيءَ ڪان وڌيڪ خطرناڪ آهين. تون هاٿيءَ جي ڪَن ۾ وجي سڪهندي آهين، هاٿي ٿُنهنجي ڪن ۾ نہ وجي سگهندو آهي.

*

ڇا زُليخا جي تصوّر ڪان سواءِ عزيز- مصر خيال ۾ نہ ٿو اچي سگهي؟

*

هن کي ڪيئي هاٿي گهوڙا هيا، هُن ڪيئي لشکر چيٽاڑي ماريا ها. موَرخ ڪاغذ تي قلم روڪي سوچي رهيو آهي ته ڇا هِي هڪ سڌ جو بہ مستحق آهي؟

*

مون کٽي پڙهيو هو ته سينٽ پول رو (Saint Poal Roux) لاءِ فرانس جا بہ وڏا سرئيلسٽ شاعر پال ايولار ۽ آندري بريتون چوندا ها ته: "هن جهڙو سرئيلسٽ شاعر پيدا ئي نہ ٿيو آهي." هن جو هڪ نظم اوهان بہ پڏو:

"هڪ ڳولها ڦولها ڪندڙ کي نيرو ڪُرتو پيو هو
۽ هُن جي ڪَڇ ۾ پيلي ڇَٽي هئي
۽ ان کي هڪ واڱون ڳڙڪائي وَيو هو
جنهن جو رنگ سائي گاهہ جهڙو هو.
هڪ ريڊ انڊين هِڪَ ڪِريپ جهڙي سَرٿي (بلا)
جي پيٽ - سُور ۾ ڇڙيون هٽي رهيو هو،
جنهن جي اندر سِپَن جا سَٽڙا هُيا،
رنگ منڇ جي مُهڙ وٽ بہ پاڳل ڪَلونت وينا ها.
* انهن مان هڪ ڪوٽيءَ تي جنهن جي ڪايا پلٽ ٿي وَئي هُئي،
دف تي ٽِڪو ڏُڻڪو هٽي رهيو هو."

ان جو عنوان هن "سادگيون" رکيو هو ۽ اُن ۾ هن

* ڪوٽي (ڪاٺ جي) ROWLOCK

هڪ ڳٽ مُٽڙي راجڪماريءَ کي هڪ راکاسَ جيڏي راجا سان وواهه ڪندي ڏيکاريو هو. ڇا اِهو سرئيلسٽ شاعر سچ پچ چريو هو يا هُن اهو ڪجهه ٿي ڏٺو جو تون نه ٿو ڏسي سگهين؟ مون به ته هڪ ڳٽ مُٽڙيءَ راجڪماريءَ کي هڪ راکاس جيڏي راجا سان وواهه ڪندي ڏٺو آهي، جنهن جي اَندر سپُن جا سَتئڙا پيا آهن. مون نيلي ڪُرتي سان اهو ڳولها قولها ڪندڙ شخص به ڏٺو آهي، جنهن کي پيلي ڇتي هئي ۽ جنهن کي اهو واڳون ڳڙ ڪائي ويو هو، جنهن کي سائي گاهه جهڙو رنگ هو ۽ مون به هُن وانگر ڪايا پلٽ ٽيندي ڏٺي آهي ۽ رنگ مَنچ تي دف تي تکا ڏوڻڪا وڃائيندو رهيو آهيان.

ڇا مان چريو آهيان؟ جي ها ته پُڏي ڇڏ ته ڪنهن وقت چريائي، سَڃائيءَ کان سَوَ ٻيرا اوچي پَد تي هوندي آهي!

*

تيمور لنگ جي قبر مان هڪ وڇون رستو ڳولي رهيو آهي، هو مَندِو به نه آهي، پوءِ به ٻاهر نه ٿو وڃي سگهي.

*

رنجيت ستگهه ڪاٽو هو. هندو مسلم کي هڪ اکِ سان پئي ڏٺائين. گهٽ ۾ گهٽ پنهنجيءَ حرم سرا ۾!

*

ميان مير! ڇا تو دارا شڪوهہ کي زندهہ جاويد بڻايو آهي يا داراشڪوهہ توکي زنده جاويد بڻايو آهي؟

*

غالب! انهيءَ ساغر ۾ ڇا ٿو ڏسين؟ ڇا اِن ۾ وقت درياهہ وانگر ذوق جي لاش کي لوڙهي رهيو آهي.

*

* غالب! 'بَطِ مَي' جو استعارو تون ئي ٿاهي سگهندو آهين؟

*

قلعہ ءِ معليٰ ۾ پيدا ٿي آهيان، قلعہ ءِ حيدرآباد ۾ پناهہ ورتي هُئر. ڪيئن چئجي قلعہ ءِ لاهور جو دروازو بلي شاهہ ڪڏهن ٿو اندران بند ڪري ڇڏي!

*

ساحر لُدياڻوي! تون ڪڏهن امرتا پريتم سان تاج محل ۾ ملييو هئين؟ جي تون هُن کي تاج جي نهر پرسان جهونجهڪڙي ۾ اُيرندو ڏسين ها، تہ اهو واهيات ترقي پسند نظم نہ لکين ها!

*

چگو جو ساحر ءِ فيض، ترقي پسند حقيقت نگاريءَ جي موت کان اڳ ۾ مري ويا!

*

---

* بَطِ مَي: مئي جي مرغابي

دارون جا پٽ! حياتيات ۽ ارتقا هڪ ڳالهه آهي، اقتصاديات ۽ ٻي ڳالهه آهي.

*

پنجاب جون ساريون ٽئنڪون بُلي شاهه کي اَڏائي نه ٽيون سگهن.

*

شاهه حسين! ٿُنهنجو يڪتارو ته ڪَٽن ۽ بُرِي رهيو آهي پر ڇا مان جيئري توکي اکين سان ڏسي سگهندس!

*

قراة العين حيدر تون قراة العين طاهره نه ٿي سگهين! توکي شهادت جو موقعو ته مليو هو، پر تون هندستان ۾ڇي وئين؟ توکي وري اهڙو موقعو نه ملندو.

*

تون ئي ته همه اوست آهين. هر شيءِ تو ۾ آهي پر ڇا تون هر شيءِ ۾ آهين؟ ڇا تون هن انسان ۾ آهين جو سراپا شيطان صفت آهي؟

*

اي خوبصورت گل! تون سراپا خوشبو آهين. مان توکي تاريءَ کان الڳ ڪرڻ نه ٿو چاهيان!

*

جي توکان ڪجهه ٻاهر آهي ته تون همه اوست نه آهين، تو ۾ ئي ته سڀ ڪجهه آهي. تون ئي گلِ لالا

آهين، تو ۾ ئي سڀ ڪجهه آهي. تون ئي گلِ لالا آهين، تون ئي صداءِ جرس آهين، تون ئي قافلہ ۽ بهار آهين، هي خوشبو ٿُنهنجي آهي، هي ساري خوشبو تون آهين!

*

تون ئي گل آهين، تون ئي ٽاري آهين، تون ئي خوشبو ۽ تون ئي ته ڪنڊو آهين!

*

اي خدا تون ئي ته مسبّب الاَسباب آهين، ٿُنهنجو سبب اسباب ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ تو لاءِ ڪوئي قائدو قانون نه آهي. ڪا شيءَ تنهنجي وس کان ٻاهر نه آهي! جي ڪوئي ارادو توکان ٻاهر هجي ته تون محدود ٿي ويين، پر تون ته لا محدود آهين. تنهنجي حد ۽ حساب ٿي نه ٿو سگهي. تون جو چاهين ٿو، اُن تي غلط يا صحيح جي فتويٰ ڏئي نه ٿي سگهجي. ڇو ته بظاهر فيصلو به تون آهين، فتويٰ به تون آهين، منصف به تون آهين. پيو ته ٿهيو پر ملزم به تون آهين، فريادي به تون آهين ۽ ارتڪاب- جرم ۾ به تنهنجو ارادو آهي.

توکي هيئن ڪرڻ گهُربو هو يا هونءَ ڪرڻ گهربو هو، اِهو ڪير چئي ٿو سگهي! تو جيڪي

جا سبب اسباب ڳولي سگهي! فقط ڇاڇر ۾ ڇيرون هڻي ڇا ٿو ڇاڻي سگهجي؟

*

اي خدا! تون فقط ڇگاڻي آهين. هي بُراڻي نظر جو فريب آهي. تنهنجي اننت مايا آهي. اِها ڇگاڻي سان ڪيئن رلي ملي، اُن سان پنهنجو روپ بدلائي ٿي ۽ اُن جي ويسُ ڌاري ٿئي ٿي. اِهو ڪوئي ڪيئن ٿو ڇئي سگهي! تون ئي ته رنگ منچ* آهين، تون ئي ته سڀ ويسُ ڌاري آهين، تون ئي ته انهن جو ڪاريہ ڪرتا آهين. تنهنجي مايا اَسَنيو آهي، اَپار آهي، سڀ ڪنهن جي پهچ کان پري آهي.

*

سڀ ڪجهہ تون ئي ته آهين، جي ڪجهہ بہ توکان ٻاهر هجي ته تون ڪٿي هجين! سڀ ڪجهہ تو ۾ آهي ۽ تون سڀ ڪجهہ ۾ آهين. 'ڪجهہ بہ نہ' ۾ بہ ته تون آهين. مان توکي خدا ڪوٺي، توتي لوڙهو ڏيئ نہ ٿو ڇاهيان. ماٺهوءَ جي هر ٻوليءَ ۾ توتي لوڙها آهن ۽ تون چنڊ وانگر سڀ لوڙها پار ڪري وڃين ٿو.

*

اي خدا! جي تون هن ڇارَ مٽان هيڙهي جي نندِ ۾

---

* رنگ منچ: اسٽيج

آهين تہ مان توکي ڪيئن ڏسي سگهان ٿو؟

*

اي خدا! هي پاريهر جو نهر مان پاڻي پِي رهيو آهي. اُن جي هر ڪِيت ۾ تون آهين. ڇا هي شڪاري انڊو آهي، ڇا هن ڪان نور بہ تو ڪسيو آهي؟ مان ننهنجي ڪُجهہ کي ڪيئن سمجهي سگهان ٿو؟ تون تہ هر ڪُجهہ ڪان وڌيڪ ڪُجهو آهين!

*

تون جو ساري ڪائنات آهين، پارَ جي هر ڪوڙهي ۽ هر مرڪ ۾ آهين!

*

اي خدا! جي ڪوئي منهنجي ارادي تي اُلر ٿو ڪري تہ اُها اُلر بہ تون آهين. اُن ۾ تنهنجي ڪهڙي مصلحت آهي، اها رڳو تون ٿو ڄاڻين؟

*

اي خدا! منهنجي ڪنجهڪار بہ تون، ڪَرلاهو بہ تون، منهنجي دوا درمل بہ تون آهين. هي ويڇ طيب ڇا ٿا ڪن؟ ڇا اهي منهنجي هڪ ڪهڙي وڏائي يا ڪهٽائي سگهن ٿا؟ ڇا انهن جا چوڪيدار منهنجي روح کي روڪي سگهندا، جڏهن اهو اسپتال مان ٻاهر هليو ويندو؟

*

اي خدا! آئون تنهنجي آغوش ۾ آهيان، ماڻهن کي رڳو هيءُ اسٽريچر نظر اچي ٿي.

*

ڇا هن ڊاڪٽر کي معلوم آهي ته مان هُن تي ڪِلان ٿو ۽ هن جو موت ڏسان ٿو جو هُن جي پٺتان بيٺو آهي؟

*

* ڇا توکي اناطول فرانس وانگر انسانن جي مختصر تاريخ وٽي ٿي:

"اهي ڄمن ٿا، اهي پيڙا سهن ٿا، اهي مري وڃن ٿا."

مان چوان ٿو اهي باربار ڄمن ٿا، باربار پيڙا سهن ٿا ۽ باربار مرن ٿا. انهن جي زندگي ڪيتري به مختصر هجي، پل ۾ - ٻي پل هجي، پر اُها هن ڪائنات جا هڪ رنگا رنگ گربيءَ جي ٽانَ وانگر آهي، اَن ۾ ڏاڪي وانگر آهي، جنهن کان سواءِ اَن جي سونهن ڇَٽ ٽي ويندي. ٻاهران ائين ٿو لڳي ته پيڙا، مَدائي ۽ ڪَبَڊ صرف پيڙا، مدائي ۽ ڪَبَڊ آهي، اُنهن کي ڪائي معنيٰ نه آهي، ڪوئي تعلق نه آهي، ڪوئي واجبي سبب

* اناطول فرانس (۱۸۴۴ کان ۱۹۲۴ع تائين)، پنهنجي دؤر جو ڪافي تيز طنز نگار، ناول نويس ۽ نقاد.

نہ آهي. اهي سڏيون سنيون حقيقتون آهي، جن جي معنيٰ ڇڻي آهي جا حواس پروڙي سگهن ٿا، پر ائين نہ آهي، اهي هن خوبصورت تاجي پيڻي ۾ اُٽيل آهن، انهن جي ظاهري اونداهہ روشنيءَ ۾ ڪيئن تبديل ٿئي ٿي ۽ هن ڪائنات جي جوت ۾ جرڪي ٿي، اِها ڳالهہ تنهنجي سمجهہ ڪان مٿي آهي. جيستائين تون دارا شڪوهہ وانگر پنهنجي ڪنڌ تي ڪاتي قبول ڪري پاڻ مان ٻاهر اَچي، اورنگزيب جي جنازي نماز ۾ شريڪ نہ ٿو ٿئين، تيستائين تون اُن ازلي قنديل کي ٻَرندو ڏسي نہ سگهندين، جنهن جي جوت ڏَسان ڏس ڦهليل آهي ۽ جو، جنهن وقت بہ تنهنجي نظر ڪان اوجهل ٿئي ٿو، توکي اونده نظر اچي ٿي. هي دنيا اضداد جو مجموعو نہ آهي؛ جا تنهنجي نظر ۾ بُرائي آهي، اُها ممڪن آهي تہ انت ۾ بُرائي نہ هجي.

ٿي سگهي ٿو تہ جڏهن مون اهي سٽون لکيون، منهنجي تحت الشعور ۾ پٽائيءَ جو هيئيون بيت هجي:

"پريان سندي پار جي مڙيوئي مِٺائي
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري"

سوال اهو آهي تہ تون چکَي، چيتَ ڪري سگهين ٿو؟

*

ڇا تون اهو نہ ٿو سمجهين تہ سَمئہ جي انت تي بَرائي، بَرائي نہ رهندي ۽ ڇڳائي ڇڳائي نہ رهندي؟ اَن ۾ ساري تاريخ سمائجي ويندي ۽ پورو ستاءُ هڪ تمام وڏي ڪوهنور وانگر لڳندو؟

*

توکي 'اڄ' ۾ رهڻ جو فڪر آهي ۽ ان ڪري ڇئين ٿو تہ سياڻو پاڻ ئي پاڻ کي سنياري ونندو. ڇا تون جو 'اڄ' ۾ ٿو رهين، اهو ڇاڻين تہ پرينهن، سياڻو، اڄ سان گڏ فنا ٿي ويندو؟

*

مون هڪ ڪولهيءَ ۽ ٻيل کي برسات ۾ ڀڄندي ڏٺو آهي. هن جو پيٽ خالي هوندو آهي ۽ ٿُنهنجي ٿجوڑيءَ وانگر ٻريل نہ هوندو آهي، پر هُو توکان وڌيڪ خوشنصيب لڳندو آهي. دراصل خوشي تنهنجي نصيب ۾ آهي ڪٿي، رڳو پئسو آهي، رڳو ڪُرسيءَ جو نشو آهي ۽ اُهو نشو جڏهن ٿٻندو تہ تون هر هيروئنيءَ کان برو لڳندين.

*

ٽالستاءِ جو کوئي بہ ڪتاب هڪ طرف، لينن جا ۽ هن کان پوءِ سيني اشتراکين جا سڀ ڪتاب ٻي طرف. ٽالستاءِ جو ڪتاب ڳورو آهي.

*

دوستو وسڪي! تو وانگر مون کان وڌيڪ ڪير ٿو سمجهي ته موت سان نزديڪي ڪيتري معنيٰ رکي ٿي!

*

* لرمنتوف! مان چاهيان ها ته تو وانگر وڙهي سگهان ها. پر مون سوچيو ته هڪ خارش زده ڪُتي کي گولي ڇا لاءِ هڻان، هن لاءِ پنهنجي خارش ئي کافي آهي.

*

ناظم حڪمت! نو سال روس ۾ جلاوطني ۾ رهي مَري وئين! نه تُرڪيءَ ۾ انقلاب آڻي سگهين ۽ نه روس جو انقلاب ڪوئي صحيح انقلاب هو. تنهنجي شاعري ڪهڙي وَهِي کاتي لکان؟

*

لورڪا! ڇا شهيدن جي رت لاءِ به ڪا ڪوثر ۽ تسنيم آهي؟

*

جوش ملیح آبادي! تو ۾ گهن گهرج ته ڏاڍي هئي پر ٿُنهنجي شاعريءَ ۾ مون کي مينهن ڦَڙِي نه ملي!

*

جيڪڏهن ڪوئي نازي جرمنيءَ ۾ ڪنهن يهوديءَ کي چوي ها ته تنهنجي پيڙا اَجائي نه آهي ته هو ڪيس چريو سمجهي ها. هن کي ڪهڙي خبر ته هن جي پيڙا

---

* لرمنتوف: روس جو رومانوي شاعر، جيڪو بائرن جو همعصر هو، جيڪو ڊيول DUEL ۾ ماريو ويو هو.

ڪري ئي مستقبل ۾ اسرائيل وجود ۾ اچڻو هو!

*

شيما ڪرماني جو رقص ڏسي مون چيو ته "رقص جسم جي شاعري آهي."

*

ڇا هِي ٻُڌ چيو هو يا مان ٿو چوان يا ڪوئي آواز اننت ۾ گونجي ٿو جو ٻنهي ٻُڌو هو؟ "جم پيڙا آهي، چالاڻو پيڙا آهي، ساڳيءَ ريت دُک پيڙا آهي، گوندر پيڙا آهي، رودَن پيڙا آهي، نراسائي پيڙا آهي، هي ساور سرير پيڙا آهي، جو ڪام ڪروڌ، لوڀ، موهہ، اهنڪار تي ٻڌل آهي، انهيءَ جي سڀ هيڄ پيڙا آهي. اِهائي دُک جو ڪارڻ آهي، اِها اڇا جنم ڏانهن موٽائي ٿي. دُک جو انت تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن تون سڀ تياڳ ڪرين ٿو، بنا ڪروڌ ۽ ڪوڀ جي؛ تياڳ ڪي تياڳ ڪرين ٿو، تڏهن اِڇا مان توکي مُڪتي مِلي ٿي، اِڇا لاءِ اَڪنڌ جي هِينتا (غير موجودگي) تو ۾ اُتپن ٿئي ٿي." جڳُ ٿي ويا آهن پر اِهو آواز منهنجن ڪنن ۾ ٻُري ٿو، جيئن ڪنهن پهاڙيءَ چُر ۾ سَمُنڊَ جو آواز ٻرندو آهي.

*

ڇا مائتري اُپنشد مون لڪيو هو؟ ان مان ڪجهہ ڪجهہ ته مون کي ياد آڇي ٿو:

"منڊ ۾ رڳو هُو هيو 'ڪير' مون کان اُن جو نالو وسري ويو ٿو) ايڪ ۽ اننت. هو اُتر ڏکڻ، اولهه اوپر کان ٻاهر آهي، هو پرانهين کان پري آهي، جو متي آهي اُن کان ٻ متي آهي، جو هيٺ آهي، ان کان ٻ هيٺ آهي. هن جي اَننتا جتي ڪٿي آهي. هن کي نه اولهه آهي نه اوپر آهي". ٻيو ڇا تَنهن ۾ لکيو هو؟ ڪجهه ته ياد پوي ٿو: "پر آتما آڪاهه ۽ اَڻ مَئي آهي، پُرجهه پروڙ کان پري آهي، سمجهه سوچ کان متي آهي، نه ڪنهن مان ڄائي آهي ۽ نه ٻَڌي اُن کي ڇُهي سگهي ٿي. اها ائين اَپار آهي، جيئن اَوڪاش (مڪان) اَپار آهي. جڏهن سُڀ جڳ پنهنجي انت تي پڄن ٿا، سڀ وستو نند جي گهيري ۾ اچي وڃن ٿيون، هوئي ته اننت ۾ سُجاڳ آهي ۽ پوءِ اننت. اَوڪاش (مڪان) مان نوان جڳ پيدا ٿين ٿا. وِشوَ (ڪائنات) کي ڌيان ۾ سڀ جوڳ آهن ۽ اُن ۾ موتي وڃن ٿا."

ٻيو ڇا لکيو هو؟ خبر ناهي، ياد نه ٿو اچي.....

*

تون چاهين ٿو ته مان اُهو ڪجهه لکان جو تُنهنجي سمجهه ۾ اَچي سگهي. پهريون پاڻ کان پڇ ته توکي سمجهه آهي سهين!

*

تون چاهين ٿو تہ هِنَ عمر ۾ مان بي انت سمنڊ تي نہ سوچيان ۽ ائين سُتئڙا ڪَنا ڪيان، جِئن ٻار ڪَندا آهن.

*

تون ڏونڊ کي ڪِجهن لاءِ ڇڏي ڏي. ڪويلیون تہ اِن کان دور ڇندیون آهن!

*

تون اهڙي ڪهڙي خوشبو آهين جا مون کي نٽي جي موتئي ۾ بہ نہ ملي آهين!

*

نٽي جي پوئين پهر ۾ موتيا ڪِڙيا آهن ۽ خسروءَ کي تنهنجا رخسار ياد اچي رهيا آهن.

*

وحدت الوجود جي خوشبو هند جي ساري ڌرتي واسي ڇڏي هُئي، رِگو اورنگزيب جون ناسون ٻُڌجي ويون هيون.

*

تون مان دوست ڪيئن ٿي سگهون ٿا، جڏهن منهنجا هيرو تنهنجا دشمن آهن ۽ تنهنجا هيرو منهنجا دشمن آهن.

*

جي اڪبر جي دؤر ۾ دکن تي ڪاهہ ٿي ها تہ ڇا تانسين ملهار ڳائڻ ڇڏي ڏي ها؟

*

حيدرعليءَ، ٽيپوءَ کي چيو: "پُٽ تنهنجي تلوار اُها مضراب آهي، جا رڳو آزاديءَ جي ساز تي وڄي سگهندي آهي."

*

ڪنهن ازلي سازشيءَ مير صادق جي ڪن ۾ سُس پُس ڪندي چيو "جي تون ٽيپوءَ کي موت جي مُنهن ۾ ڏيندين تہ تون موت کان بچي ويندين" موت جنهن جا ڪن سپ کان سرلا آهن، ٻُڌي رهيو هو ۽ مُرڪي رهيو هو.

*

تون خدا کي ڏسي سگهندين؟ هوءَ تہ منهنجو سينو ڪوه- طور آهي!

*

طور تي وري تجلي برق پاش آهي ۽ موسيٰ کي ڳولي رهي آهي!

*

سولزي نٽس مغرب کان پڇيو هو: "روس ۾ ڪيترو وقت صليب گدام ۾ پئي رهندي ۽ يسوع ڳوليو نہ لبندو؟"

*

فيض، زندان جي دريچي ۾ صليبون ڏٺيون هُيون.

ڪاش هو ڇاڻي سگهي ها تہ ڪنهن جي لاءِ مصلوب ٿي رهيو آهي!

*

* فيض! پنڌي سازش ڪيس ۾ تو بار عباس جي ڪري پنهنجي ڪلهي تي صليب ڇو ڪنئي؟

*

مان نٽشي هجان ها تہ ڪوچ و بازار ۾ چوندو وتان ها: "ڪنهن ڪان ٿا ڏجو، موت مري ڇُڪو آهي."

*

نٽشي جو زردشت سان ڇا ويچ! ڇا هن آها ازلي آگ ڏٺي هئي، جنهن ۾ سڀ ڪجهہ ازل تائين ڇرڪي رهيو آهي؟

*

ڪازان زاڪس! جي تنهنجي ناولن مان ڪجهہ فقرا منهنجي نثر ۾ اچي ويا تہ ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ آخر تون منهنجو ياءُ آهين ۽ جو ازل اسان لاءِ ورثو ڇڏيو آهي، تون مون سان ورهايو نہ آهي.

*

غالب! آزل جي نهان خاني ۾ ايڏا تنهنجو ڪيترو متاع آهي؟

*

* بار عباس: اهو شخص جنهن جي عيوض عيسىٰ کي صليب تي چاڙهيو ويو هو. هن تي هڪ ناول بہ لکيو ويو آهي، جنهن تي نوبل پرائيز ملي چُڪو آهي.

* گمان مَبر كي پايان رسيد كارِ مغاں،
هزار باده ناخورده در رگ - تاك است.

اهو ڪنهن جو شعر آهي؟ ڇا انهيءَ كي خبر آهي ته مون انگور جي وَل مان پوئين رَسُ ڦڙي نچوڙي آهي. هاڻي جيستائين ٻي ول لڳي، اَن ۽ منا انگور رڇي راس ٿين، تيستائين هن كي انهيءَ جام مان پيئڻو پوندو، جنهن جي تري ۾ مون ڪُجهه رهائي ڇڏيو آهي.

*

همعصر جيڪڏهن تنهنجا هر اثر نه آهن ته تُنهنجا دشمن ٿيندا.

*

ساڻ جون اکيون پيليون آهن. اُنهيءَ كامڻ جو ڪو علاج نه آهي.

*

تون پاڻ تي كيترو به پتل پالش كرين، سونِي ته نه ٿِي سگهندينءَ!

*

هونءَ ته مون كيترا نه ڪندا زندگي ۾ پوكيا آهن! نه ڇاڻان تون مون تي ايترو ڇو مهربان آهين! مُنهنجا خدا! تو مون كي كيترا رنگا رنگَ گل تحفي ۾

ترجمو: اهو نه سمجهه ته پير- مغان جو پورهيو پورو ٿيو آهي،
هزارين اَڻ- پيتل شراب ايان انگور جي وَلين ۾ آهن.

ڏنا آهن!

*

تون پاڻ کي دانشور ٿو سمجهين ۽ ائين ڏکَ ٿو ڏين تہ سنڌ جو رکوالو آهين. ڇا تو نٽشي پڙهيو آهي؟ چون ٿا تہ علامہ اقبال نٽشي کان ڏاڍو متاثر ٿيو هو. ڇا تو نٽشي جو هيٺيون قول پڙهيو آهي؟

"چون ٿا تہ نستو ۽ نبل، هاڻيءَ جو هيٺو چَٽ ٿي ويندو. اها اسانجي پَر اُپڪار جي موُل مَت آهي ۽ اسان هن جي ناس ٿيڻ ۾ سهائتا ۽ پٽيرائي ڪنداسين. ڪنهن بہ اوگڻ ۽ بيڙائيءَ کان وڌيڪ ڇيهو رسائيندڙ ڇا آهي؟ بَل- هيڻ ۽ بي قوَتي مسيحيت لاءِ اثرائتي درد وندي..... مسيحيت ڪَهل ۽ ٻاجهہ وارو دينَ آه. ڪَهل ۽ ٻاجهہ جو تضاد آهي. انهن جذبن سان جي هڪ طاقت بخش دوا وانگر آهن جا جيئڻ جي جذبي ۽ جوش کي وڌائي ٿي. اُن کي (مسيحيت کي) اُداسائي ۽ گهوماتَ وارو اثر آهي. جڏهن بہ ماڻهو ڪهل ۽ ٻاجهہ ڪري ٿو، هو ساري زوم ۽ زورَ کي گنوائي ويہ ٿو.....

ڪهل ۽ ٻاجهہ، سڀ ڳالهيون ڇڏي ڏسبيون تہ ارتقا جي قانون جي خلاف آهن، جو انتخاب جو قانون آهي."

۽ علامہ اقبال جو نٽشي جي خيال کان متاثر هو،

انهيءَ ان ڳالهه تي سوچي چيو هو:

"لپٽنا، جهپٽنا، جهپٽنا، لپٽنا،
لهو تيز رکهنے کا هي اک بهانا."

* ءِ پٽائيءَ جو 'کهي حسين نماڻا' جو مثال هو، تنهن چيو هو:

پائي کانُ کمان ۾ ميان مارَ م مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

*

سانجهيءَ جي بانگ اچي رهي آهي. سج، سمنڊ تي پنهنجي جاءِ نماز پٽاري رهيو آهي.

*

مون رومي کي قونيه ۾ چيو "آڇ، مون سان گڏ ساڳيءَ صف ۾ نماز پڙهه!" پوءِ جڏهن سڄي پاسي منهن ڪري مون "السلام عليکم ورحمة الله" چيو تہ کنهن ساڳيا لفظ دهرائي مون ڏانهن ڏٺو ءِ خلا ۾ جذب ٿي ويو. ڇا اهو منهنجو وهم هو؟ پر مون تہ زندگيءَ ۾ لکين ماڻهو سڄ پڄ ڏٺا آهن جي خلا ۾ جذب ٿي چکا آهن. ڇا اِهي سڀ وهم ها؟

*

يا خدا! هاڻي تہ قبرستان بہ تشدد کان آجا نہ

---

* شاه حسين جي کافيءَ جي سٽ.

رَهيا آهن، ماڻهو تہ منڪر نڪير کي بہ نٿو بخشي!

*

هي ٻارُ آهي يا گل - لالا جو ڪيت آهي!

*

تنهنجي عقيدت ڏسي، مون اُنهيءَ هر انسان کي بخشي ڇڏيو، جنهن مون تي ڪفر ۽ الحاد جا الزام هنيا ها.

*

غالبِ! اڄ تائين لالہ و گل* ۾ ڪهڙي صورت ڳولي رهيو آهين؟

*

خيام جي رباعيءَ وانگر پائيندہ نہ سهين، پر انساني حسن بہ تہ شاعري آهي.

*

ان ڳالهہ کي ڪيئي سال ٿيا. منهنجي ڦوهہ جواني هئي. نئين سال جي رات هئي. مان ۽ منهنجو دوست مرحوم مونس، سکر جيم خاني ۾ هڪ بجي تائين وسڪي پي، هم پيالا يار اُتي ڇڏي، ٽيڙ ڪائيندا گرجا ۾ آياسين، جا جيم خاني کان سو قدمن تي هئي. خبر نہ آهي تہ اسان جا پير ازخود اوڏانهن ڇو ڇڪجي ويا،

---

* سب کہاں کچھ لالہ و گل میں نمایاں ہوگئیں
خاک میں کیا صورتیں ہونگي کہ پنہاں ہوگئیں

مون پنهنجي ڪار ۾ ۽ نه ڪنڻي، جا جيم خاني جي ٻاهران بيٺي هئي. چرچ ۾ ته عيسائي ڪٺا ٿا ۽ عبادت ڪري رهيا ها، ٻاهران مسيحيت تي ڪتاب وڪامي رهيا هيا. مون چار، پنج ڪتاب ورتا جن مان هڪ سينٽ ٿامس اَڪئيناس جو ڪتاب ۽ هو، جنهن ۾ پي ڏينهن تي مون هيٺيان لفظ پڙهيا:

"مقدر پروردگار جو حصوَ آهي. پروردگار ثانوي يا ضمني سببن تي روڪ نٽو رکي، پر انهن جا ڪرتوت پنهنجي تابع رکي، پنهنجا نتيجا حاصل ڪري ٿو. خدا ڪائنات ۾ گهربل نتيجا حاصل ڪري ۽ انهن لاءِ فطري سبب معيّن ڪَري ٿو، جن کان سواءِ اُهي پيدا ٿي نه سگهن ها. هو انسان جي نجات ۽ ساڳيءَ طرح اڳوات لکي ڇڏي ٿو ۽ هر انهيءَ ڳالهه کي هن جو مقدر ڪري ٿو جا هن کي پنهنجي نجات ڏانهن وٺي وڃي ٿي. پوءِ اها ڳالهه هن جي عبادت آهي، يا ٻي طرح جا ڇڳا اعمال آهن، جن کانسواءِ هن کي نجات نه ملي سگهندي."

اوچتو مون کي خيال آيو هو ته مون ڪائي عبادت نه ڪئي آهي، نه مُنهنجو ڪوئي پير مرشد آهي، جنهن جي عبادت مُنهنجي لاءِ ڪارآمد ثابت ٿئي. نه مان

ڪنهن چگي اعمال جو اهل آهيان. ها باقي جي شاعريءَ کي چگي اعمال ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو تہ پوءِ اها منهنجي واحد راه - نجات آهي.

وقت ثابت ڪيو آهي تہ نہ رڳو ٿامس اڪئيناس جي سوچ صحيح هئي، پر منهنجي سوچ بہ صحيح آهي. رڳو ان ۾ ايتري ترميم ڪري ٿو سگهان تہ شاعري نہ رڳو چگو عمل آهي پر عين عبادت آهي. گهٽ ۾ گهٽ مون لاءِ اِن کان بهتر عبادت نہ ٿي سگهي ها.

*

منهنجيءَ شخصيت ۾ اهڙا ڪهڙا شعاع آهن، جي ڪن ۾ مون لاءِ بي انتها نفرت پيدا ڪن ٿا ۽ ڪن ۾ ان جي برعڪس بي انتها محبت پيدا ڪن ٿا.

*

ڇا مون جيان ٻيو بہ اهڙو شاعر ٿيو آهي، جنهن اڌ صديءَ کان وڌيڪ عرصي لاءِ بيئل پاٽيءَ ۾ ڇپون ڦٽي ڪري لهرون پيدا ڪيون آهن.

*

خُدا ڪُليَت آهي ۽ هر شيءَ اُن جي ازلي وجود ۾ سمايل آهي يا هن جو وجود الڳ آهي؟ جي ڪابہ شيءِ هن جي وجود کان ٻاهر آهي تہ هو ڪُليت نہ آهي ۽ سڀ جُز هن ۾ شامل نہ آهن پر مون لاءِ ايڏا اهو

مسئلو آهي تہ ڇا هو هر جُز ۾ سمايل آهي؟

*

جي خُدا مِٽيءَ جي هر ذري ۾ آهي تہ بُرائي ڇا آهي؟

*

ڇا امريڪا جي جنهن حملي ۾ لکين عراقي ماريا ويا، اُهو حملو اُن ازلي حقيقت جي منشا هئي، جنهن کي اسان خُدا چئون ٿا؟

ڇا اها هن جي ڪائي پيڪي واري رِٽا هئي جا تُنهنجي مُنهنجي سمجهہ کان مٿي آهي؟ ڇا اِن ۾ ڪائي ڇگائي هُئي، جا توهان لاءِ هن وقت ڇڻي نہ آهي؟ ان مفروضي کانسوا، وحدت الوجود جي حقيقت ڪيتري بعيد از فهم ٿي پوي ٿي!

*

هُو شعلہ نوا شاعر آهي. هائو هَن جا لفظ جهنم جا شعلا آهن!

*

اي انقلابي شاعر! تو گل- لالا ڏٺو آهي؟ اُهو بہ جَر ۾ جرڪندو آهي پر تو وانگر نہ!

*

ڪڏهن تو پورهيتِ کي ننڊ ۾ ڏٺو آهي؟ ڪڏهن

تو آها دنيا ڏٺي آهي جا هوءَ نند ۾ گهمندي آهي؟ تون جو رَتَ جون نديون وهائڻ چاهين ٿو، تنهنجو پورهئي سان ڪهڙو پيار ٿي سگهي ٿو؟

*

سياسي رهزن! تون رڳو پنهنجو پاڻ لاءِ آهين، ٻيا تو لاءِ ذريعا آهن.

*

هر سياست زهر جي پُڙي آهي، اِن کان پري پڃ، جيستائين تون سقراط نه آهين.

*

ڪهڙو سياسي رهبر آهي، جو ساڳي وقت رهزن نه آهي؟ گانڌيءَ کي ڇڏي مون کي دور - جديد ۾ ڪوبه اهڙو سياسي رهبر نظر نه آيو آهي.

*

سياست ۽ سچ ۾ متضاد شيون آهن.

*

سچا ماڻهو سياست ۾ وِرلي ايندا آهن، سياسي ماڻهو سچا وِرلي ٿيندا آهن.

*

توکي ناهر جا ننهن ۽ هاتار جون هوڙون آهن، پر سياسي مَدَبر! ٻاهران تون ڪيترو نه ٽڏو ٽانهريو آهين!

*

مان جو آئينا صيقل ڪندو آهيان، تنهنجي اندر جو آئينو ڏسي حيران ٿي ويو آهيان. ايتري ڪارنهن تہ مون ڪوئلي ۾ بہ نہ ڏٺي آهي!

*

سچ سراڻ وانگر آهي. تون ڪيستائين زندگيءَ کي مڏي چاقونءَ وانگر بند ڪري رکندين؟

*

مان زندگيءَ جي تشريح نہ ڪري رهيو آهيان، تخليق ڪَري رهيو آهيان، توکي تشريح گهُرجي تہ تون پاڻ ڪر. تنهنجو ڪم بہ مان ڪيان ڇا؟

*

چگو جو مارڪس لنڊن ۾ پوريل آهي؛ جي هو ماسڪو ۾ پُوريل هجي ها تہ هن جي ڪفن کي سائبريا جلاوطن ڪن ها!

*

يا خدا! تون ڪيترا رنگا رنگ گل منهنجي جهوليءَ ۾ ڦِٽي ڪندو رهيو آهين! هاڻي تہ منهنجي جهوليءَ ۾ جاءِ بہ نہ رهي آهي!

*

هر خوبصورت چهري تي تنهنجو گمان ٿئي ٿو. تون تہ وحدت الوجود وانگر ڦهلجي چُڪي آهين!

*

ڪنڊڙيءَ جا شاعر فقير بهترين انسان ها. توکي انهن کان بهتر ٻيا ڪهڙا انسان گهرجن؟

*

مون تُنهنجي شاخ مان موتئي جا گل پٽڻ ٽي چاهيا پر پوءِ هٿ روڪي ڇڏيو. تنهنجيءَ شاخ تي موتيو ڪهڙو نہ چگو ٽي لڳو!

*

اي خدا! ايتريون خوبصورت اکيون تہ تون نرگس جي گل کي بہ نہ ڏنيون آهن، پر نرگس جو گل تہ انڌو آهي، اُن جي هنن اکين سان ڪهڙي ٻيٽ ٽي سگهي ٽي!

*

خميني‌ءَ جي دؤر ۾ شيراز ڏسي مون کان وسري ويو تہ مون حافظ پڙهيو آهي. ڇا ايران جو اِنقلاب اِهو آهي؟

*

هر انقلاب مان سڀ کان وڌيڪ نقصان شاعر، اديب ۽ آرٽسٽ جو ٿيندو آهي.

*

مون مانيءَ ۽ بهزاد کي سڏي چيو:

"منهنجي ڪَيَ اچو! مان اوهان کي اهڙي تصوير

ڏيڪاريان جا اوهان جي خواب خيال ۾ نہ آئي هجي! اها تصوير آهي تہ انسان جي پر اُن جو ساڻيو مصوّر آهي، جنهن چند کي ٺاهيو آهي."

*

اي وَل! تون وڻ کي کيڏو نہ وکوڙي وئي آهين. هاڻ تہ اُن جا پن ۾ نظر نٿا اچن!

*

* اڄ تہ کوراڙ تي جَهولو جُهوليون! وڻ جي ٽاريءَ وانگر لڳي رهي آهي!

*

تو مون کي ايڏي زندگي آڇي آهي جو موت کان وڌيڪ چُپ ڏئي ڇڏي آهي.

*

تنهنجون اکيون ڏِسي، مون کي ائين محسوس ٿيو تہ مون شراب نوشي ايڏا نہ ڇڏي آهي.

*

ايترو گهر سُمر آهيان، جڏ دل کٽي وساري آيو آهيان!

*

** سبط- حسن! ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ عمر خيام جي پيدائش وڏي ۾ وڏو انقلاب- ايران آهي.

*

---

* کوراڙ- ڏگهي نانگ جو هڪ قسم.

** سبط- حسن اردو جو مشهور اديب، جنهن ٻين کيترن کتابن سان گڏ "انقلاب- ايران" نالي سان کتاب ۾ لکيو آهي.

تون مان اڳي ڪٿي مليا آهيون؟ توتي مُنهنجي نگاهه پئي آهي، جڏ ٿر تي بادل برسيا آهن!

*

ٻه پهريءَ جو سج ٻري رهيو آهي. ونسينٽوانگوگ سورج مُکيءَ جي ڪيت جي تصوير ڪڍي رهيو آهي ۽ سج غور سان ڏسي رهيو آهي تہ هو ڪٿي سچو ٿو لڳي، سورج مکيءَ جي ڪيت ۾ يا مصوّري ۾!

*

ايا تائين هندستان ۽ پاڪستان ۾ استالن جا پوتا ڏوهتا گهٽائي آهن ۽ چمڙا پوش ڪري واپس ورڻ چاهن ٿا، پر هنن کي سمجهن گهرجي تہ ڪميونزم هميشه لاءِ دفنائجي چڪي آهي، ڇو تہ اُن جي بنياد ۾ برائي هُئي جا درست نہ ٿي سگهي. بهتر آهي تہ هو ڪنهن نئين فلسفي جي تلاش ڪن. لينن جو بت ڪريملن مان جلدئي ٻاهر ڪڍي ڦٽي ڪندءِ اهو ايترو وقت ٻہ نہ هلندو جيترو سومنات جا بت هليا ها.

*

شيطان صفتي کي ڪائي ڪشش آهي جا هڪ رَهزن کي ٻئي رهزن سان ملائي ٿي، پوءِ اُهي هڪٻئي جي خون جا پياسائي ڇو نہ هجن!

*

هي مَرڪ ۾ ڪهڙو خنجر ڇُپايو ٿو گهمين؟
بروٽس! مان توکي هجوم ۾ هڪ نگاهه سان سُجاڻان!

*

عورت ته عورت آهي. مون کي اهو شوق ڇو آهي ته هوءَ هر روز ڪليوپيٽرا وانگر هڪ نئين عورت هجي.

*

سيتا! جي مان رام هجان ها ته توسان رهي چوڏانهن سؤ پيرا آتم- هتيا ڪيان ها.

*

ڪرشن سوچيو "جي ٽاري ڇڄي پئي ته ڇا ڪائي بہ گوپي مون کي بنسريءَ سوڏو جهول ۾ جهپي وڻندي!"

*

رات موتَ ٿُنهنجي گهٽيءَ مان ٽي ويو. ٿُنهنجي لاءِ نياپو ڏئي ويو ته: "منهنجو انتظار ڪجانءِ. مان سياڻي موٽي ايندس."

*

ڇا ٿُنهنجي موت ۽ ٿُنهنجي موت تي بيان ۾ فرق آهي؟ سياست جي نظر ۾ ته ڪوئي فرق نہ آهي.

*

هي لاش آهن انهن جا جن آزاديءَ جا پير چميا ها. موت ۾ آزادي اُنهن جا پير چُمي رهي آهي، پر اُن کي ڪوئي ڏسي نہ ٿو سگهي!

*

تو ڏاڍي جي بندوق تہ ڏني آهي، رکو هيٺي جي ڇاتي ڏني آهي.

*

لاشَ تہ ٽاٽي تي ڪٽي ويا فقط پهاڙيءَ تي رَت پيو آهي، چندِ اُن تي اُچاتري نظر وجهي وڃي رهيو آهي. نہ ڇاڻان هي ڪير آهن؟ ڇو مُئا آهن؟ ڇا لاءِ مئا آهن؟ رت جو دُبو سوال جي نشانيءَ وانگر آهي، عجب جي نشانيءَ وانگر بہ آهي، اڌ دم وانگر بہ ٽو لڳي. ڇا آزادي پنهنجو جملو پورو ڪري نہ سگهي آهي.

*

اي خدا! تو مون تي ايتريون نوازشون ڪيون آهن، جو مان تنهنجي هزار پيرا پرستش ڪيان تہ بہ تنهنجو هڪ ٽورو نہ لاهي سگهان!

*

مون شفق مان هڪ ڳل پَتي تُنهنجيءَ چوٽيءَ ۾ لڳايو ۽ پوءِ شام جي سمنڊ ڏانهن ڏٺو!

*

تون هيءَ حياتي ڪڏهن ٽو موٽائي ونين، مان توکي وياج سان موٽائي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. هاڻي مون کي پنهنجي قرض مان آزاد ڪر!

*

يا خدا! تو هي ڪهڙا زنجير مون تي وڌا آهن؟ نہ پاڻ ٿو لاهين، نہ مان ٿو ڇني سگهان!

*

ڪنهن غلام کي بازار- عڪاذ ۾ وڪيو ٿي ويو. هن پاڻ هوڪو ڏنو: "آهي ڪوئي غلام، جو هن آقا کي خريد ڪري!"

*

مان ازل کان آزاد آهيان، تون مونکي گرفتار ڪرڻ لاءِ سَوَ ترڪتال ٿو ڪرين، پر مان تنهنجي ڇار کي ڇڻي اُن مان باربار نڪري ٿو وڃان؟

*

ڇا اهو ڪافي نہ آهي تہ مان مڃان ٿو تہ تون منهنجو رب آهين! ڇو ٿو مُنهنجو واتَ کولائين؟

*

جي سرمد منصف هجي ها تہ ڇا هو قاضي القضات کي واجب القتل قرار ڏئي ها؟

*

تون جڏهن سياڻي اچين تہ متان مان نہ هجان! بهتر آهي تہ جي گل مون لاءِ آندا آڻيئي، مون کي هاڻي ئي ڏئي ڇڏ!

*

ڪائنات ۾ ڪيترين ۾ ڪَتيون ڇو نہ هجن! پر اُنهن جو مَٽ نہ آهن، جي تنهنجي ڇاتيءَ تي ۽ قمقما ٻَري رهيا آهن.

*

پروانا ڪُٽي نہ ڪُتندا، هاڻي هي شمع وسائي ڇڏ!

*

شمع ڪڏهن صبر کان ڪم ورتو آهي؟ اي آخري رات جا پروانا، متان تون ۽ آگ جي لپيٽ ۾ نہ اچي وڃين!

*

شمع وسامي رهي آهي. ستارن جا ڏيئا هڪ هڪ ڪري ٻجهي رهيا آهن. اي پرهہ! تون ايڏا ڪيترو پري آهين!

*

تون منهنجي سامهون اِئين ويٺي آهين، جيئن شمع آئيني جي سامهون رکي هوندي آهي.

*

ڇا مان تنهنجي نندِ ۾ آهيان، جيئن تون منهنجي نندِ ۾ آهين؟ ڇا آڳ اڳ ئي پرواني جي پَرن ۾ ڇرڪندي آهي، رڳو نظر نہ ايندي آهي؟

*

مادّيت پسند، ڪينہ پرور، سازشي! تون انسانيت پرستيءَ جو لبادو پائي هاڻي مونکي ٺڳي نہ ٿو سگهين. تـوڪـان پـرواري مـسـجد ۾ مُلان چڱو آهـي. اُن ۾

انسانيت جي رمق آهي. تون مردو بہ آهين ۽ ڪورپٽ بہ آهين ۽ پنهنجو مردو پاڻ کائي رهيو آهين!

*

"تون وَهيءَ جي وهي ڪاتي ۾ هير ڦير ڪري رهي آهين." "مون هن جي تازي پلاسٽڪ سرجري ڏسي هُن کي چيو: "پر اها توکي ڦٻندي ڪانہ."

*

"پنهنجيءَ پيڙا کي سمجهڻ ڪانسواءِ خدا کي سمجهڻ ايترو جوکائتو آهي، جيترو خدا کي سمجهڻ ڪانسواءِ پنهنجي پيڙا کي سمجهڻ جوکائتو آهي." اها * ڳالهہ جڏهن پاسڪل لکي تہ هو سوچي رهيو هو تہ خدا پنهنجي ابهام مان نہ نڪري تہ چگو آهي، ۽ تہ هو ابهام مان نڪتو تہ انسان ڪِنائِيءَ ۾ پنهنجي بِگاڙ پَرجهي نہ سگهندو ۽ بنهہ اونداهہ ڇانئجي ويندي تہ هن کي چارو نظر نہ ايندو.

*

منهنجي دل آئيني ٻُڌيان ڪيئي آئينا ڏسي رهي آهي، جن ۾ تنهنجي تصوير نظر اچي رهي آهي. متان اهي سڀ آئينا تڙڪائي وجهين!

*

*پاسڪل: فرانس جو مذهبي مفڪر ۽ مشهور رياضي دان (١٦٢٣ع کان ١٦٦٢ع)

مون ۾ ايڏا همّت آهي ته توکي جهول ۾ جَهلي چُمي وَڻي سگهان. ايڏا منهنجا چپ اڳرن وانگر ٻري رهيا آهن ۽ ايڏا رک نه ٽيا آهن.

*

تون دانشور آهين؟ تون دانش جي دعويٰ ٿو ڪرين. جا هڪ اڻاهه سمنڊ وانگر آهي! ڇا تو غواصَن جي گت ڄاتي آهي. ڪنڊيءَ تي ڪوڏ ڪَنا ڪرڻ وارا!

*

هاڻي مون ٿُنهنجو نقاب لاهي. ٿُنهنجو ڏاڙهڙ جهڙو چهرو ڏسي ورتو آهي. ڇا تون نقاب جا رنگ بدليندين ته مان توکي سڃاڻي نه سگهندس؟

*

پنهنجو چهرو آئيني ۾ ڏسڻ چاهين ته آسڪر-وائلڊ جو ڪتاب 'دورِين گِري' پڙهي ڏس!

*

ڇا صحافت ڪوئي پَهو آهي. جو تنهنجي زخر تي رکيو ويجي؟ تون خيال نه ڪر. اِجهو ٿو اهو زخر ناسور ٿئي!

*

ڇا جلاوطني انهيءَ اُميد جي علامت نه آهي ته گهر واپس اَچبو؟ ڇا اها ڳالهه پاڻ ۾ ويساهه پيدا نه ٿي ڪري ته پيڙا اَجائي نه ٿي ويجي؟ ڇا هُو اجايو مصلوب

ٿيو هو يا صليب تي ڪائي اهم حاصلات ٿي آهي جا هونءَ دنيا کي نہ ٿئي ها؟

اي سنڌيو! پنهنجيءَ پيڑا تي ويجايو ۽ آسائتا رهو! جڏهن بہ اوهان جي گهَر جو ڏيئو وسامي وڃي تہ ان ڳالهہ تي پروسو رکو تہ وِڃُ چمڪِي هر شيءَ کي اُجاري ڇڏيندي. اوهان تاريخ جي ابتدا آهيو. اوهان کان سوا تاريخ جي گردن ڪپي ويندي. هن وقت مونکي رِگوڪارونجهر تي مور ۽ ڪير ٽر مِرڳِ ٻڌي رهيا آهن. ڪنهن وقت اها صدا ايترو گونجندي جو نہ رِگو ساريءَ واديءَ ۾ هر ڪنهن جا ڪَن ٻُرڻ لڳندا پر انهن جا مَن بہ ائين ٻرڻ لڳندا، جيئن جوالا کارونجهر جي جيءَ ۾ گجگوڙ ڪندو آهي.

*

مون ٻڌائيءَ جي ساري آس نراس تي سوچيو آهي، جڏهن سياري جو اُتر جي هوا لڳندي آهي يا جڏهن بسنت ۾ واهوندا ورندا آهن. ڪوسيون ڪُکون لڳنديون آهن ۽ ڏينهن ڏاڍا تپندا آهن. اُن آس نراس کي اوهان ڏٺو آهي تہ اها زميني زندگيءَ سان واڳيل هوندي بہ ازل جي باري ۾ آس نراس آهي، هن جي پنهنجي "پاڻ" جي باري ۾ آس نراس آهي ۽ جو بہ نراس هوندو آهي، اهو

نہ ڇاڻندو آهي تہ هُن ڪانپوءِ ڇا ٿيندو. هُو سمجهندو آهي تہ هُن جي نراس جو سنهَنڊ ڏرتيءَ سان آهي. سچ پچو تہ اُهو اننت سان آهي.

*

پاسڪل ڪي عجيب منطق هو. هن هڪ ڀيري پڇيو: "اوهان ڇاٽو ٿا تہ اوهانکي خدا ڏيڪاري ڇو نہ ٿو ڏئي؟ ڇا اوهان هن جي ديدار جي لائق آهيو؟" جواب آيو، "هائو لائق آهيون."

"اوهان بي ادب آهيو، انڪري اوهان نالائق آهيو." جواب آيو، "نہ ائين نہ آهيون."

پاسڪل چيو "انهيءَ ڪري ئي اوهان نالائق آهيو."

اي ڊيڪ ءِ ايماني ماڻهوئو! ڪَنڌ مان ڪِلي ڪڍو، نِنائوَ! پاڻ کي هيٺ ڪَيو. شاهہ حسين وانگر، "ڪَهي حُسين نماڻا" واري سان چئو تہ توهان انهيءَ کي پَسي سگهو جو اکين کان اوجهل هوندي بہ شهہ رگ کان ويجهو آهي.

*

جڏهن بہ دروازي تي ڪڙڪو ٿئي ٿو، مونکي اُن تي ٽُنهنجي دستڪ جو گمان ٿئي ٿو. پر جڏهن مان دروازو کوليان ٿو تہ ٻي ڪنهن کي موجود ٿو ڏسان. مان ڪيستائين تنهنجو انتظار ڪيان؟ پر اهو سوال تہ

اجايو آهي. مان سراپا تنهنجو انتظار ٿي چُڪو آهيان، تُنهنجي غير موجودگي منهنجو وجود ٿي چُڪي آهي ۽ تنهنجي پيار سان ئي منهنجي زندگيءَ ۾ اعتبار وابستہ ٿي چُڪو آهي- تون جا اڳي پوءِ اچڻي آهين، ۽ ڪڏهن ۽ ڪيئن جي سڏ ڪنهن کي نہ ٿي ڏين!

*

هي اُنهن جا لاش آهن، جي بي سبب ماريا ويا آهن. ڇا اُهي مان تقدير جي ڪاتي ۾ تنهنجي نالي لکان؟ تون اِهو قرض لاهيندين تہ ضرور پر ڪڏهن؟

*

جو ماريو ويو سو دهشتگرد هو، جنهن دهشتگرد کي ماريو سو دهشتگرد نہ آهي.

عجيب منطق آهي تُنهنجو، جو مان ايا تائين سمجهي نہ سگهيو آهيان! مون تہ ائين ٿي ڇاتو تہ سواءِ خدا جي هر مارڻ وارو دهشتگرد آهي!

*

ڇا تون ڇاڻين تہ ڏيڏرُ تلاءَ ۾ ٽپو آپگهات لاءِ نہ ڏيندو آهي!

*

چُوندِ! ٻنهي مان چُوندِ! اَمَا يا اَمان؟

*

اي دهريت پسند! منهنجو اوهان کي هڪ ئي جواب

آهي:

"اسان چاهيون ٿا تہ اسان ضروري هجون، اُنهيءَ اسرار مان اُپري اَچون جو اَوس ٽيڙو آهي، اَڻتر هجون، ازل کان وٺي مقدّر جو تسلسل هجون. سڀ مذهب، گهڙو ڪري سڀ فلسفا ۽ سائنس جو هڪ حصو پڻ، انسان جي اُنهيءَ دليريءَ واري، اَورچ ۽ اَڻڪ اُدم جو ساکي آهي، جو هُو انهيءَ انڪار ۾ ڪري رهيو آهي تہ آنءُ ڪوئي اوچتو واقعو نہ آهيان".

ڇا اهي لفظ لڳ ڀڳ جيڪس موناد جا آهن؟ نہ اهي لفظ منهنجا ٻہ آهن، ڇو تہ مون ساڳيءَ ريت سوچيو آهي، رڳو موناد مون کان اڳ انهن کي اظهاريو آهي.

*

اي خدا! ڇا توکي مُنهنجي جهولي خالي ڏسي رحم اَچي ويو؟

*

اڄ ڪيڏي نہ گهِري نند اچي وئي هئي؟ جي مان نہ اَڻان ها تہ....؟

*

مون شفق مان گل ڇِنيي هُن جي ڏکهي چوٽي ۾ لڳايو، پر شايد هُن اِهو نہ ڏٺو!

*

سَمنڊَ تي سڄَ کي مون پيرين پَئي چيو: "تون ڪجهہ وقت جيءُ! تنهنجي جاءِ تي مان ٿو ٻُڏان."

*

"ساري خلق ڪجهہ ٻہ نہ آهي. مان اهو نہ ٿو چوان تہ هو ٿورو ڪجهہ آهن. نہ، هو ڪجهہ ٻہ نہ آهن. ڪنهن ٻہ ساهواري جو وجود نہ آهي."

* ميسٽر ايڪهارٽ! ڇا تنهنجو وجود ٻہ ڪونہ هو؟ پوءِ اهي لفظ ڪنهن لکيا جي مون متي لکيا آهن؟ اها پي ڳالهہ آهي تہ هاڻي اهي لفظ تُنهنجو وجود ثابت نہ ٿا ڪري سگهن.

لفظ ڪنهنجو وجود ٻہ ثابت نہ ٿا ڪري سگهن. هو نيٺ 'ڪجهہ ٻہ نہ' ۾ شامل ٿي وڃي ٿو. انهيءَ اپار مايا ۾ جا اسانجي سمجهہ ڪان متي آهي.

*

ڇِتي ڪُتي جي ڳِگ وِهي رهي آهي، تون ايڏا عَرفيءَ کي ياد ڪري رهيو آهين!

*

ڇا تون اعتبار ڪندين؟ هو جو پاڻ کي آزاديءَ جو علمبردار ڇوائيندو آهي، جڏهن دوست سان ڦِٽائيندو آهي، تڏهن هن جي خلاف مارشل لا وَارن کي

---

* ميسٽر ايڪهارٽ (Meister Eckhart) : جرمنيءَ جو صوفي (Mystic) (١٢٦٠ کان ١٣٢٨ تاڻ)

درخواستون ڪندو آهي!

*

فوٽي ۾ سوئر وانگر مُنهن ڇوڪيو اٿئي. دل ڇوي ٿي ته سئلويدور داليءَ کي سڏي ۽ وڃ تنهنجن واڇن ۾ هٿائي ڇڏيان.

*

تنهنجي تصوير سَوَ ٻورا ٿي وئي آهي. تون سمجهين ٿو ته تون اها ڪنديءَ سگهندين!

*

هي دونهين جا بادل آهن يا گهٽائون آهن؟ انسان! فطرت سان ڪيڏو نه ڪوڙسِي رهيو آهين!

*

ڪامريڊ! ڇگو جو توکي ڪوئي اختيار نه آهي، جي هجي ها ته تون استالن کان به بَرو ثابت ٿئين ها. استالن ته رڳو زال کي ماريو هو، تون ڪُنهن کي به گولي هڻي مارين ها!

*

مون ڪنهن مذهب جي بنيادي فلسفي ۾ ايتري بُرائي نه ڏٺي آهي، جيتري ڪميونزم ۾ آهي!

*

سنڌ جا سپوت! ڇا تو انهيءَ جو تعَين ڪيو آهي ته سنڌي ڪنهن کي ٿو ڪوڙين؟

*

نفرت، حسد ۽ غداري جيتري سنڌي قوم ۾ آهي،
اوتري شايد ٻي قوم ۾ هجي! ڇو؟ ڇو؟ ڇو؟

*

ڇا نائون مل غدار هو؟ پهريون اهو فيصلو ڪر پوءِ
قومي تحريڪ جن ڳالهيون ڪر!

*

ٻهروپي، بگلا ٻڳت! تون سمجهين ٿو ته مان
تنهنجيءَ نهٺائيءَ ۽ نئڙت کي نه ٿو سمجهان! تون ته
ٻيٽ جو اهو ٻکهو به نه آهين جو سهٽيءَ جو ڪانڊي
ٿين! ڇا تو پاڻيءَ ۾ سج کي به مڇي سمجهو آهي؟
ترس، وقت جي سورج گهڙيءَ تي پاڇو ڦري رهيو آهي
۽ تنهنجو موت ويجهو آهي.

*

مون کي هينري بَرگسان سان اتفاق نه آهي،
جڏهن هو چوي ٿو ته "مابعد الطبيعات جو هڪ حصو،
شعوري يا غير شعوري طرح انهيءَ سوال ڏانهن ڇڪجي
وڃي ٿو ته ڪجهه ڇو آهي؟ مادو ڇو آهي، روح ڇو
آهن، خدا ڇو آهي؟ ڪوئي اهو سوال نه ٿو پڇي ته
'ڪجهه به نه' ڇو نه آهي. بهرصورت سوال ۾ اهو
مضمر آهي ته حقيقت خَلا کي ڀَريون بيٺي آهي، ته
هستي جي پٺيان نيستي آهي، ته اصولاً ڪنهنجي هستي

نہ هجڻ گهرجي ۽ ان ڪري ئي سمجهائڻو ٿو پوي تہ در حقيقت 'ڪجهہ' ڇو آهي. مان ڄاڻيان ٿو تہ جي ڪوئي انهيءَ سمجهاڻيءَ ۾ رُڌي وڃي ٿو تہ هو وهم ۾ وڇڙي وڃي ٿو، ڇو تہ 'نجي ڪجهہ به نہ' ڪي به ايتري معنيٰ آهي، جيتري گول دائري ڪي."

برگسان! ڇا تون سمجهاڻي ڏئي سگهين ٿو تہ اهو 'نجو ڪجهہ به نہ' ڇا آهي؟ ڇا اِهو زندگيءَ کي ڪائي معنيٰ ڏئي سگهي ٿو؟ ڇا اهو سمجهائي سگهي ٿو تہ مان ايتريءَ بيماري جي باوجود، اَسر جو اُتي ڇو ٿو لکان؟ ڇا هيءَ منهنجي شاعري انهيءَ 'ڪجهہ به نہ' مان اپري رهي آهي؟ ڇا هي سارو رنگ ۽ خوشبو 'ڪجهہ به نہ' مان آيو آهي؟

نہ برگسان، نہ! مان تنهنجي زندهہ تردید آهيان.

*

"خدا ماڻهوءَ کي پنهنجي تصوّر تي ناهيو ۽ هوبهو ائين ناهيو، جيئن خدا جي باطن ۾ آهي. انهيءَ ڪري ئي انسان جو باطن هن لاءِ بہ قابل- فهم نہ آهي، ڇو تہ اُن ۾ خدا جي تصوريت آهي". (سينٽ آگسٽين)

ڇا تصوّف جي بيان لاءِ مون وٽ ان کان بهتر لفظ آهن؟

*

مون هَن کي چيو "جي تون سورج مُکي ٿاهي نہ ٿو سگهين تہ ان ڪالهہ تي اعتبار ڪر تہ اِن کي خدا ٿاهيو آهي."

*

نور محمد ڪلهوڑي، نادر شاهہ جو مقابلو ڪيو هو ۽ ہہ پٽ يرغمال ۾ ڏنا ها پر سنڌ زئدهہ آهي ٻٽائيءَ جي ڪري. نور محمد ڪلهوڑي جي باري ۾ تہ سنڌ جي تاريخ ۾ رڳو چار صفحا آهن.

*

مون تولاءِ پنبٹين سان ٻُهاريو هو، پر جڏهن توسان پَلئُ اٽڪيو تہ تنهنجي بُج بُج مان بوءِ اچي رهي هئي.

*

ڪتي جي ذات پڇاڻڙ لاءِ نِڪَر جي دانگي تہ ٿهيو جي سوني جي ٽالي ہہ ڀِڄي پَوِي تہ قيمت ڳري نہ آهي.

*

رات اکين ۾ ڪاٽجي وئي. ڇاڇا نہ اکين اڳيان ڦِري ويو! نيٺ توکي سمجهي ويس ۽ توکان اکيون ڦيري ڇڏيم.

*

جڏهن کان تنهنجو پاڻي ڪيچي ڇڏيو اٿم، تڏهن کان پاڻيءَ مان نہ ٿو نڪران. نہ وري تون مونکي

پاڻيءَ مان ڪڍي ٿي سگهين!

*

ٿُنهنجيءَ ڪاڪ کي گهٽا تَڙ آهن؟ ڪٿي ڪٿي نينهن اڇل ڏني اٿي؟

*

توکي گهٽا ٻيرا چيو هيم ته: "اِن کي سنياڻي رکجانءِ، هي دل آهي، شيشو نه آهي، جو ٽُٽي ته وري ڳنڍي سگهجي."

*

جڏهن کان دِل تان ڪِري پئي آهين، ڪنهن تحت السرا ڏانهن وڃي رهي آهين، ايڏا ته ڪِري رهين، ڪِري رهين، ڪِري رِهي آهين.....

*

تنهنجي وَڏي ۾ وَڏي سزا اها هئي ته توکي نهايت اطمينان سان جواب ڏيان، توکي ڏيکاريان ته ٿُنهنجو وجود ته هڪ ڪڪ جيترو آهي جو مون ۾ ڪابه ڇولي پيدا ڪري نٿو سگهي.

*

مون سوچيو ته توکي تنهنجي ڪَئِي جِي کهڙي سزا ڏيان؟ پوءِ مون توکي اُن تي ڪابه ميار نه ڏني،

ميار جي قابل به نه سمجهو.

*

چنڊ پلي سمجهي ته هُو آسمان ۾ آهي. چشمي ۾ هو ڪارونجهر جي پيرن ۾ هوندو آهي.

*

تون هڪ ڪينئري زيتون وانگر لڏي رهي آهين، تيز هوا جي جهوٽي ڪي نيٺ ڇڪي ويندين!

*

تو منهنجي محبت جو قدر نه ڪيو. تون ته مُرجهايل پيلي گلاب وانگر ڪي وڪي آهين، اُها مُڪڙي به نه آهين، جنهن کي مون سنگهي شاخ تي ڇڏي ڏنو هو!

*

مون ڏاڍيءَ محنت سان تولاءِ رابيل جي ڪنديءَ ٺاهي هئي. تو اُها ڪاوڙ ۾ اچي ڇڪي ڇڏي ۽ جڏهن گل ڇڇي پتيون ڪي هوا ۾ پکڙي ويا، تڏهن ٿوڪي ڪَئي ته افسوس ٿيو ۽ اهو خيال آيو ته اهڙي ٻي ڪَنديءِ تو لاءِ ڪير ٺاهي سگهندو؟

*

مان توکي شاعريءَ ۾ اَمر ڪيو آهي يا تو منهنجيءَ شاعريءَ کي امر ڪيو آهي. اِهو سوال مُنهنجو ته نه

آهي! امرتا تہ تون آهين، هٿ ۾ پير تہ تنهنجا آهن، منهنجي شاعري تہ رڳو انهن تي ميندي ۽ جا گل آهي.

*

پؤنر ڪنول کي ڳولیندو آهي يا ڪنول پؤنر جي انتظار ۾ هوندو آهي. اهو ڪيئن چئجي!

*

افسوس اُنهيءَ موتيءَ تي، جنهن کي هنس نہ چڳيو آهي!

*

ڏيڏري ٻُل ۾ موتي چڳي وئي تہ اُهي اُن کي اوڳاڙيا پيا.

*

پاڳل جي اولاد! تُنهنجي گهر کان گدوبندر تائين رِکشا وارو گهٽو وٺندو؟

*

دوستو وسکيءَ جي اها چوٽي تہ: "جي خدا نہ آهي تہ پوءِ هر ڳالهہ رَوا آهي" ڪيڏي نہ صحيح آهي! مان اِن ۾ چا ٿو وَڌائي سگهان!

*

مون ٻانهن تنهنجي هَٿ مان ڪڍي ورتي آهي، هاڻي لهرون ۽ لوڏا تنهنجو مقدّر آهن.

*

مان ائين ٻڌائي نه آهيان، جيئن ڪاليداس ۽ ٽئگور نه آهيان. نه وَري اِهي ٽئي مون وانگر هَيا. مُنهنجو وجود پنهنجو آهي، جو مون ڪنهن سان نه ورهايو آهي ۽ نه ورهائڻ لاءِ تيار آهيان.

*

ميان سَرمستي ته چگي، مون کي خرمستيءَ سان نه پَوندي آهي.

*

ڪبيرَ! ڪورڪو پاڙو شڪارپور ۾ منهنجي گهر کان سَو قدم پري هو.

*

هن نندي ڪنڊ جي تاريخ ۾ شاعر ٽپا گهٽا آهن؟ چو ٽو وات ڪولائين؟

*

نندي ڪنڊ جون ٻه صديون اُهي غواص آهين، جي ٻه ٽي موتي چونڊي سگهيون آهن.

*

ميان، هيڏي بحر- زَخار مان، آنديون بہ اهي ڪَچَ ڪوڏيون آڻئي نہ؟

*

ساريءَ دنيا ۾ ڏاهو شاعر مس ٿيا آهن، شايد مون انگ وڌايو آهي!

*

اهي جيڪي نوبل پرائيز ڏين ٿا، انهن کي مشرقي شاعريءَ جي 'شِينَ' جي بہ خبر نہ آهي!

*

منهنجيءَ عظمت کي سمجهڻ لاءِ توکي سنڌي ٽيٽو پوندو. ٻيءَ ٻوليءَ ۾ تون مون کي ڇَهي بہ نہ سگهندين!

*

ڏيڏري نعل هٽائي تہ ڇا دريا خان جو گهوڙو ٿي سگهندي؟

*

احمق! تون هن تي تحقيق ڪري رهيو آهين يا هن جي تحقير ڪري رهيو آهين؟ هن ويچاري کي تہ اُهو جواب خيال ۾ بہ نہ هو جو تو هن سان منسوب ڪيو آهي.

*

فاني! فقط تون منهنجو استاد هئين. ٻئي ڪنهن بہ مون کي قلم گهڙڻ نہ سيکاريو آهي.

*

"جئن نديون گهر ڏانهن يعني سمنڊ ڏانهن موٽي رهيو آهن،

۽ پڻيان پنهنجو نانءُ ۽ روپ ڇڏي وڃن ٿيون، اِن ريت ماڻهو، جنهنکي نانوَ ۽ روپ مان ڇوٽڪارو ملي وڃي ٿو، ان آدي اَنادي پُرش ڏانهن پڻتي وڃي ٿو، جيڪو پَري کان پَري آهي، جيڪو سڀ کان اُتم برهمڻ کي ڄاڻي ٿو، پاڻ برهمڻ ٿي وڃي ٿو."

(منڊڪا اُپنشد)

ڇا ان برهمڻ جي پڻيان ٻيو ڪجهه آهي، جنهن لا منهنجي ڄاڻَ وڌيڪ سِکي يا سيڊائي؟ ڇا اِتي ساري ڳولا ڦولا پوري ٿئي ٿي؟ ڇا اڳتي ڪجهه ووڙڻو نه آهي؟ ڇا اِن ۾ دل پوري ٿئي ٿي، ترپتي ٿئي ٿي؟ سمنڊ کان اڳ ۾ ڪيترائي گهاٽَ گهيڙهيا، ڪيتريون پياريون ناريون هُيون جن کي سينهون مٽي تي هيا ۽ گهڙا چيلهه تي هيا ۽ نديءَ جي ۾ تي ڪيڏا نه اوچا بڙ هُيا ۽ انهن جي مٿان ڪکر ڪارونيار هيا؟ اها وهڪري جي واٽ تہ سَبُ ڪجهه هئي، سمنڊ ۾ ڇا آهي؟ اٿاهہ، اَجهاڳ، اَڳهور ۽ جتي بہ چنڊ جو پاڇو پوي ٿو، لهرون اُن کي پورا ڪري ڇڏين ٿيون.

اي ڪاش، هي پنڌ ڪڏهن بہ نہ ڪٽي، ڪڏهن بہ نہ!

*

مون موت کي چيو تہ "ايتري مهلت ڏي تہ هِي رابيل جو گل سِنگهي وڃان!"

*

"اننت ۾ ٻيو ڪُجهہ بہ نہ آهي، نہ ڪالهہ آهي، نہ سياڻو آهي، رڳو هاڻي آهي." (ميسٽر ايڪهارٽ)

پر 'ڪلهہ' ۽ 'سياڻي' تہ سپنا آهن، 'هاڻي' ساڻيا آهي. ڇا اهڙي ساڻيا منهنجيءَ ڪويتا کي راس ايندي؟ مان ڄانيان ٿو تہ منهنجيءَ ڪويتا کي اننت جي لوڙ نہ آهي، جنهن ۾ تون ۽ مان ٻئي اَلوپ ٿي وڃون، ڳولهپون بہ تہ هڪٻئي کي پائي نہ سگهون!

*

اردو ٻوليءَ ۾ ڪلهہ ۽ سياڻي لاءِ هڪ ئي لفظ 'ڪل' آهي. اِهو ماڻهو کهڙو نہ سياڻو هوندو، جنهن اهو لفظ ڳولي ڪڍيو هوندو؟

*

اڙي موتَ! وري تاڪ جي وٽيءَ مان ڏسين ٿو تہ مان لکان ٿو ٻيو! ٿورو صبر نہ ٿو اچيئي؟

*

او سڪَ قِتا مَن! توکي ايتري قَٽ قَٽ ڇو آهي؟ ڪجهہ ساهي ڇو نہ ٿو پَتين؟ ڏِسُ هيءَ نينگري ڪيتري نہ صورت وَند آهي، جا خدا تو ڏانهن تنهنجي جنر دِن

تي پنهنجي سوڪڙي ڪري موڪلي آهي؟

*

پرستش کے یاں تک کہ اے بت تُجھے
نظر میں سبھوں کے خدا کر چلے
(میر)

ميرَ! جي تون هَن کي گهوري ڏسين ها تہ تون پرستش کانسوا بہ مقصد حاصل ڪري سگهين ها.

*

عمر خيام ساريون رباعيون ڏئي، تو جهڙو هڪ مصرعو تخليق نہ ٿو ڪري سگهي.

*

عطار! ڇا خُدا گل اَن لاءِ پيدا ڪيا آهن تہ تون انهن مان عطر ڪڍين؟ انهن کي ڇڏي ڏي تہ پل هَوا ۾ لڏن!

*

ڪيڏو مينهن وَسي رهيو آهي! ڇا هي توبهہ جي موسم آهي؟ ايا ٿورِي وِڌي ڏي!

*

ڇِتڪتائي، ڏَمر، اَجائي ٽڪراوَ سان هن وَقت تائين نہ ڪوئي سياسي مسئلو حل ٿيو آهي، نہ ايڏي اَلر سان ادب اَن کي حل ڪري سگهندو.

*

هُو هر جاءِ تي هوندي به، ڪنهن جاءِ تي نه آهي. تون هن کي 'حق موجود' ته چوين ٿو پر هو مجسّم موجودگيءَ نه آهي جو هُن سان منهن مقابل ٿي سگهين. هُن جو هِنئين ۽ گهَرَ ته آهي پر هو پُرجهه پروڙ کان پري آهي. هن جي ادراڪ جو امڪان نظر نه ٿو اچي. هن جي حقيقت زمان ۽ مڪان کان ماورا آهي. هن جي وجود کي تجربي روءِ ڏيکاري نه ٿو سگهين. هو هر دليل کان بعيد آهي. هُن جي حقيقت جي ڪائي حقيقت آهي ته اُها دنيا جي حقيقت کان بنهه مختلف آهي. ٿُون هُن کي سمجهڻ چاهين ٿو پر ڪيئن سمجهي سگهندين؟ ڇا خدا تي سوچي خدا جي سچاڻپ حاصل ٿِي سگهي ٿي؟ ڇا ڪائي ڇاڻ هن کي دريافت ڪري سگهي ٿي؟ خدا تائين عقل جي پهچ نه ٿي ٿي سگهي. مون ٻُڌو آهي عشق کي اُهي اکيون آهن، جن سان هن کي ڏسي سگهجي ٿو، پر مون فقط ٻڌو آهي.

*

چيني پيغمبر لائوزي چيو آهي: "دنيا ۾ ڪروڙين شيون آهن جي ڪنهن شيءِ مان پيد ٿيون آهن، جا خود 'ڪنهن به شي' مان پيدا نه ٿي آهي."

ڇا چيني پيغمبر سچ ناستڪ ها؟ لائوزي ناستڪ هو. ڪنفيوشس ناستڪ هو. ٻُڌ ناستڪ هو! اهي

ڪنهن بہ خدا جي وجود ۾ اعتبار نہ ڪندا ها ۽ مائو، جنهن جي ڪچ ۾ ڳاڙهو ڪتاب هو، پاڻ کي اُنهن کان بہ وڏو ناستڪ سمجهندو هو. اُنهيءَ جي شاهي بُت کي ڳچي ۾ زنجير وجهي چيني عوام بيجنگ جي چؤنڪ تان لاهي ڪنهن گدام ۾ بند ڪيو.

مائوءَ ڪنفيوشس جو مندر ڊهرايو هو. هن جو پنهنجو ڪوئي مندر نہ آهي، چيني پنهنجي زندگي خدا ڪانسواءِ گذاري سگهن ٿا، گهٽ ۾ گهٽ صدين کان گذاري اُڻائون. ڇا هو روح ۾ ڪائي خلا محسوس ڪن ٿا؟ جي هو خلا محسوس نہ ڪن ها تہ مشهور چيني ڏاهو لِن يوتانگ آخر ۾ (شايد آسي ورهين جي عمر ۾) پريسبٽرين نہ ٿي ها ۽ ائين نہ چوي ها تہ "خدا ڪانسواءِ مان پاڻ کي يتيم ٿو محسوس ڪيان."

*

مائوزي تنگ ۽ هو چي منه- واهيات شاعر تہ هيا پر ڇا هو وڏا انقلابي ها؟ انقلاب! ها.... ها..... تون تہ اخبارن ۾ پڙهيو هوندو، ڪيترا چيني- ويٽنامي جي، ويٽنام جي سرحد تان سمنڊ ۾ ڏڪيا ويا ها، سمنڊ ۾ ٻڏي مئا ها!

*

ڇا هي تون هئينءَ جا اکين اڳيان تڪي وئينءَ؟ منهنجي اکين ۾ ڳوڙها ڇو اڇي ويا؟ مان اِهي هارَ ۾ ڪنهن کي ته نه پايان ها!

*

تون مُنهنجي ۽ موت جي وچ ۾ اَڇي وئي آهين. مان توکي هٽائي ۾ ته نه ٿو سگهان!

*

تون مون ۾ رهندينءَ، مان جتي ۾ هوندس- هِن ڏرتيءَ تي يا ڏرتيءَ کان ٻاهر.

*

اڄ توکي ڏسي مون محسوس ڪيو آهي ته منصور جي هر انگ مان 'اناالحق' جو نعرو ڇو ٿي نڪتو!

*

اهڙيون ڪاريون اکيون ته ڪنهن هڙئيءَ کي ۾ نه آهن، نه اهڙا ڏڳها وار گهنگهور گهٽائن کي آهن!

*

ڇا خدا منهنجي حسن جي تصوَر کي مجسم ڪيو آهي؟ ڇا مان تو ۾ ساهه ڦوڪيان ها ته ٻي نموني ٻڌايان ها، تون جا قوس - قزح وانگر آهين ۽ جنهن کي بادل ڏسي حيران آهن ته اهڙا رنگ ته اسان اڳ ڪڏهن ۾ نه ڏٺا آهن!

*

اديبو! شاعرو! شعر ۽ ادب صديون جرڪندو رهي ٿو. سياست دان گهڙيءَ جا گهاڙو آهن. اوهان انهن جا جَڙوڪا نه ٿيو!

*

هي مارڪسزم جي باقيات جي سياسي محرڪي ۾ مبتلا آهن، انهن جي ويجهو نه وڃو! ائين نه ٿئي ته انهن جا جيوڙا اوهان کي لڳي وڃن!

*

مون اوهان کي بار بار چيو آهي ته اُهي به خدمت ڪن ٿا جي ترسن ٿا ۽ تاڙ رکن ٿا. وهلور نه وڃو، اُبتيون سُبتيون اوليون نه هٿو. تاريخ جي ڏارا سِڌي وڃي رهي آهي ۽ اوهان جي ناوَ پنهنجي منزل - مقصود تي پهچڻ واري آهي.

*

اوهان ۾ جي نفرتون مارڪسزم پيدا ڪيون آهن، پهرين اُنهن مان جان ڇڏايو. اڳيان نعرا اوهان لئه جُؤرون ٿي پيا آهن ۽ اوهان کي رت پوٽو ڪري ڇڏيو اٽائون. مان ڏسان ٿو ته سنڌ تي سڄ اُپرڻ وارو آهي، في الحال هيڏانهن هوڏانهن اَجايون هٿوراڙيون نه هٿو!

*

رهزن اوهانَ وٽ رهنما بڻجي آڇن ٿا، اوهان ۾ اُنهن جي اڳواڻيءَ جي اور اٽڪيل آهي. هو اوهانکي چون ٿا تہ پنهنجا هڏ ڀيڄي، باهہ ۾ ڦٽي ڪيو تہ ڀيڙ مچي! هُو پنهنجا هڏ، پنهنجي اولاد جا هڏ، ان آڳ کان پاسي رکڻ ڇاهن ٿا. رڳو اوهان تي مچ مچائي هٿ سيکڻ ڇاهن ٿا. تاريخ گيترو وقت سيڀاندي ۾ رهندي؟ اها توهان لاءِ مچ پاڻ ئي ٻاريندي.

*

هي جي رڻ جا راهِي آهن، اهي قافلو بہ ناهي نہ ٿا سگهن. پنهنجا پنهنجا سَنک هلائي، اوهانکي مختلف ڏَس ڏَسن ٿا. انهن کان پاسي رهو، اهي اوهان کي رِڻ ۾ رُلائي ماريندا.

*

هي ڀينڀَ، هي تِڏا، هي نَتوڻان، ڪُڪڑَ جا ٽُرا، هي جي ٽوپي ٽنڊ تي رکي هلن ٿا، هِي پُڇ کڑا، پوءِ ڏاوا، اِهي اوهان وٽ رڳو ڪُڪڑوڪون وڄي ڇڏيندا، انهن کان پاسي رهو. اهي رڳو اوهان کي ڏَوَ تي کوکلا نعرا ڏئي رهيا آهن تہ 'سنڌ ٻڏي رهي آهي.' انهن مان گهٽا درياه جو وهکرو سڃاڻن ٿا؟ هو ڏُنڊ ۾ اها ناوَ ڏِسي نہ ٿا سگهن، جا سنڌ کي پنهنجيءَ ڪنڊيءَ ڏانهن وٺي وڃي رهي آهي.

*

اڙي، تون ڪُوڙِي ڪَلنگي ڪَڍي وڃي رهيو آهين. مان ڄاڻان ٿو ته تنهنجو مٿو گنجو آهي، جنهن تي ڪِرڙي به پير کوڙي نه سگهندي آهي.

*

تون ٿو چوين شاهه سير سفر ڪيا ها، هائو ڪيَا ها پر هَن پوئين اڌعمر رڳو پِتَ تي گذاري هئي جا ڪائنات کان وڏِي هئي.

*

تون ان تي فخر نه ڪر ته تو پيالا نه پيتا آهن ۽ انڪري تنهنجي هاڻي پَوڻي نه پئي آهي. تو پنج سال وڌيڪ جيئين ته ڇا؟ تو اهڙيون پنج سِٽون به نه لکيون آهن، جي اَمر آهن. تو اِهي گهڙيون وڃايون آهن جي حافظ ۽ خيام جي حصي ۾ آيون هيون.

*

توکي اها خبر آهي ته تنهنجي اڳين پيرومرشد استالن ۽ ان جي پالٽبيورو جو ڏينهُن، رات کان پوءِ شروع ٿيندو هو ۽ هُو ساري ساري رات پيئندا ها ۽ حڪومتي اَمور تي فيصلا ڪندا ها؟

*

تنهنجو رباب به قاتل آهي، جيڪو ريڍن اڳيان هلائي رهيو آهين!

*

اي هيڊ ڪڙيءَ جا پساريا هاڻي ڪوئامار ۾ ڪئن ٿو لڳين؟

*

ڏکهيءَ عمر وارو، ڏکهي قد واري وانگر عقلمند گهٽ ٿيندو آهي.

*

تون لابي ته آهين، انقلابي نه آهين.

*

لينن جا پوئلڳ اِئين ختم ٿي ويا، جيئن حسن بن صباح جا پوئلڳ ختم ٿي ويا ها. اها بي ڳالهه آهي ته اڄ به ڪجهه ماڻهو حسن بن صباح کان متاثر آهن.

*

پاڳل خانو ته ڏهي پيو. پاڳل سوچي رهيا آهن ته هاڻي مٿو ڪٽي ڇُپايون؟

*

ايا اُٽويهين صديءَ ۾ ٿو رهين! اِڪويهين صدي مٿان اچي وئي آهي.

*

انتخاب ٿو چاهين يا انقلاب ٿو چاهين؟ جي انقلاب ٿو چاهين ته ڇو ٿو چاهين ۽ ڪهڙو ٿو چاهين؟

*

انقلابي! توکي گٽر ۾ چنڊ پسند آهي، تون ان کي سنڈوءَ جي چولين ۾ ڏسڻ نه ٿو چاهين!

*

ڪي ماڻهو پنهنجي خَول مان نڪري نه ٿا سگهن. تو گهريٽڙي ڏٺي آهي نه؟ اها منڌيءَ جو گهر ٿاهي، اَنَ ۽ پاڻ ڪي پوري ڇڏيندي آهي. ڪي ماڻهو ائين ٿين ٿا.

*

توکي ته انقلاب جي خوني رنگ واري عينڪ پئي آهي. تون حقيقت کي اکين ۾ ڇا گهوري سگهندين؟

*

حقيقت تيزُ گهوڙي تي ڊوڙي رهي آهي ۽ تون واريءَ تي مَنڊي وانگر آهين. تون اُن کي ڪيئن پُڄي سگهندين؟

*

ڇا تون اُهوئي نه چئي رهيو آهين جو پنجاهه سال اڳ چوندو هئين؟ پر تون ڳالهائين نه ته ٿُنهنجو هاڻُ ڦاٽي پوي!

*

ٿوري ٽِيڪر ٽي اچيئي ته نوڙيءَ تي ٿو گهُمين! اهو نه ٿو ڏسين ته نوڙي ڇڇي پئي آهي ۽ هيڻان ٻرندڙ ٽاندا آهن؟

*

انقلابي تون هيروئنيءَ کان ڇا ۾ گهٽ آهين؟ توکي هيروئن ڇڪي رهي آهي توڙي توکي معلوم آهي ته اِنهيءَ انقلاب جو لازمي نتيجو موت آهي.

*

ڇا ڪوئي ٻڌائيءَ جو ٿر ڪٽي ٿو وڃي؟ نہ وري ڪوئي ٻالوا مان مارئي اغوا ڪَري ٿو سگھي. هوءَ اڃا تہ گھڙو ڀري رهي آهي، جو ٿمڙار ٿي ڇلڪڻ وارو آهي.

*

ياسر عرفات مان آتساهہ ونڻ وارا! ڇا تو ڪڏهن يروشلم جي تاريخ پڙهي آهي؟

*

اڄ هڪ دفنائي آيئُ، سياڻي ٻيو دفنائي ايندؤ، پرينهن ٽيون. هن ڌرتيءَ جو ڀ ڀرجڻو نہ آهي.

*

ڇا مجاز حقيقت جي پل آهي. مجاز تہ اُهو درياهہ آهي، جنهن ڪيئي پُليون لوڙهي ڇڏيون آهن.

*

مجاز هر حقيقت کان وڌيڪ خوبصورت آهي.

*

ڪاش! مجاز کي پايندگي ملي سگھي! ڪاش گلاب ٽِڙي وَرِي نہ مرجهائجي!

*

فنا کي جا سونهن آهي سا بقا کي ڪٿي! اُها تہ اَلوٽي، اَڻ سجلائتي آهي، ان ۾ اَجائي اَڪارتي ڏيکهہ آهي، خالي پيلي پٽاڙ آهي.

*

رات مون لاءِ پَلِيءَ کان پَلي مَس ڪُپڙي آهي. مان ءِ چند ساڻي اوجهي وٽ وديارٿي آهيون.

*

مورک، مَت هيڻ! تون مون کي ايترو موڙهَل سمجهيو آهي! تون سمجهين ٿو تہ تنهنجي ڇَل ڪپٽ کي، تنهنجيءَ من ورتيءَ کي ڏسي نہ ٿو سگهان. تو ۾ ڳجهہ جي هيچ ءِ هاتار جي نُوس نُوس آهي.

*

تنهنجي جِبَ ۾ ايترو ميڙاج آهي، جو اُن تي ماکوڙا ڇڪجي اچن ٿا، باقي اندر ۾ توکي ٻَرٻَر ڪيڻان آهن. ڇا تو ڪڏهن محسوس ڪيو آهي تہ تون جيئرو لاش آهين!

*

اي خوبصورت وَلِ! تون انهيءَ وڻ تي چڙهي رهي آهين، جو سائو نہ رهيو آهي.

*

ايتري خوبصورت! ڪُن فيڪون وقت تون ايتري خوبصورت تہ نہ هئين!

*

اي ازلي حقيقت! جي تون هن عورت جيتري خوبصورت آهين تہ تون مون کان جُدا ڇو ٿي هئينءَ؟

*

ڇا چنڊ ڪوئي گل آهي؟ اُن ۾ تنهنجي سڳنڌ آهي.

*

خوبصورت گل چيو، "تون مون کي تاريءَ تان پٽين نہ ٿو؟ مان تنهنجين آڱرين لاءِ آتو آهيان." مون گل کي چيو: "منهنجون اکڙيون ۽ تو لاءِ آتيون آهن، پر مان توکي چنڻ نہ ٿو چاهيان، تون تاريءَ تي خوبصورت ٿو لڳين."

*

ڪيئن چئجي ڪيترين صدين تُنهنجون اکيون مون ڏانهن ڏسي رهيو هُيون! مون رڳو توکي هڪ پيرو ڏنو ۽ ڪنڌ جُهڪائي ڳالهائيندو رهيس.

*

مون يسوع کي چيو: "توکي مصلوب ٿئي ته ۽ هزار سال ٿيا، هي تو واري صليب اڃا پڳي نہ آهي؟"

*

قرأةالعين طاهره! جڏهن جلاد توکي گهٽو ٿي ڏنو، تڏهن ۽ خدا يحب الجمال هيو؟

*

ڇا تون ڄاڻڻ چاهين ٿو ته خدا ڇو آهي ۽ ڇا آهي؟ هڏو خوبصورت مُکڙو هٿن ۾ جهلي اهو سوال ڪيئن ٿو پڇين؟

*

مون تہ ڪمري ڪي اندران بند ڪري ڇڏيو آهي، تون بار بار ڪيئن ٿي هلي اچين؟ ڇا تون منهنجي شاعري آهين؟ منهنجي 'مون' جو حصو آهين؟

*

مون کي توسان ڳالهيندي ڪڏهن ائين محسوس ٿيو آهي تہ مان ڪونہ آهيان، رڳو تون آهين. تون جا مون مان ڳالهائي رهي آهين، جيئن سانوڻ جي رُت ڪويل مان ڳالهائيندي آهي ۽ گهٽائن ۾ سمائجي ويندي آهي.

*

توکي خبر آهي تہ ليئن اَن ڏينهن مري ڇڪو هو، جڏهن هن اشارو ڏنو هو تہ زار ۽ هَن جي پوري خاندان کي ماريو وڃي ۽ هَن جو انقلاب بہ هَن سان گڏ مري ڇڪو هو؟

*

اجايا ڪنبِ نہ ڪوهہ! بہ ڏار ڪپجي ويا تہ ڇا سارو آسمان تہ پيو آهي!

*

تو لاءِ ڪا تشبيهہ ئي سُجهي نہ ٿي اچي. تون هر تشبيهہ کان مٿي آهين! شايد مون توکي "مِير" وانگر * خدا بڻائي ڇڏيو آهي.

*

---

* "پر ستش کي ياں، تک کہ اے بُت تجھے
نظر ميں سبھوں کے خدا کر چلے."
(مير تقي مير)

جي عوام عوام گهٽو ڪندا آهن، اهي خواص الخواص مان هوندا آهن.

*

نومبر 1990ع ۾ موهن ڪلپنا، الهاس نگر ۾ مون تي تقرير ڪئي، پوءِ جڏهن موڪلايائين تہ چيائين: "اياز الوداع! وَري نہ ملنداسين" هُن جي مُنهن تي مُرڪ ڪانہ هئي. مون کي خبر هئي تہ هو ڪڏهن واهي تباهي ڳالهائيندو آهي. اُن ڪان ڪجهہ ڏينهن پوءِ گني سامتاڻيءَ پنهنجي گهر تي منهنجي دعوت ڪئي ۽ موهن سميت ڏهاڪو ٻيا دوست گهرايائين. سيئي ڪائيندا پيئندا، ٽهڪ ڏيندا رهياسين. موهن ٻہ ڪل خوشيءَ ۾ شريڪ هو، پر جڏهن موڪلايائين تہ گنبير مُنهن سان وري ساڳيا لفظ چيائين: "چگو اياز! وري نہ ملنداسين- الوداع!"

مون کي پوئين پيري لفظ ڪٽڪيا ۽ مون ائين سمجهو تہ هو منهنجي باري ۾ اِئين چئي رهيو آهي. مون هُن کي هٿ کان جهلي چيو: "موهن تون مون کي ٻہ چار سال ٻيا نہ ڏيندين؟ تون مون سان ٻہ چار ٻيرا ٻيهر ملڻ نٿو چاهين؟" هُن رُکي مُنهن سان هٿ ڇڏايو ۽ ڪوئي جواب نہ ڏنو.

اها ڳالهه مون کي ڏاڍو ياد آئي، جڏهن ٻه ٽي مهينا پوءِ مون کي هارٽ اٽيڪ ٿي. جون 1922ع ۾ ريڊيو تي خبر پئي ته: "موهن گذاري ويو."

ڇا هُن اهي لفظ پنهنجي لاءِ ٿي چيا؟ مان ڄانيان ٿو ته انسان کي پنهنجي موت جو ڏهو پوندو آهي. موت هُن کي ڏيکاري ڏئي ڪجهه وقت لاءِ ڇڏي ويندو آهي.

*

ميري ماجدلين يسوع جي پيرن وٽ ويٺي هئي ۽ هُن جا ڏڳها وار ڏرتيءَ تي ڪري رهيا ها. اوچتو صليب تان رَت ڦڙا هن جي ڳلن تي ڇڪيا ۽ هن جي ڳوڙهن سان گڏ ڪري، مٽيءَ ۾ سمائجي ويا. مان جو اڄ ٻه ٻنهي کي ڏسي رهيو آهيان، سوچي رهيو آهيان ته ڇا رت ڦڙا ڳوڙهن کان وڌيڪ مقدس ها؟

*

ڇا غالب ۾ سرئيلزم وانگر خالص شاعري نه هئي؟ ڇا هي شعر:

* فنا آموز- درس- بي خودي هوں اس زماني سے
کہ مجنوں لام الف لکھتا تھا دیوار- دبستاں پر.

جيڪڏهن اهو شعر هسپانوي سورئيلسٽ مصوّر سئلويڊوردالي‌ءَ کي سمجهايو ويو ها ته هو حيران ٿي ويو ها؟

*

* انهيءَ زماني ۾ مون بي خوديءَ جو سبق پڙهيو آهي، جڏهن مجنون مڪتب جي ديوار تي لام، الف (لا) لکندو هو.

ايتري عقيدت! مان ننهن کان ڇوڪيءَ تائين گناهن ۾ غرق آهيان، تون ڪيتريءَ معصوميت سان مون کي ٻاهر ڇڪي رهي آهين!

*

مان توکي اکين ۾ ڏسي نه ٿو سگهان! انهن ۾ ته ڪيئي صديون آهن جي مون کي سمنڊ جي واريءَ وانگر لوڙهي وڃن ٿيون.

*

* بودليئر! گناهه واقعي گل جيترو خوبصورت هوندو آهي، پر اُن ۾ خوشبو نه ٿيندي آهي.

*

** غالب! تون واقعي 'گلشن- نا آفريده' جي عندليب آهين، پر اهو گلشن ايا تائين ته پيدا نه ٿيو آهي؟

*

مان توتي اڳيئي موت جي فتويٰ ڏئي ڇڏي آهي، باقي خدا کي تنهنجيءَ ڪچيءَ ۾ ڦاهيءَ جي رسي وجهڻي آهي. اِنهيءَ ۾ ڪجهه دير پوي ته هُن جي مرضي پر فتويٰ اَٽل آهي.

*

---

* نوٽ: بودليئر جي ڪتاب جو نالو 'گناهه جا گل' آهي.

** عندليب- گلشن نا آفريده هون.
(غالب)

ائفروڊائٽي! تون اُن وقت منهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڇونہ آئينءَ، جڏهن مان آپالو هوسَ؟

*

* ڇا تون ۽ مان اڳي بئيٽرس ۽ ڊانٽي تہ نہ هياسين؟ تون منهنجي زندگيءَ جي جهنم ۾ ڇو آئي آهين؟

*

"شاخ- نباتِ!" حافظ چيو: "تون منهنجي هر غزل کان وڌيڪ پياري آهين. تنهنجا چَپ ڪنهن بہ غزل جي مطلع کان وڌيڪ شيرين خوبصورت ۽ مُترنم آهن."

*

مون نند مان اک پَٽي، ڪڙڪيءَ مان جهولجهڪڙي جون ريکون ڏٺيون ۽ خدا جو ٿورو مڃيو تہ مون کي هڪ ڏينهن ٻيو بہ ڏنو آڻائين. انهيءَ جو امڪان بہ هو تہ مان اک ئي نہ پٽيان ها ۽ ابدي نند ۾ هليو وڃان ها، جنهن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن وقت وڃڻو آهيان.

مون خدا جو ٿورو مڃيو تہ هن مون کي هڪ ٻيرو پرهہ جا پکي ٻيهر ڏيکاريا آهن جي آسمان ۾ اڏري رهيا آهن يا ايا وڻن ۾ چون چون ڪري رهيا آهن يا

---

* بئيٽرس: اطالوي شاعر ڊانٽي جي محبوبا جنهن جو ذڪر هُن جي ڪتاب "جهنم" ۾ آهي.

منهنجيءَ بالڪنيءَ جي ٻاهران رکيل ٽکر جي پاڻ مان پاڻي پي رهيا آهن ۽ چوڳو چڱي رهيا آهن (منهنجيءَ زندگيءَ ۾ سڀ ڪان چڱو ڪم اهو آهي ته رات جو مان انهيءَ پاڻ ۾ پاڻي ۽ چوڳو وجهي سمهندو آهيان. انهيءَ آس سان ته پرهه جو اٿي اُن تي پکيئڙن جو ميڙاکوڙ سندس)

مون خدا جو ٿورو ڪيو ته هُن وَرِي مون کي صبح ۽ شام جي شفق مان سورج مُکيءَ ڇنڊ جو وجهه ڏنو آهي.

مون خدا جو ٿورو ڪيو ته سانوڻ جي مند آهي، ممڪن آهي ته ڪاريون گهٽائون اُپري اچن ۽ مان اُنهن جي موسلا ڌار مينهن ۾ وري وهنجي سگهان. اوچتو منهنجيءَ دَريءَ مان ڪو پوپٽ اُڏري آيو. مون ان جو آڏرياءُ ڪري اُن کان پڇيو ته ڇا هُن جو پيغام آندو آٿي، جنهنجا رنگ تو وانگر خوبصورت آهن ۽ جنهن کي پرن کان پڪڙي، خدا منهنجي هٿ ۾ ڏنو آهي ۽ ان جي پرن جي سلامتيءَ لاءِ منهنجا هٿ ذميدار آهن.

مون خدا جو ٿورو ڪيو ته مون کي هر سنساري ٻندڻ کان آجو ڪري، هڪ ٻي ڪرتڪار ڏني آٿائين ته ڪويتا لکان ۽ائين لکان جو اُن مان منهنجيءَ

جوانيءِ يا پيريءَ جو پتو نہ پوي. پر مون ايڏا تائين هن جو هڪ ٿورو بہ نہ لاٿو آهي. مون ايڏا تائين اهڙي ڪويتا نہ لکي آهي، جنهن ۾ هن جي اهڙي عبادت هجي، جا روز سڄ، تاراءِ ڪتيون ڪن ٿا. مون ايڏا تائين اهڙي ڪويتا نہ لکي آهي، جا پکين جي گيتن ۾ آهي، جي عبادت ڪانسواءِ ڪجهہ نہ آهن.

اهي خدا! تون مون کي ايڏا ڪجهہ ڏينهن ڏي تہ مان تنهنجو ٿورو لاهيان، مان گيت ائين ڳايان، جو اُنهن جي اڳيان هر عبادت جِهڪي لڳي.

اي خدا! مان تنهنجو پوءِ بہ هڪ ٿورو بہ لاهي نہ سگهندس. تون تہ اڪٽ ٻندار آهين، منهنجيءَ جهول ۾ ڪٽا آهن گهٽا؟ مان توکي ڇا آڇي سگهندس، مان توکي ڇا آڇي سگهندس!

*

* مِيرَ! توکان تہ غزالَ وحشت ڪندا ها! مون کي تہ خوبصورت اکين واريون هرٽيون ايڏا تائين ڳولي ٿيون لهن.

*

* دور بهت بهاگے هو هر سے سیکھے طور غزالوں کا،
وحشت کرنا شیوہ ہے اِن اچھی آنکھیں والوں کا
(میر)

هي دور- جديد، جنهن مان الحاد جا الا اُپري رهيا آهن! مان خدا جي باري ۾ لکي ڇڏ گناهه ڪري رهيو آهيان!

*

ميان! مان باغي آهيان، انقلابي نه آهيان. انقلابي ته سڀ ڪوڙا نڪتا.

*

لينن کان زردشت چگو هو. هن جي آگ باهر ته برندي هئي، لينن جي آگ ته ماڻهوءَ جي من کي وکوڙي وئي هئي.

*

دنيا کيڏي ڦري وئي آهي؟
رڳو تون لاڏوءَ وانگر ٽِڪ ٻَڌي بيٺو آهين؟

*

نٽشي! ڇا تون زردشت کي سمجهيو به هو يا هُن جي پيغام کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو هو، جيئن اڳتي هلي اُهو ڪيئي نازي پيدا ڪري؟

*

تون چند جو گٽر ۾ پاڇو هُئينءَ؟ توکي ڏسي مون پڇتايو آهي؟

*

۱۹۲۶ع ۾ جيئمل پرسرام، گوئٽي جي 'فائوسٽ' جو ترجمو ڪيو هو. اُن جي مهاڳ ۾ لکيو اٽائين: "شيڪسپيئر جي اثر هيٺ انيڪ جرمن عالم ۽ شاعر آيا. گوئٽي کي به هن جو شش سمجهڻ گهرجي. مون هي ترجمو ڪندي ڏٺو آهي ته خاص ڪري هن تي فائوسٽ ناٽڪ ۾ ته شيڪسپيئر جو وڏو اثر آهي. فائوسٽ جي ٻي ياڳي ۾ ته شيڪسپيئر جي مشهور ناٽڪ 'طوفان' مان اپريل ديو کي آڻي درج ڪيو اٿس. شيڪسپيئر جي هئمليٽ جي من جي جڏ جا بيان، ڪنهن قدر فائوسٽ منجهه چٽا ٿا نظر اچن.....

پوءِ به گوئٽي جرمنيءَ جو عظيم ترين شاعر ۽ اديب هو ۽ فائوسٽ دنيا جي عظيم ترين ڪتابن مان هڪ آهي."

پَڙهيل جَتَ! متان چوين ته اهو تڏهن شايع ٿيو هو، جڏهن تون ڄايو به نه هئين. ان جي ٻي ايڊيشن ڪراچيءَ جي گوئٽي انسٽيٽيوٽ ۱۹۸۲ع ۾ ڇپائي آهي ۽ توکي شايد معلوم نه هجي ته گوئٽي انسٽيٽيوٽ جرمنيءَ جي پاران پاڪستان ۾ قائم ٿيل ادارو آهي جتان اهو سنڌي ترجمو توکي ملي سگهي ٿو.

*

سياست منهنجو ڪيترو وقت وڃايو آهي؟ مسين مسين ان ڪُتا- مڪ مان جان ڇڏي آهي. شل نہ ڪو انسان ان جي وَر چڙهي وڃي!

*

اي وديا پتي! تو اهڙي ماڪيءَ جي مڪ ڏٺي هئي جا ڳل ڪي بہ گل سمجهي اَن ڏانهن اڏري وئي هجي؟

*

تاريخ جي نديءَ ۾ ترندي مون سان ڪيترائي تيراڪ (تارون) مليا آهن، جي ٻُڏي ڏٺي ٻي پار وڃي نڪتا آهن؟

*

ڇا هي منهنجي وات ۾ مانيءَ گرهہ پويون گرهہ تہ نہ آهي!

*

اي آگ جي دريا جي مصنّف! تنهنجي ڪتاب جو نالو بي معنيٰ ٿي ڇڪو آهي. ڏس ايران جي نار ۾ پيٽرول جا هزارين ٽَن وهي رهيا آهن!

*

"مير درد!" مون پڇيو: "هي سڀ ڪيڏانهن ويا؟ ڇا اسان کي بہ ساڳي راهہ تي هلڻو آهي يا تنهنجي مُنهنجي راهہ الڳ آهي."*

*

* درد کچھہ معلوم ہے یہ لوگ سب
کس طرف سے آئے تھے کیدھر چلے.
(میر درد)

"بَلي شاهه! دنيا ڏونڊ جا طالب، واقعي ڪُتا آهن!"

"اڇ تہ تون مان پنهنجي الڳ دنيا وسايون"

*

"ماڏول لال حُسين! تنهنجي نالي تان سِرُ صدقي. شال تون جڳان جُڳ جيئين!"

*

"ميان مِير! اُتي دارا ڪي ڪُولي لهُون! هو ڪيڏانهن گهر ٽي ويو آهي؟"

*

تنهنجو شڪر آهي منهنجا ربّ! اڄ مون کي اڌ ماني ۽ پورو ڪتاب نصيب ٿيو آهي.

*

ٻڌَ! تو مون کي ڪهڙو دڳ ڏنو هو؟ مان اُن وقت انهنجي پٺتان بيئل هوس، جنهن وقت ڪنهنکي بيمار ڏسي، تو ۾ ڪَهل اُپري هئي، ٻڌاپو ڏسي توکي ٻاجهه آئي هئي ۽ ماڻهوءَ جو مرتيو ڏسي، تنهنجو جيون مان موهه ڪڍي ويو هو. ائين ڇو ٿيو تہ انهن ساڳين ڳالهين منهنجو جيون ۾ موهه وڌايو؟

*

يا خدا! مون کي نانگ کان ڏنگاءِ،
ڪنهن همعصر سان نہ مِلاءِ.

*

اي ذوق! تو چيو آهي:

اے ذوق کسي همدم- ديرينہ کا ملنا،

بهتر هے ملاقات- مسيحا و خضر سے

پر جيڪڏهن ڪنهن جا مسيحا ۽ خضر ئي فقط

* همدم- ديرينہ هجن تہ پوءِ؟

*

ماڻهو يا برا آهن يا چڱا آهن، وچَ ٽرو ڪوبہ نہ آهي ۽ جي ڪوئي وِچٿرو آهي تہ اِن جهڙو برو ڪوئي نہ آهي.

*

"اڙي! هي تہ مون سان پڙهيو آهي. هي ايترو متي ڪيئن پهتو آهي."

"احمق! ڪي هنومان وانگر ٻاهران باندرسئنا جو حصو لڳندا آهن، پر هڪ ئي ڇلانگ سان نانگا پربت تِريءَ تي ڪٽي ويندا آهن."

*

"ٻٽائي! موت کان اڳ تو ساز هلائي ڇڏيا ها، مون ڪمرو بند ڪري ڪلاسيڪي راڳ جا ڪئسيٽ هلائي ڇڏيا آهن. ڇا اسان جو انت ساڳيو آهي؟"

*

* همدم - ديرينہ: پراڻا يار.

"توکي نندڑو ٻار ڏيان يا رابيل جو گل ڏيان؟"

"جيڪي ٻہ ڏين، مون لاءِ ٻئي هڪجهڙا آهن."

*

سَهيوگيءِ ايترو مِٺو! ضرور تو اندر ۾ ڪو زهر سانديو آهي!

*

ٻاهران رِدَ جي ڪَل پاتي آئي! بگهڙ، تون رِدَ جون اکيون ڪٽان آڻيندين؟

*

جي تو ماڻهو اکين مان نہ سڃاتو، تہ هن کي ڪڏهن ٻہ سڃاڻي نہ سگهندين.

*

اِئين تہ نہ آهي تہ يسوع جي رات جي پوئينءَ مانيءَ ۾ مان ٻہ شريڪ هوس؟

*

ڊڇ انهيءَ وقت کان جڏهن تون ٻہ جاندهہ ۾ پيسبين!

*

ترسُ، تُنهنجو ٻہ وارو آچي ٿو! وارو ڏارو آهي، سَئو ڀيرا منهنجي نالي پوءِ، هڪ ڀيرو تہ تنهنجي نالي ٻہ پوندو!

*

تون، تقدير کي نہ ٿو مڃين، تقدير جا تنهنجي پٽيان ترار اُپي ڪري بيٺي آهي!

*

تو سمجهيو آهي تہ تو خدا جي رَسيءَ کي مضبوطيءَ سان جَهليو آهي! تنهنجو هٿ تہ ڦاسيءَ جي ڦندي ۾ آهي جو تنهنجي ڳچيءَ ۾ پيو آهي.

*

تون تقدير کان بچي ويندين، تون ايڏو ڏاهو آهين!

*

غرض جا غلامَ! تون پنهنجيءَ غرض کان سواءِ مون سان هم ڪَلام ٿيندين، اهو تصَور بہ اچي نہ ٿو سگهي!

*

کوٽي سکي وانگر ڪڙڪي رهيو آهين، مون کي تنهنجيءَ ڪِل تي ويساهہ نہ ٿو ويهي!

*

اندر جا کارا انسان! تُنهنجا اڃا وار مون کي ٽُڪي نہ تا سگهن!

*

مون ڪُتي کي ڳيو وڏو تہ اُهو بہ پُڇ لتڪائي پيرن ۾ ويهي رهيو، پر تون تہ ڇِتو ڪُتو آهين!

*

ڇا انڊي ڪوهه ۾ به شفق جو پاڇو پوندو آهي؟ توکي ٻي هنڌ سج لهندو نظر نه ٿو اچي؟

*

'تِر جي ڳٽي سَئو چوٽون کائي'، ڪيڏين صدين جي تجربي اِن پهاڪي کي ٺاهيو آهي! پهاڪو ساهتيه ۾ سوچ ۽ سچ جو سنگم آهي.

*

نانگ وارو ويڑ ته فقط انسانَ رکندا آهن، نانگ ته نالي ۾ خوار آهي.

*

متان منهنجا ڪتاب سنڌالاجيءَ جي قبرستان ۾ پورين!

*

منهنجيءَ دل ۾ ايترو پيار آهي جو اُن ۾ ساڙ جي لاءِ ڪائي جاءِ نه آهي.

*

مون کي تو لاءِ نفرت ڪٽي آهي؟ رڳو جيئرن جي فهرست مان ٽُنهنجو نالو ڪٽي ڇڏيو اٿم.

*

ڇا رڳو گهمڻ ڦرڻ زندهه رهڻ جو نالو آهي؟ تون ڏاڍو پَليل آهين! تون ته ڪيترو وقت اڳي مَري چُڪو آهين.

*

مان تُنهنجي ياريءَ ۾ ٻيهر اچان! تو پنهنجو ڇار ڏئو آهي؟ هنڌان هنڌان ڦاڻو پيو آهي.

*

مون تو ڏي ڏسي سوچيو: "خدا مون ڏانهن اَڏ-ڏَڙيل رابيل جو تخفو موڪليو آهي".

*

مان تنهنجي هڪ مُرڪ جو ٿورو لاهي نه ٿو سگهان، تون جا ڪائنات جهڙي خوبصورت آهين.

*

ائين ته نه ڏس! مون کي جُگ جڳا نٽر کان پري ته نه اُڇل!

*

هُن نگاهه جي رسي ڪيڏي نه دُکهي آهي! ڇڻ صديون مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيون آهن!

*

جيئن سمندر جو شور ڪوڏ ۾ ٻُرندو آهي، ائين تو منهنجي هانوَ ۾ هُري رهي آهين.

*

تو سَرءُ ۾ پوپٽ نراس ٿيندي ڏٺا آهن؟ جي نه، ته تنهنجو ءِ انهن جو خُدا ساڻيو نه آهي.

*

* تون تہ روبس پيئريءَ سان گڏ دفنايو ويو هُئين! تون ڪٿان آئين؟

*

سنڌي ادب اسرافيل جي صُور تي اُتي تہ اُتي، في الحال تہ اُن جي نبض بيهجي وئي آهي.

*

'واهہ جو تون آن!' جيڪڏهن آءٌ ائين چوان تہ تون انڪي وحدانيت جو اظهار سمجهندين ءَ!

*

چنڊ ڪي ڏسي مون ڪي تنهنجي ياد ڇو ٿي اچي ءِ توڪي ڏسي چنڊ ياد ڇو ٿو اچي؟ ڇا تون استعارو آهين يا چنڊ استعارو آهي؟

*

تو منهنجي مخالفت ڪئي، خُدا منهنجي مدافعت ڪئي، هاڻي نتيجو ڏس!

*

تون مُنهنجي نندا ڪري، اُن ڪُنَ ڏانهن ڌڪجي رهيو آهين، جنهن ۾ ڪيئي ٻڏي ويا.

*

تون جنهن ڏرتيءَ کي مون سان ٽڪرائي رهيو آهين. ڏسجانءِ متان اُها ڇيهون ڇيهون نہ ٿي وڃي!

*

* روبس پئيري- فرانس جي انقلاب جو هڪ سربراهہ، جنهن جو گلوٽين هيٺان ڪنڊ ڪپيو ويو هو.

ڪنهن ڪنهن انسان جي ارادي ۽ مشيت- ايزدي۽ ۾ ڪوئي فرق نہ هوندو آهي.

*

موتُ مون تي فتح پائيندو يا مان موت تي فتح پائيندس. اهو تہ ايڏو ڏسٽو آهي.

*

جي تون واقعي ازلي ۽ اَبدي آهين، تہ هي وچ تي ڇا آهي؟

*

مهدي جونپوري! ڇا شاهہ بلاوَل ڪڏهن اِهو چاهيو هو تہ هن جي جاءِ تي توکي گهاٽي ۾ پيڙايو وڃي؟

*

مهدي جونپوري! شاهہ بلاول تہ هڪ ڀيرو گهاٽي ۾ پيڙايو ويو هو، تون ايڏا تائين پيڙجي رهيو آهين!

*

شاهہ عنايت! تُنهنجو وجود واقعي ڇڳو هو ڇو تہ اَن ۾ ڌرتيِ تي خدا ۽ ماڻهوءَ، ٻنهي جو هڪ جيترو حقِ ملڪيت هو!

*

سرمد! مون سارو ڏٽو ڳوليو. مونکي تنهنجو محبوب ڪٽي نظر نہ آيو! ها، تنهنجو روح گهٽين ۾ گهمندي ڏٺو، جو هن جي تلاش ۾ سرگردان ٿي لڳو.

*

سرمد! جڏهن تو جَلاد جي تلوار هيٺان خواب - عدم لاءِ اک ٻوٽي تہ تو اُنهيءَ خواب ۾ ڇا ڏٺو؟

*

ڪنهن سبزيءَ واري کان پڇيو "ڇا هي شيخ اياز آهي؟" سبزيءَ واري ڪَنڌ ڏوٽي چيو: "هائو تو هن جا فوٽا رسالن ۾ ڏٺا نہ آهن ڇا؟" پوءِ هن مون ڏانهن ڏٺو. مان ڏاڍو مُنجهي پيس. نيٺ هن کي چيم "مان؟ مان نہ ڄاڻان تہ ڪير آهيان. بس اهو معلوم آهي تہ توکان سبزي وٺڻ آيو آهيان. شيخ اياز، جنهن جو تو فوٽو ڏٺو آهي، منهنجي ڪمري ۾ شعر لکي رهيو آهي."

*

هيءَ ڪُنڌَ جتي مان لکي رهيو آهيان، ساريءَ ڪائنات کان وڏي آهي. تو منهنجا نظم ڏٺا آهن، جن

جو مان پروردگار آهيان ۽ جن ۾ مون اڻين ساهه ڦوڪيو آهي، جيئن شينهن نئين ڇاول ۾ ڦوڪيندو آهي.

*

ڪوهڪن! مان توکان وارو ٿو وڃان، ڇڏ ته هاڻي اِها کير جي ندي مان ٽاڪيان؟

*

منهنجو هر نظم چاه- نخشب آهي، جنهن مان روز چنڊ اُپري رهيو آهي. منهنجيءَ شاعريءَ کان وڌي ڪرامت ڪهڙي ڏسڻ ٿو چاهين؟

*

خدا مون کي چيو ته پنهنجو اعمال نامو پاڻ لک! ڪِراماً ڪاتبين لکي لکي ٽڪجي پيا آهن.

*

تون چاهين ته منهنجي شاعريءَ مان پورو مذهب جوڙي ٿو سگهين!

*

گهٽا سان گهوڙي تي ٻيلهه وڃي رهيو آهين، ڪهڙي چنڊ جي تلاش ۾؟

*

هو ننڍو ڪڪر، وڏي ڪڪر سان ٻهاڙ وانگر وڄي رهيو آهي!

*

سانوڻ جون بوندون توڪي ڳولي رهيون آهن. تون مِٽيءَ جي ايترن تهن هيٺان آهين جو پهچي نه ٽيون سگهن!

*

محبت اُهو گل آهي، جو ڇٽي ٻيهر نه ڦُٽندو آهي.

*

تنهنجي خوشبو قرني جي اڇي گل وانگر آهي. ڪيتري نه تيز، ڪيتري نه مدهوش ڪندڙ!

*

اوهٕ! هوءَ گلابي خوشبو، جنهنجي هوا ۾ مسرت هوندي هُئي!

*

مان اوهان سڀني کي هڪ لفظ 'محبوبہ' جي آغوش ۾ سمائي سگهان ٿو، جيتوڻيڪ هر ڪنهن جو خدو خال جدا جدا آهي، هر ڪنهن جي خوشبو جُدا جُدا آهي.

*

مون هن کي ڪيئي سال پوءِ ڏسي سوچيو: "ڇا اسان اهي اِنسان آهيون جي ڪيئي سال اڳ سمنڊ جي ڪوهيڙي ۾ چُميون ڏئي رهيا هياسون؟ يا انهن کي سمنڊ لوڙهي ويو ۽ اسان ٻيا ٻہ انسان آهيون، جي هڪٻئي کي ڏسي ڪائي ڇِڪ محسوس نہ ٿا ڪيون!"

*

"ڇا توکي اڳين زندگيءَ جي گهاٽي ڪوهيڙي ۾ ڪجهہ نظر اچي ٿو، ڏِس تہ سهين؟!"

*

ڇا اهو صحيح آهي تہ موت ڪونہ آهي، رڳو زندگي آهي.

*

هن مون کي هڪ ڪتاب ڏئي چيو: "هي هر مرض جو نسخو اٿي." ان تي مون هن کي چيو، "پر جي سڀني مرضن کان وڏو مرض اهو ڪتاب هجي تہ پوءِ ڇا ڪيان؟"

*

مون تو ڏانهن غور سان ڏسي چيو: "هي گل پٽيا ويڻ تہ تولاءِ چگو آهي، ڇٽي ويندا تہ توکي ڇا ملندو؟" تو مُرڪندي وَراڻيو: "ها پر ڏسجانءِ، توکي ڪوئي ڪَنڊو نہ چُڀي وڃي" ۽ اڄ تائين مون کي اُنهن جو ڪنڊو چُڀي رهيو آهي جو خوشبوءَ ڪان وڌيڪ جتاَدار آهي.

*

هي لاش تہ آلاجي ڪنهنجو آهي! تون جنهن کي ڳولي رهيو آهين، اهو تہ تنهنجي پٺتان بيٺو آهي ۽ توتي مُرڪي رهيو آهي!

*

ليلائون ڪيئي، تو پهرين مجنونءَ وانگر ديوانو ٿيءُ تہ سَهين!

*

غالب! جي تون ولي هجين ها تہ ڪهڙا ڪارَها مَري پَوَن ها! تنهنجي باري ۾ باده خوريءَ ڪانسواءِ سوچي بہ نہ ٿا سگهون! تُنهنجي وِلايت تہ اِهائي آهي.

*

مومن! مُنهنجو بہ آخري وقت آهي پر عشق- بتان مان بيزار نہ ٿيو آهيان.

*

دَهريا! تو پنهنجي باري ۾ ڪڏهن هي سوال پڇيو آهي ته "هن زندگيءَ کان اڳتي مان ڇا ڪندس؟"

*

موت جو اکيون فرينچ انقلاب وانگر ڳاڙهيون نه آهن. ميرِي ائنٽونيٽ وانگر نِيريون آهن.

*

اي نيريءَ ڇتيءَ وارا! تُنهنجيءَ ڇتيءَ کي مان ٽاڪا ڏيان؟ اَن مان مِينهُن وَهي رهيو آهي.

*

هُن چيو، "نئون پيار ڪر ته توکي نئين جواني ملي" مون جواب ڏنو: "ههڙي پياري پيري گنوائي مان نئين جواني پائي ڇا ڪندس؟

*

آخر گهٽا گل پٽيندين؟ تُنهنجي جهولِي ته پَرجي وئي آهي، دل نه ٽِي پرجي!

*

هِن ڪائنات ۾ جي تُنهنجي مُرڪ اَمر نه آهي ته ڪا شيءَ اَمر نه آهي.

*

مونالِيزا توکي مُرڪندو ڏسي ها، ته ليوناروڊو ڊاونچيءَ تي ڪاوڙجي ها.

*

"اکيون بہ مَرکندیون آهن ڇا؟"
دراصل مُرک ٿيندي ئي اکين ۾ آهي"

*

تنهنجي مُرک جڏهن دسترخوان تي پئي تہ کاڏي جو سواد وڌي ويو.

*

قرأةالعين طاهره عبدوهاب باب کي اکين ۾ ڏسي نٿي سگهي. هن جي پيرن کي ڏنائين ۽ سوچيائين، "کاش! هن جي جُتي منهنجي کل مان سبي وجي ها!"

*

بي آب و گياهہ دشتِ سُوس ڏِسي، حلاج بن منصور چيو، "منهنجي اندر ۾ بہ هک دشت- سوس آهي، تون کڏهن ٿو بارش وانگر اچين."

*

ڇا ميان مير وانگر مان پنهنجون کرامتون بيان کَيان تہ مون کي کوئي دارا شکوهہ ملندو؟

*

مان تنهنجو ٿورائتو آهيان، منهنجا خدا! وَري پرهہ جا پکي چون چون کن ٿا.
هيءَ رات بہ ننڊ ۾ گذري وئي ۽ هک نئون صبح ڏيکاريئہ. اي ازلي حقيقت! تنهنجي مهرباني!

جي تون هن نند مان ڪي نہ اُتارين ها تہ توکي ڪير ميار ڏئي سگهي ها! اي خدا! اڄ تائين تہ ٿُنهنجا مون تي اَپار ٿورا آهن.

تون مون ڏي نوان نوان نظم موڪلين ٿو جيئن ڪينجهر تي پرڏيهي پکي ايندا آهن.

تون مون ۾ نوان تصوَر اُپارين ٿو جيئن رابيل جون مکڙيون ڦٽي پونديون آهن.

تون مون ڏي نيون نيون خوشبوئون تحفو ڪري موڪلين ٿو جي منهنجيءَ هر سٽ مان ڦهلجي ٿيون وڃن.

تو مونکي پوئر وانگر بٽائي، ايڏا تائين نئين نئين وَاس کان وانجهي نہ رکيو آهي.

تو مُنهنجي حرص و هوس کي نہ گهٽايو آهي ۽ انهن تي تنهنجيءَ دعا جو هٿ آهي.

ڪيتري نہ پياري آهي اها رُڃ، جنهن ۾ تو مون کي رُلايو آهي! هن عمر ۾ بہ مون کي ٿڪ جو احساس نہ آهي!

ايترا نيٺ تہ رات کي بہ نہ آهن جيتريون ڪجلائٽيون اکيون تو مون کي آڇيون آهن!

ساريءَ دنيا ۾ ايترا گلاب نہ هوندا جيترا چپ تون

مُنهنجين چَمين لاءِ اِياريا آهن. مان تنهنجا ٿورا ڪيئن لاهيان؟ مون وٽ گيت ئي ته آهن جي تنهنجي واکاڻ کي ارپيان ٿو.

*

اي ڪراچيءَ جي آمدرفت ۾ ڪِرچيون ڪِرچيون ٿي ويل رات، ڇا مون کي سنڊ جي آئيني جهڙي خاموشي وَري نه ملندي؟

*

تنهنجو فون تي آواز آيو يا آسمان تي انڊلٽ نڪتي.

*

ايترا لمبا وار ته گهٽائن کي به نه هوندا!

*

اي حُسن! مون توکي جُهرندو ڏٺو آهي. پر جيترو وقت تون ترو تازه آهين، اوترو وقت بُت پرستي اَياريندو رهيو آهين.

*

اردو شاعر محبوب کي بُت چو چوندا آهن ۽ سنڌي وَري بَدن کي بُت چو چوندا آهن؟

*

اي ڪاريون اکيون! مون تي ايا تائين پونرن وانگر چو ٽيون پرنديون وتو، مان ته مُرجهائجي چُڪو آهيان!

*

ڇا تُنهنجيءَ ڪاوڙِ ۾ بہ ڪو وڙُ آهي؟ مان سَڄي ستا سمجهي سگهان تہ تُنهنجي هر وِڪَ ڪي وِيجائي سگهان!

*

تون جو جبل پاڙئون پَٽي تو اُڇلائين، پنهنجي پاڻ ۾ تہ ڪنول جي ڪوٽيءَ ڪان بہ نرمل آهين!

*

گد پنهنجي پاڇي ڏي ڏسي سوچيو: جي مونکي گولي لڳي تہ هُن کي بہ ضرور لڳندي. هي مونکان ڏار تہ نہ آهي!

*

غالب! ڇا دنيا بازيچہ ءِ اطفال آهي؟ ڇا هي ٽئنڪ بہ اُن ڪاني وانگر آهي، جنهن تي ٻار سَواري ڪَندا آهن؟

*

وردي ۾ تون ڪيڏو تو لڳين؟ ميان، اها وردي لاهي هاريءَ وانگر هر ڪاهي ڏيکار تہ مجانءِ!

*

ڇا ان ڪري ڪوئي فرق پوي تو تہ تُنهنجي موت تي توکي ويهہ ڳڻ سئليوٽ ملي آهي ۽ هزارين پکي ڇرڪ ڀري هوا ۾ اُڏاميا آهن؟

*

مسولنيءَ جي بريچز کي پٽيان چهڪ ڏئي ڏس تہ توکي ڪنهن بہ مزدور کان مختلف نظر نہ ايندي!

*

ڪروڙين هٽلر ملي هڪ آئن اسٽائن پيدا ڪري نہ ٿا سگهن.

*

موتُ اهو ڏاڙيل آهي جو توکي ڏاڙ ڏاڙ ڪرڻ جو وَجهہ بہ نہ ڏيندو.

*

ماڻهوءَ جي پِتَ گوليءَ وانگر آهي جا بندوق ۾ واپس اچي نہ سگهندي.

*

ماڻهوءَ جي ٻچي مان هَوَس وڃي تہ هو پڪي نہ ٿِي پوي!

*

ڪَڙ! تون جو ڪانڊين جي ڪلهن تي بار آهين. هي سون چاندي سڀ ڪڙ! ائين ڪَٽ تي اڪيون ٻوٽي ڇو پيو آهين؟ ڏِسي بڻ نہ ٿو سگهين تہ مون ڇا ڪَئو ڪيو آهي!

*

مان توکي پڪيءَ وارا پَر آڇيان ٿو. قِتي ڪر اهو سارو بار- اهو سرو سامان، اِها زر و سيم، اهو مال و منال!

*

اي خدا جا بندا! جي تُنهنجو جيب خالي آهي، تہ غيب تہ توسان گڏ آهي.

*

مُنهنجون ٽجوڑيون کولينديون تہ توکي رڳو نوٽَ ملندا. چاپيل نہ، هٿ سان لکيل نوٽَ!

*

انسانيت جي ٽہ جوڙي کي جي ٽي جوڙَ آهن- پيار جو، سهپ جو ۽ سَمر- سَکتا جو، تہ اُن کي کوئي ٽوڙي نہ ٽو سگهي.

*

آلا! ڪيڏي ڀُل ڪَيئُ؟ پئسي جي ڪَي عُمر ويجايئُ؟ بُدا! پوئين گهڙيءَ گهٽا پاڇا پاند ۾ ڪَنا ڪَيا اٿي؟

*

هن سڄي عمر مراديءَ ۾ نوٽ ڪَنا ڪيا آهن، هن ماس جي لوٽڑي کي کهڑي خبر تہ مارسل پروست * ڪير هو!

*

منهنجو توسان پيار ٽي ويو آهي تہ تون چند ستارا آهين، هونءَ تہ تون ڪچ ڪوڏيون بہ نہ آهين.

*

عورت جي وڏي ۾ وڏي خوبصورتي هن جي سچائي آهي.

*

---

* مارسل پروست: فرانس جو مشهور ناول نويس.

ڪهڙيءَ شيءَ تي ٿي ڪُڌين؟ جي باورچي خاني ۾ قاتل اِستوءُ توڪي لڳي تہ تنهنجو اهو ڇهرو ڪٿي هوندو؟

*

ڇا هيروشيما جي بمباريءَ جي زد ۾ آيل عورت سان محبت نہ ٿي ڪري سگهجي؟

*

ڇا سونهن رڳو چمڙيءَ جي آهي؟ ڇا تون ان ڪانسواءِ ڪجهہ نہ آهين؟

*

ڇا جي مون ڪي اکيون نہ هجن ها تہ تنهنجو آواز ڪافي نہ هو؟ اِهو وساري ڇڏ تہ نڪ نقشي ڪان سواءِ انسان وٽي نہ ٿو سگهي.

*

چنڊ جي عمر بہ تہ تو وانگر تنهائي ۾ گذري آهي. پوبہ گل- مهر جڏهن ٽڙي پوندا آهن تہ هن ڪي ڪيترو نہ وٺندا آهن!

*

ڇامشوري تي سَرءُ جي شام لٿي آهي. ڪانوَءِ ڪانويليون هوا ۾ اڏامي ڪان ڪان ڪري رهيون آهين ءِ پوءِ موٽي جڏهن وٽن تي ويهن ٿيون تہ تنهائي اَرڙ

نانگ وانگر اُنهن ڏانهن وڏي ٽي ۽ شام پنهنجو ڪفن ساري منظر تي وجهي ڇڏي ٽي.

مان سمجهان ٿو ته مون کي توکي اڪيلو ڇڏي وڃڻو آهي ۽ تنهائي توکي ارڙ نانگ وانگر وکوڙي ويندي. توکي ته مون وانگر صراحيءَ جو ساٿ به نه آهي، نه ڪنهن جام جا ڇَپ تون منهنجن ڇپن وانگر چوسي سگهين ٿي.

تون تنها ڪيئن جِي سگهندينءَ؟ ايتريءَ تنهائيءَ ۾ ته فقط خدا رهي سگهندو آهي!

*

رِيَ جڏهن پاڻ تي بَج ڏسندي هوندي ته پاڻ کي خوبصورت سمجهندي هوندي.

*

به ڏيڏريون تلاءَ جي ڪَپ تي ويٺيون هيون، جنهن ۾ به خوبصورت عورتون وهنجي رهيون هيون ۽ ڪنهن جي ڳالهه ڪري چئي رهيون هيون "اُها سئفو* ڪير آهي؟"

هڪ ڏيڏريءَ پي کان پڇيو "اُها سئفو ڪير آهي؟"

"هوندي ڪا اسان جهڙي" پي ڏيڏريءَ جواب ڏنو.

*

* سئفو: قديم يونان جي خوبصورت شاعره

لينن گراد ڪان فنلئنڊ ڏانهن ويندي، مان ۽ لينا لانچ
* جي ڪائونٽر تي وينا هياسين ۽ ڪئويئر جون سئنڊ
وِچون ڪائي ۽ روسي شئمپين پي رهيا هياسين. اوچتو لينا
سرگوشيءَ ۾ پڇيو:

"تون روسي انقلاب جي باري ۾ ڇا ٿو ڄاڻين؟"

مون جواب ڏنو: "منهنجي دل ٿي چوي ته جيئن هي
انقلاب آيو هو، ائين ئي تخريب ۽ تباهيءَ ۾ ان جو انت
ٿيندو؟"

"ڇا تون به راسپيوٽين وانگر آهين؟" لينا آهستي
پڇيو: "ڪَجهه ڪَجهه" مون جواب ڏنو. "مستقبل
مون ٿي به هُن وانگر پاڇاوان وجهندو آهي"

لينا هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ته ڪوئي ٻَڌي ته نه
رهيو آهي.

*

هي ڏان اخبار ۾ فوٽو ڏٺئِ؟ ميڪسيڪو جي اڳين
پريزيڊنٽ انتونيونوريگا (Antonio Noreiga) کي به
سپاهي جيل ڏانهن اُماڻي رهيا آهن ڇو ته هُن کي
آمريڪي عدالت ۴۰ سال ٽيپ ڏني آهي. هو جو
ديومالائي پڪيءَ گرڙ پکي وانگر ٻَڌبو هو، ڏس ته

---

* ڪَئويئر: خاص ڪري اِسٽرجَن (Sturgeon) ۽ ڪجهه ٻين وڏين مڇين
جي لوٽيائي آني جا گهٽو ڪري مغرب ۾ سئنڊ وچ ۾ ڪائيندا
آهن.

ڪئن تہ مينهَن ۾ پِڳل چوزي وانگر وڃي رهيو آهي!-

*

يا خدا! مون هيءَ رات تُنهنجي سُپرد ڪئي آهي. صبح سان آتارين يا نہ آتارين، تون وس وارو آهين!

*

ايتري مهلت ڏي تہ جيڪي منهنجي اندر ۾ آهي اُهو پَني تي اوتي وَڃان!

هي نظر جي لاوا وانگر ٽڦڪي ٻاهر ڦاٽ ڪائي اڇڻ ڇاهن ٿا، هي ٻيا نظر جي رابيل جي گلن وانگر ٽاريءَ ۾ ڇپيل آهن ۽ ان انتظار ۾ آهن تہ ڪڏهن ٿا ڦُٽي پنهنجِي هٻڪار ڏَسان ڏَس ڦهلائن، هي لفظ جي ڪاڻ ۾ هيرن وانگر چمڪي رهيا آهن، ۽ جي ايا تائين تہ جوهرين کان بي نياز رهيا آهن، هي ستون جي ستارن جي ميڙ وانگر ڪنهن گهپ انڌاري رات ۾ لڪل آهن، هي بوندون جي بادلن جي اکين مان ڇلڪڻ واريون آهن ۽ جن لاءِ روهيڙن جا گل پنهنجا پيالا جهلي بيٺا آهن ۽ هي ڪونپٽ جي اُنهن بادلن جي آدرياوَ لاءِ آتا آهن، جي ٿر بر تي اِئين قول ڦلاري ويندا، جِيئن ٻار مرڪندا آهن، ۽ وليون ائين پکيڙي ويندا جيئن ابهر ٻارَ ماءُ جي ڇاتيءَ کي چنيڙي پوندا آهن.

اي خدا! هي سارا خزانا توئي تہ مون کي ڏنا آهن،

هي ڪنهن ڦورو جي لٽ مار ته نه آهن، نه ڪنهن واپار سان جهنجيل لوٽ ڪسوٽ آهن.

سوا اُن وهنوار جي
جو مون کي سانوڻ جي اُپ سان آهي،
اُجايل ڏرتيءَ سان آهي،
ءِ اُن رابيل جي رُت سان آهي،
جنهنجي سُڳنڌ اڃا تائين ٽارين ۾ ڳجها دورازا پٽي
ٻاهر نه نڪتي آهي.
اي خدا هُن موت کي ترساءِ
ءِ هن کي ڇَوُ ته مون کي مهلت ڏي!
هن کي ايتري جلدي ڇو آهي؟
آخر مان تنهنجي ڪار ڪرت
ته ڪري رهيو آهيان.
تنهنجو ذريعو بہ آهيان
ءِ مقصد بہ آهيان!

*

ايتريءَ حد تائين ڪنهن سان گستاخ نه ٿيءُ جو اها حد اورانگهي نه سگهين.

*

ياڻپي، دوستي سڀ ٺيڪ، گستاخي ڇگي نه آهي.

*

جنهن سان بہ جيترو بہ توکي پيار هجي، اوترو اُن سان اظهار نہ ڪر.

*

تون نہ آئينءَ تہ مون کي شاهہ حسين جي سؤلي ۽ سڏي سِٺ ياد آئي:

"مڃي وانگيان مَٽن پئي تڙڦان"

واعدي فراموش! ڇا تون اها ڪيفيت سمجهي سگهين ٿي؟

*

هو پيلٽيءَ سان سمهي سگهي ٿو، پر هن کي پنهنجيءَ وَٽي ۾ پاڻي پيئڻ نہ ٿو ڏي!

*

هَن نياڻ ۾ وهجندي، چنڊ جي پاڇي کان پنهنجو انگُ لڪايو.

*

هُن هرڻ جي هُوٽ کي ائين چُميو جڙ هن جو پيارو نئون جنم وٺي آيو هو.

*

ينيرُ کي جي ويرا آهي. فلئٽ جي دريءَ مان ڪويل جي ڪوڪ اچي رهي آهي، جَڙ ڇَڻي رهي آهي، "اَتي! تنهنجيءَ شاعريءَ جو وقت آهي."

*

ايترو ساجهر ٽرئفڪ جو ڪيترو نہ شور آهي! شهر ۾ سڀ پيٽ قوت لاءِ ڀڄ ڊوڙ ۾ آهن. ڇا هو، اِهو سمجهن ٿا تہ انسان رڳو پيٽ نہ آهي، ٻيو ڪجهہ بہ آهي!

*

فلم ائڪٽر نصيرالدين شاهہ هڪ فلم ۾ چيو هو: "انسان رڳو پيٽ ءِ ڪجهہ پيٽ جي هيٺان آهي"

فلمي مسودي جي ليکڪ کي الائي اهو ڇو نہ سُجهي آيو هو تہ "انسان مَٿو بہ آهي ءِ ڪجهہ مٿي جي مٿان بہ آهي"

*

باهران تون ڪيترو نهٺو آهين؟ ڪنهن ڏٺو آهي تنهنجي پوڙهاپي ۾ آپي کي.

*

ماحول توکي خوني ءِ جنوني ڪري وڏو آهي، تون ماحول کي خوني ءِ جنوني ڪري رهيو آهي. خير اهو بہ پلوَ جو هڪ طريقو آهي.

*

حسينيت لاءِ فقط حسين ابن عليءَ تي مرثيو ڪافي نہ آهي ءِ نہ وري مجلس- مسالمہ ئي ڪافي آهي.

*

هر ڀڳهه تلاوَ جي پَر تي ڳڳدام ٿي ويهندو آهي.

*

اڄ مسين مسين برسات پئي آهي. دريءَ مان ٺڏڻي هوا اچي رهي آهي! ڪاش مون کي پکيءَ جا پَر هجن ها ته اُڏري ٿر پهچان ها ۽ ڪنهن ڪونڀ تان ڏانگڻي کي ڏسان ها!

*

اڄ شهر کيڏو نه گدلو ۽ ميرو آهي. آسمان کيڏو نه صاف آهي جڏ مون کي چئي رهيو آهي "ڇڏ انهيءَ ويساريءَ ڏرتي جي پَڇَر! آءُ، مونڏانهن آءُ! مون کيترو وقت تنهنجو انتظار ڪيو آهي."

*

ڪاش! مان مُنڊ ڪان ميراجيءَ وانگر اڪيلو، اَندريون انسان هُجان ها! اَنبوهه مون کي کيڏو نه ڇيهو رسايو آهي!

*

هي انبوهه مُنهنجو به ته نه آهي! ڇا اُهي ساڳي ڳالهه ڇاهن ٿا جا مان ڇاهيان ٿو؟ ڇا اُنهن تاريخ جي آئيني ۾ پنهنجو مڪروهه چهرو ڏٺو آهي؟ ڇا منهنجي شاعريءَ پٿر سان سِر نه ٽڪرايو آهي؟ ڇا هِي مون کي سمجهن ٿا؟ هي پاڻ- هَرِ تڙيا، هُوڙها، پنهنجي رَوَ- مَت جا آهن، جن کي اهو به معلوم نه آهي ته اُنهن کي

اُهائي وِک وهاڻي رهي آهي جن کان مان ڪين روڪيندو رهيو آهيان؟ هي ڪڏهن پنهنجي پاڻ ۾ پيهي ڏسندا؟ هي ڪيڏيءَ ڪَلِ ۾ ڦاسي ويا آهن! ڪڏهن پاڻ کي پنهنجي اَندِ مان آجو ڪندا؟ مان باقي عمر اِنهن تي ڇو وڃايان؟

اي ماڪ ۾ني باک، اي سَر ۾ سمايل سانجهيءَ جا سج، اي هوا ۾ تتر جي اڏار، اي گل مهر جا گهاٽا پاڇاوان! مان اُنهن تي وڌيڪ ذات وڃائڻ نه ٿو چاهيان. هي مون کي هڪ صديءَ کانپوءِ سمجهندا! هُو پوءِ سمجهي سگهندا ته منهنجا سَرتا اُنهيءَ ٽانوَ مان پي رهيا ها، جنهن کي باربار ڪُتا لَڪي ڇُڪا ها! الا! مان اُنهن لاءِ ڪيڏي عُمر اجائي وڃائي آهي!

*

انقلاب،
عشق مان بہ
نہ مڙيو،
اُن کي بہ
ڦاهي تي چاڙهيائين.
* لِن بيائوءَ جو
اَنت ڏِٺئِم؟

*

چِبَ
سڄ جي وجود کي
نہ ميندي
تہ سڄَ نہ اُپرندو ڇا؟

*

عاشق
زهر پياڪ تہ ٽيندا آهن،
تو وانگر
رت پياڪ
نہ ٽيندا آهن.

*

* مائوءَ جي پوئين محبوب زال.

ائفروڊائٽي
تون ته يونان ۾ ڄائي هئين
تون سنڌ ۾ ڪٿان آئينءَ؟
اڳ ته
مون توکي
هومر جي اڊين اکين سان ڏٺو هو
۽ آڊيسيءَ ۾ ڪاتو هو.
هاڻ ته مان
ٽُنهنجيءَ سڄ ڏڄ جي باري ۾
ڏسي وائسي
شاعري سجائي آهي.

*

پوڙهي بکاريءَ
کهڙي نه ڇڪي ڳالهه ٻي ڪئي:-
"ڪنهن جي پيٽ ٿي
لٽ نه ڏي،
ڪنهن جي وات مان
گرهه نه ڪَس،
ڪنهن ٿي لٽ

نہ اولار!
تہ تنهنجو ٻلو ٽئي،
شل سڀ جو
ٻلو ٽئي!
آڏائي گهرن جو ٻلو ٽئي
نہ، نہ گهر تہ ٽي آهن
ٽنهي جو ٻلو ٽئي."

*

اڳين دنيا
ڪيتري نہ چڱي هئي!
ٻڌائيءِ جي ٻڌ تي
ڪڏهن بہ
نور محمد ڪلهوڙي
ڇاپو هڻي
هن جو رسالو
ضبط نہ ڪيو هو.

*

دڳ ڏيکار!

اي خدا
دڳ ڏيکار!
مان هن گهاٽي جهنگ ۾
پنهنجي گهايل پيرن سان
ڪيڏانهن وڃان؟
منهنجا پير
ايڏا ٽڪا نہ آهن
مان پنهنجون لڦون ڏسي
پنهنجي ڪُڳ تي
پنهنجي منهندارن جي
ڪاري منهن تي
ٽوڪاريو آهي؛
ڀ سوچان ٽو
تہ جي اڳتي دڳ نہ آهي
تہ پنڌتي موڪان
ڀ اُتي گاهہ تي ليٽي
ٽَڪُ پٽيان
ڀ سائي ٻير مان
ٻہ ٽي ٻير چني کاوان!
پر جي مون کي اڳتي ئي ويڙو آهي،

تہ اي خدا!
مون کي دڳ ڏيکار!
مان ٽنهنجي ڏس تي
ٻاهريءَ ڪَنڊِ تان ٻہ
پنڌ ڪري
وڏندو رهندس!

*

هاڻي
چون ٿا
تہ سرمايداري ڇگي آهي!
اشتراکيت تہ برابر ٻَري هئي
پر سرمايداريءَ ۾
ڇا ڇگو آهي؟
اِهو ئي تہ
هي مزدور
پيٽ کي پٽيون ٻڌڻ سکي ويندا
ءِ ڪجهہ ڏاوا
ڪجهہ پو ڏاوا
هن ڌرتيءَ تي راڄ ڪندا!

يسوع!
ڇا
تون
انهن لاءِ
صليب تي چڑهيو هُئين؟

*

مارڪس!
تون پاڻ ڪيڏو نہ چگو هئين!
تنهنجي اولاد
ڪيڏي نہ بُري
ثابت ٿي آهي!
ڇو؟ آخر ڇو؟
تو ۾ ڪائي تہ ڪمي هُئي مارڪس!
تو ۾ ڪائي تہ ڪَمي هئي!

*

سپني مان ڇاڳ!
انسان جو اڳيون سپنو،
پائپيءَ جو، هڪجهڙائيءَ جو، نياوَ جو

پت تان
آرسيءَ وانگر ڪري
ڪِرچيون ڪِرچيون ٿي ويو.
تون اُهي ڪرچيون ڇو ميڙي رهيو آهين؟
تنهنجا ويساهي وَڏا
چند کي به
هڪ گول آرسي
سمجهندا ها
ءِ اُها ايڏا آڪاس ۾
ٽنگي پئي آهي.
اُن ڏي آءُ!
اُها ڪنهن پت تي ٽنگيل نه آهي
ءِ ڪڏهن به ڪِري
توکي اُداسائيءَ ۾
ڇڏي نه ويندي.

*

توکي غريبي ورثي ۾ ملي آهي
تنهنجو پيءُ/ تُنهنجو ڏاڏو/ تنهنجو ترڏاڏو
سڀ پوکي ڪندا ها

ءِ بٽئيءَ وقت
پيرِ ڪي، فقير ڪي
ڳوٺ جي ڪنيرِ ءِ نائيءَ ڪي
پنهنجو ٽويو ڏئي،
خدا جو شڪر ادا ڪندا ها
ءِ سرنهن جي ساڻ ماني کائي،
ڏوَ تي
مِٺي نند ڪندا ها!
اڄ ڪلهه
تہ توکي
اها نند بہ نصيب نہ آهي
ءِ تون بکئي پيٽ
ليٽيو پيو آهين
ءِ روس ۾
ڪرنسيءَ تان
لينن جو فوٽو،
ڏاڙو ءِ هٿوڙو مٽائي ڇڏيو آٽائون،
ءِ جڏهن
پريس
نوان نوٽ ڇاپي رهي آهي

تڏهن تنهنجي هانوَ تي
هٿوڙا لڳي رهيا آهن،
۽ فصل جي ڪٽائيءَ وقت
جڙ تنهنجي گردن ڪپجي رهي آهي.

*

هن هاريءَ تي لِک
جيڪو ايڏا انسان آهي
۽ ڏوڏي ڳيو ڪائِي،
پاڻي پِي،
سارو ڏينهن ڳهندو ٽو وتي
۽ جو ڏاڙيل نہ ٽيو آهي،
۽ ماٺهوءَ جو رت
نہ پيتو اٽائين،
۽ جنهن تي
بهراڙيءَ جي ٻَٽ ۾
جڏهن پکي
ننڊ ۾
لامن تي لٽڪندا آهن،
خود خدا

ويڙو
گهمائيندو آهي.

*

هن شهر ۾
ڪو به ته نه آهي
جنهن کي آدم جي اولاد
چئي سگهان!
بگهڙ جي اولاد آهن
چيتي جي اولاد آهن
لوسي ڪتي جي به ٽي سگهن ٿا.
مطلب اهڙو ڪوئي پسون نه آهي
جنهن سان
ڪنهن نه ڪنهن جو
ناتو نه آهي!
بي بي حوا!
هي تنهنجيءَ ڪک مان پيدا ٿيا ها؟
ويساهه ته نه ٿو اچي.

*

رستي تي
ٻليءَ جو ٻچو
ٽرئفڪ جي وچ ۾
اَڇي ويو آهي.
هتي انسان
چٽجي، چيٽاڙجي وڃن ٿا
ته ڪوئي اُنهن کي
اسپتال
نه ٿو پهچائي؛
هي مرونءَ منهان
ماڻهو،
ٻليءَ جي ٻچي کي
ڇو
فٽ پاٽ تي
ڪٽي رکندا!

*

ڇا
چنڊ به
چڪور لاءِ

ايترو ئي
تڙقندو آهي
جيترو
چڪورَ هن لاءِ؟
هو تہ
بادلن ۾
ويندو رهندو آهي!

*

عشق ۾
ڪجهہ نہ آهي.
حسن ۾
ڪجهہ نہ آهي،
فقط
تڙڦ سڀ ڪجهہ آهي.

*

ڇا
چڪور
جي تڙڦ

چنڊ ۾
ايترا
گهاوَ
وڏا آهن؟

*

سڄِ
سرِ کان
مٿيرو
چڳو لڳندو آهي،
اَن ۾
سَمائجي ويو
تہ اونداهہ ٿي ويندي.

*

متان
ٿُنهنجي دِل
ڪنهن هنج وانگر
ڪنهن وقت اهو سوچي
سُسِي وڃي تہ مان

ڪنهن وقت سَر وانگر سُڪڻو آهيان!
منهنجو من
تہ مانسروور آهي
اُن جي سُڪڻ جو
سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي!

*

تنهنجي
وجود ۾
ايترو
ترنم آهي
جو
دل چوي ٿي
تہ توکي
ڪنهن رحل ۾ رکان.

*

ڇا
تون
سنگيت ڪان
وڌيڪ مَدرَ آهين؟
مون

تنهنجين اکين کي
ٻُدو آهي!

*

اي خدا!
تو کيترا نہ
خوبصورت گل
پيدا ڪيا آهن،
هن جي
چپن
سودا؟

*

اي خدا!
هن کي
ايڏا بہ
خوبصورت بڻاءِ!
هوءَ
تنهنجي وجود جو
ثبوت ٿي وڃي!

*

چا تون
منهنجيءَ رَڄ ۾
پوئين
هرڻي آهين؟

*

ماري!
ڊيل
نہ ڦاساءِ!
اها
مور جي
امانت آهي.

*

چا
تنهنجو ساهُ
مون وٽ
ائين سوگهو آهي،
جيئن
پکي پڃري ۾ هوندو آهي!

*

ڇا
تون
منهنجي ڪوتا وانگر
مون کان
مون کي
ويجهو آهين؟

*

شاعري!
تون
ڪيتري
عقيدت سان
وري
منهنجي ڇائنڪ
ٽپي آئي آهين؟

*

اي عمر!
ڪيڏي پير ڏوڙِي آڻي؟
ايڏا بہ

تنهنجي
اکين ۾ آهي
هو
ڳاڙهو پير!
ان کي ڇڏ
ته پل
اهو
هوا ۾ لڏندو رهي!

*

ڇا مان اُهو آهيان جنهن لاءِ
صراحي پرهه تائين پئنبي رهندي هئي؟
ڇا مان اُهو آهيان جنهن ڪلالن- ڪُوءِ
جي نند حرام ڪري ڇڏي هئي؟
ڇا مان اُهو آهيان، جنهن کي باک
گلن جا ٽوڪرا پيٽ رکندي هئي،
۽ جنهن جي اکين ۾ شفق وانگر خمار هوندو هو،
پر پو به گهٽي يا گهر ۾ منهنجا پير، نه ٽڙندا ها
۽ مان ڪنهن به يوناني فلسفيءَ کي سقراط
* سوڏو، للڪاري چوندو هوس ته: "مان ڊايونيَسِ آهيان،

* ڊايونيسَس:- يونان جو شراب ۽ رنگ رلين جو ديوتا.

تون مون سان شرط رکي سگهندين!"
هاڻي تہ عمر مون کي هيٺو ڪري وڏو آهي
مان ڇُڪي نہ ٿو چکي سگهان ۽ غالب وانگر
جام و مينا رکو اڳيان رکان به نہ ٿو!
ڇا مان ساڳيو ماڻهو آهيان؟
مون ۾ اهو ساڳو ڇا آهي؟
اهو ڇا آهي جو چوي ٿو تہ خيام ايا تائين
مون سان رقصان آهي
۽ مان هن کان ڪيئي خُمر وڏيڪ پي ويو آهيان
توڙي مون پير مِغان ڦيرايو آهي،
۽ اُن مون لاءِ پوري فطرت کي مئخانو بڻايو آهي
۽ اُن جا ڏينهن رات دروازا کولي ڇڏيا آهن،
جتان پي ڪري، رند هوش و حواس وڃائي ويٺا آهن
۽ انهن جا سِر انهن ساغرن وانگر آهن
جي مئخاني جي فرش تي اونڌا رکيا آهن،
۽ مان ايا پي رهيو آهيان،
* هر گل- لالا مون لاءِ فنجان ڀري رهيو آهي
۽ گلاب شبنم ڇلڪائي رهيو آهي،
۽ اُن جا ٻوٽا ائين جُهڪيل آهن
جڙ سوين مِينائون پڪڙجي رهيو آهن

---

* فنجان:- جام

ءِ مان جو پيئان بہ نہ ٿو
ايترو پيتل آهيان،
جيترو ڪوئي اُن وقت پيتل هو
جنهن وقت هيءَ جوڙ جوڙي وئي هئي.
ءِ جنهن چيو هو "اُٽ!"
تہ منڀءَ مان گل اُپري نڪتا ها،
ءِ مائون،
پار هَنجُن ۾ لوڏيندڙ نظر آيون هيون.
مان جو تخليقڪار آهيان
تنهن لاءِ شراب ڪهڙي شيءِ ٿيندو آهي.
مان تہ اُپري اُلهي سرشار آهيان.
ءِ سڄ چنڊ
ساندهہ منهنجي ساڻي گڙي ڪن ٿا
ءِ ٽڪجن نہ ٿا.

*

چوڪرا!
هي منهنجيءَ ٻوليءَ جو اوجهاڻ تہ ڏِس!
اِهو ڇڄي تہ نہ پيو آهي؟
مون ڪي

ان ۾ ڪيئي نظم
مڇين جيئن ڦاسائڻا آهن.
رنگبرنگي مڇيون
جي اونهي اوڙاهه جي
تَري ۾ تڙڪي رهيون آهن.
پاڻيءَ ۾ چند
به هڪ گول مڇيءَ وانگر آهي.
ڪيئن ڇڄي
متان اِهو به ڇڪجي اچي.
مان ته پانيان ٿو
هن اوجهاڻ کي
ٽوپي جي ضرورت نه آهي،
پر وري به جاچي ڏس،
منهنجي ديد
ساڳي نه رهي آهي
ءِ ڪڏهن ڪڏهن
جهانورجي وڃي ٿي؛
ڇا ڪيان
توڙي مون کي
پَريا نه پيا آهن

پوڙهاپو مُنهن- اونداهيءَ جئن
لهي رهيو آهي.

*

آءُ تہ هن کان پُڇي اچون!
هو جو گل گلاب وانگر هوندو هو،
هاڻي کنهن سُکل ٽاريءَ وانگر
ٽي ويو آهي.
جنهن ۾ ساوَل کانہ آهي؛
هو اسپتال جي بستري تي پيو آهي،
ءِ هن جو ٿهليو
هن کي ان ڪري اُتاري ٻہ نہ ٿو،
تہ متان هو
وڇ مان ٽِڙکي نہ پوي!
هن جي ڇيلهہ
ڪَتيءَ جي ٻيڄ وانگر
جهُڪي آئي آهي،
هن جي تورَ
ڪيتري نہ گهٽجي وئي آهي! .
تقدير جي تارازيءَ ۾
موت وارو پاسو

پارِي ٽي
ڪيترو نہ جُهڪي پيو آهي!
هن ڪيڏا نہ پيار ڪيا ها
جي پاڇاوان ٽي
هن جي چوڏاري ائين لڏي رهيا آهن
جيئن
پپل جي ڇانو
درياهہ جي پاڻيءَ ۾ لڏندي آهي
ءِ درياهہ آهي
جو اڪتي وڃِي رهيو آهي
اڪتي ڪيڏانهن، ڪنهن انڌاري سمنڊ ڏانهن
جنهنجو انت
ڪنهن بہ ٽوڙير نہ لڌو آهي،
هر ڪينو
هر ڏوئل
هر لاڪي ڇاڇي
مطلب تہ هر ڪاري جو پڪي
اُن جي مٽاڇري وهڪري ۾ ٽُهي ڏئي
ڪجهہ نہ ڪجهہ ڦاسائي آيو آهي.
ڪنهن وٽ اهڙا پَر نہ آهن

جي ان جي انت تائين
پهچي سگهن،
ساهي مُنجهائي
ٿوهه لڳائي سگهن!
خوبصورت نرس،
هن جي مُنهن تان مک هڪلي رهي آهي
جا دريءَ تي لڳل
ٿوريءَ ڇڪل ڇاريءَ مان
هن جي اسپتال جي ڪمري ۾
پيهي آئي آهي
۽ جڏ
هُن کي واري واري سان
چيڑائي چئي رهي آهي،
ٿو ۾
مون جيتري به سگهه نه آهي!
تو پيار ڪيو آهي ته ڇا
پيار ته مان به ڪندي آهيان.
هل ته هن کان
اسپتال ۾ پُڇي اچون!
اسان جي پُڇا

هن جي ڇمار کي ته نه وڌائيندي
رڳو اسان کي
ساڃهه ڏئي سگهي ٿي
ته اهڙو وقت
اسان تي به
اچي سگهي ٿو.

*

مون کي گرڙ پک جيڏي سگهه ڏي
ته هي گيت پکيڙا
جي ولر کندا وتن ٿا
اُنهن کي هڪ ئي چنبي ۾ جَهڻي وڃان!
مان گهنگهور گهٽائون ٿي اُپران
ءِ ساري ڌرتي
جل ٿل ڪري ڇڏيان
ءِ سارا ڪانگ
لاچار ٿي
ٻرن مان نڪري اچن
ءِ جوڳي
اُنهن کي پکڙي

پنهنجون پنڌيون پَريندا وڃن
ءِ ڏَڪ ڏيئي
ڏکيندا وڃن.
مون کي سڳهه ڏي تہ مان
طوفان بڻجي اچان
ءِ سارا بڑ ڏونڊاڑي
آکيرا هوا ۾ اڏائي ڇڏيان،
ءِ پکين کي ٻَڌايان
تہ انهن جو ڏڪ هوا مان آهي
جنهن کي ڪوئي ڏس نہ آهي
جنهنجو ڪوئي ماڳ نہ آهي
جنهنجا کي پيغمبر نہ آهن،
پکي پنهنجا پيغمبر پاڻ ٿيندا آهن
ءِ پنهنجو ڏڪ پاڻ ڳولينداآهن.

*

هن مورَ لاءِ دعا جا هٿ کَڻ،
هي جو چَٽُ ڪَري
گهنگهور گهٽائون
ڏسي رهيو آهي،

هن هرڻ لاءِ دعا جا هٿ کڻ
جو رڄ ۾ ٽڪي ٽڪجي پيو آهي!
هي چار ٻاڻيڙ جي سنئين ميدان
تي ٽِلي رهيا آهن ۽ شڪاري جن جي
تاڪَ ۾ آهي، اُنهن لاءِ دعا گهَر!
اُنهن سيني جو اندر اُجرو آهي،
انهن ۾ ماڻهن جئين ڪُهَڙ، نيچ پڻو،
۽ لوڀ نه آهي.
اُنهن لاءِ دعا پوريءَ ڪائنات لاءِ دعا آهي.
دعا ڪر ته موت انهن کان دور رهي!
هي ڪولهي ڏسين ٿو جو ڪاتر ڪٽي،
تڙڪول ۾ ٽڪجي ويئو آهي!
اهو ته خود خوني آهي،
اهو تنهنجي دعا جو مستحق نه آهي.
دعا ڪر ته سڄَ جڏهن اُپري،
تڏهن ان جا ڪرڻا بڙڇين وانگر تکا نه هجن.
۽ جڏهن چَنڊ جو پاڇو چؤنري تي پوي
ته ٻارڙا رب ڪائيندا نظر اچن!
هر جيت جَٽئي، هر ڊور ڊڳي کي دعا ڪر!
ڇو ته اُنهن جي اندر ۾

ماٹھو وانگر دغا نہ آھي، دولاب نہ آھي،
دورنگيءَ پٹو نہ آھي.
دعا ڪر، سڀ کي دعا ڪر!
ءِ اھو ڄاڻ تہ ساريءَ واريءَ جي ڪَڻ ڪَڻ،
ءِ آءٌ ھڪ سڀ ستارا
توکي ٻڌي رھيا آھن،
ءِ توکي ٻڌي
ککرن جون اکيون ڀرجي آيون آھن،
ءِ آءٌ
ٻناءُ وڻ وارو آھي!

*

اي خوبصورت اکيون!
شال اوھان
ڏر جي ھرڻين کي مات ڏئي وڃو!
اي خوبصورت چَپ
شال اوھان لال لبار ريٽي ڇڏيو،
ءِ ھر ڪنھن کي پاڻ لاءِ ھرکايو!
مون کي معلوم آھي تہ
سونھن سدائين لاءِ نہ آھي،

پر منهنجي شاعريءَ
اوهان جي سونهن کي پنهنجي اَبديت آڇي آهي،
اوهان عارضي سهين، پر منهنجيءَ
ذات اوهان کي جتاءُ ڏنو آهي،
پايندگي ڏني آهي
پنهنجي زندگي ڏني آهي
ءِ اُها تابندگي ڏني آهي
جنهن کي ڏسي
سج ءِ چند کي
رِيسَ ايندي!

*

مان ڪيستائين ترسان
تُنهنجا گيت ڪُٽائي نہ آهن؟
مون جنهن چنگيز ءِ هلاڪوءَ کي نہ ليکيو،
ءِ هٽن کي ڪَنيي،
گهوڙي تي ٻيلهہ ڪٽي ويس؛
مان جنهن بابل ۽
سڪندر کي ڪيکاريو،
جڏهن سج نيزي جي نوڪ تي هو،

۽ اهو نہ ڏٺو
تہ هن جي ڇاتي ڇاڻي ٽي پئي آهي،
۽ هُو ڇڄي رهيو آهي
۽ رت ٽمائي رهيو آهي.
هي تہ تلوار جا ڏڻي ها،
پر تو وانگر ڏات جا ڏڻي ہ
مون اک ڇنڀ ۾ اڏايا آهن،
جئن تير
ڪنهن اڙهنگ جي
ڪِچيل ڪمان مان اڏامندو آهي
۽ اُن وقت ڇنڊ
منهنجي ڪاري گهوڙي سان
شرط پڇائيندو آهي
تہ پڇائي نہ سگهندو آهي
۽ اُن جو نرم بشڪون ڏسي،
گهٽائون ريس ڪنديون آهن؛
منهنجي گهوڙي کي نعل نہ هوندا آهن
۽ اُنهن جو آواز نہ ٻيندو آهي
۽ بهشت ۽ دوزخ جا بند دروازا
اُن جي ڇلانگ اڳيان

روڪَ نہ ٿِي سگھندا آھن.
الائي ڇو
مون کي تنھنجيءَ شاعريءَ تي پيار
اڃي ويو آھي.
شايد تون سچ ٿو چوين
تہ تو شاعري
ھاڻي ئي شروع ڪئي آھي
ءِ توکي
مھلت درڪار آھي.

*

ڇا مان
سارنگيءَ جي سُر ۾ پيھي سگھان ٿو؟
ڇا مان
تنھنجي آواز سان ھڪ ٿي سگھان ٿو؟
ڇا تو تانسين ڏٺو ھو؟
بيجوباورا ڏٺو ھو؟
تون ڪير آھين ڳائڻي؟
تون ڪڏھن کان آھين ڳائڻي؟
ھي سُر تہ مون صديون اڳي ٻڌو ھو!

ءِ تنهنجي زبان مان
هڪ ٻول نڪري ٿو
تہ سارو راڳ
منهنجيءَ رڳ رڳ ۾ اُپري اچي ٿو،
تون منهنجي وجود جو
حصو آهين
جنهن کي مان وساري چڪو هوس
ءِ جيڪو تو
ياد ڏياريو آهي.

*

ڪيترا
خواب
تو ريشمي تاڪين وانگر/ ڪوليا آهن.
جن کي/ وسڪٽين اکين سان ڏسي
هي جوڪا گراهڪ
اُنهن جي نرمائي، اوج ءِ اُٽت
پنهنجي کهرين آڱرين سان/ پرکي رهيا آهن
ءِ انهن جو ملهہ ڪَٽي رهيا آهن
ءِ چئي رهيا آهن:
"هي جهالائوَ نظر نہ ٿا اچن."

*

أهو وقت دور نہ آهي
جڏهن موت توکي خاموش ڪري ڇڏيندو.
توکي جيڪو چوٽو آهي،
ڇڏي وڃ!
ڏس، هي ناريل جي وڻ تي
ڪويل ڪوڪي رهي آهي!
تون ڇاڻين ٿو تہ
اهڙو ڪوئي نہ آهي
جو هن جي ڪُوڪ تي
بندش وجهي،
تون ڇاڻين ٿو
تہ اهڙي ڪوڪ
فقط عرش جي
ساز مان اچي سگهندي آهي،
جنهن جي مضراب
خُدا جي هٿ ۾ آهي؛
تون ڇاڻين ٿو
تہ سڀ ستارا
اها ڪوڪ ٻُڌي رهيا آهن
۽ ڪَنائي رهيا آهن
تہ اَها ڪٿان ٿي اچي!

اِها ڪُوڪ
ان موسيقيءَ ۾ اضافو آهي
جا هن ڪائنات ۾
ازل کان گونجي رهي آهي
ءِ ٿُنهنجيءَ شاعري ۾ سمايل آهي؟
ڪنهن سمايو آهي
اُن موسيقيءَ کي
تنهنجي شاعريءَ ۾؟
اُتي هَن جو آڏر ياءُ ڪر
تہ ڪٿي ننڊ جي غلبي ۾
هو توکان وڃائجي نہ وڃي!
ائين
جئين
ڪويل کان پنهنجو ساڻي
وڃائجي ويو آهي.

*

اُتي، اَسَر ٿيو آهي
تون هُونءَ کان گهٽو سَتو آهين!
نہ ڇاڻان
توکي ڪيتري مهلت آهي
تہ تون

گيت لکي سگهين،
گيت جيڪي ڪويل
ڇهنب سان
هوا ۾ لکندي آهي.
گيت جيڪي وهندي ندي
لهرن ۾ سانيپيندي آهي،
گيت جيڪي واهوندي ۾ وڻ
جهومندي ڳائيندا آهن،
گيت جيڪي رات
پنهنجيءَ ڪاريءَ چادر ۾
ڇُپائي ڇڏيا ها،
جڏ اُهي سانت جي ٽجوڑيءَ ۾
بند ها،
ءِ موت جو پراڻو ڦورو آهي
اُهي هن ڪان
ڦُري نہ سگهيو هو،
گيت جيڪي رات
پرهہ جي پکيڙن کي آڇيا آهن،
جن ۾ هڪ
تون بہ آهين.

*

هو چوي ٿو:
"توکي
زماني‌سازي
نہ ايندي آهي."
مان هن کان
جواب ۾ پڇان ٿو،
"جي مون کي
زماني سازي اچي ها
تہ مان شاعر
ڇو هجان ها،
سنڌ
جو گورنر نہ هجان ها!"

*

ڇا تون منهنجون
پيرَ ڪَڙيون
ڪَٽي سگهين ٿِي؟
ڏس،
مان
زندگيءَ جي زندان ۾

ڪيترو نہ
بيوس آهيان!
تون
جا هوا جي جُهلڪي وانگر
آئي آهين،
اهي پيرَ ڪڙيون
ڇُهي
موٽِي وڃي سگهين ٿي
انهن کي
ڪَٽي نہ ٿي سگهين؟
ها
تون انهن پير ڪڙين کي
گلاب جي ٽارين ۾
بدلائي سگهين ٿي،
جيئن مون کي
اهو احساس نہ
رهي
تہ مان
آزاد نہ آهيان.
پيرَ ڪَڙي

تڏهن پيرَ ڪڙي آهي
جڏهن اُن جو
احساس آهي،
تون اُن کي
گجرو
بڻائي سگهين ٿي.

*

هي رتو رت نظم
هي لهولهان شاعري!
تون هي رت چڪندڙا ڏيهي ڪيڏانهن
وڃي وجي رهيو آهين؟
اُن منزل ڏانهن
جيڏانهن ويندي
چين ۽ روس، ٻئي ٽڪجي پيا
۽ پٽ تي ويهي
پنهنجا لانگ بُوٽ
لاهي ڇڏيائون
۽ پنهنجو لڦون ڏسي رهيا آهن؛
۽ سولزي نِتسن

۾ فٽنگ لڳي
پنهنجا روٽا روئي رهيا آهن
۾ ڇڪي رهيا آهن،
"اسان تہ اڃيئي ڇيو ٿي....."
"اسان تہ اڃيئي ....."
ماسڪوجي
گهٽين ۾ گهمي رهيا آهن
زينوفيف، ڪامينوف، بخارن ۾ ٻيا
جي سَنَ ڇٽيهين ۾
ماسڪو ڪارواين ۾
ماريا ويا ها،
۾ جو ٻارڙو
* ڪُواس پي رهيو آهي
۾ هي روسي عورت
جا ڪچ ۾ ڳائي ڪير جي بوتل،
ڊبل روٽي
۾ اڇي پلاسٽڪ ۾ ويڙهيل
جرينيم جا گل
ڪٽي وڃي رهي آهي،
اُن کي اِهي مُٺا ڪيڏي پيار سان ڏسي رهيا آهن،

---

* ڪُواس :- روس جو هڪ شربت.

ءِ سوچي رهيا آهن،
"مٺا وَري جيئرا ڪڏهن ٿيندا؟
اسان ٻيهر زندگي اجائي نہ وڃائينداسين
اسان ٻيهر زندگي اجائي نہ وڃائينداسين!"

*

ميان! تون نظم پڙهي رهيو آهين
يا رَتُ جون
اُلٽيون ڪري رهيو آهين!
هي مشاعرو آهي،
اسپتال نہ آهي،
جو تون قوم جو علاج ڪري سگهين!
تو نظم جو رنگ
ڳاڙهو چوندڙيو آهي
پر ڏسجانءِ
تہ جيئن اُهو
گلاب جي گل وانگر لڳي
ءِ جي اُن ۾
خوشبو نہ هجي
تڏهن بہ

گل مهر جي گل جهڙو لڳي!
ها، هي به ڏِسُ
هي رابيل جا آڇا گل،
جي هِير ۾ لڏي رهيا آهن،
کهڙا نه پيارا لڳن ٿا؟
۽ کيڏي نه دلفريب آهي
اُنهن جي خوشبو!
۽ هي املتاس
جا پيلا گل
جي ڇڪا ڪَري لڙکي رهيا آهن،
انهن جو رنگ
اکين کي کيڏو نه وٺي ٿو!

*

مان
توسان
پيار جو
اظهار
ان ڪري نه ٿو ڪيان،
جو
مون کي پَوُ ٿو ٿئي

تہ تون
ائين ڇرڪي نہ وڃين
جيئن ڇنڊ
ڇولين جي ٻاکر کان
ڇرڪي ويندو آهي!

*

ڇا ريمبران
جي تصوير ۾
فقط ڳاڙهو رنگ آهن؟
هي ڪائنات
به ريمبران جي تصوير وانگر آهي،
۽ تون
جنهن جو من گنيير آهي،
ڇا توکي
ان جا الڳ الڳ
گهاٽا رنگ
نہ ٽا وٽن!

*

پنهنجن ڪارن وارن کي
پنهنجي گورين ٻانهن سان
چنبو ڪو ڏي!
ڪيڏيون نہ گهٽائون
ڇانيون آهن
ءِ مينهن وسي رهيو آهي
رابيل جي
ٽڙيل گلن تي
جي تنهنجي ٻگلن وانگر
ٽِڙي پيا آهن!
تون پُسي وئي آهين،
ءِ ڪارن وارن مان
منهن مٽي ڪري
ٻہ رابيل جا گل
ڏيکاري رهين آهين
آڪاس کي،
جنهن جا اڇا ڪکر
وسي
تنهنجي باغ مان
رابيل جي گلن سان

جهولي پري رهيا آهن.

*

هُو
ميري ماجدلين
سان ساڻُ ڪن ٿا،
ءِ چون ٿا
هي ڪير ٿيندي آهي
جا يسوع جي صليب سان
ڪنڌ لڳائي ويئي آهي؟
ءِ اهو نہ ٿا سوچن
تہ هوءَ روز ڏهہ ڀيرا
صليب تي چڙهي چُڪي آهي
ءِ هن ہر
باربار
ڪوڪا ڪوڙيا ويا آهن
ءِ ان حساب سان
هوءَ
مهيني ہر
ڪي سو ڀيرا صليب تي چڙهي چُڪي آهي
ءِ سال ہر؟

پلي تون حساب ڪَر!

*

هي خوني آهي؛
تو غلط سمجهيو آهي
تہ هي
تنهنجي گردن ۾
رنگبرنگي رومال وجهي رهيو آهي،
دراصل
هي توکي گهُٽو ڏئي رهيو آهي!

*

پنهنجي مُنهن کي
ڏرتيءَ جي
مِٽي ملڻ وارا!
ڪڏهن متي بہ تہ ڏِسُ!
آسمان ۾
ڪکر
ڪيڏا نہ
خوبصورت آهن
ءِ اندِ لڪ

ڪهڙي نه
وٽي رهي آهي!
منّي ته
تنهنجو سات
قبر ۾
سدائين ڏيندي!

*

سهڻي!
جيڪڏهن
چنڊ جي پاڇي کي،
گهڙو سمجهي
اُن تي درياهه تري ها
ته ٻڏي نه ها.

*

مِنّي!
مِنّي!
مِنّي!
فلسفو مِنّيءَ جو

شاعري مٽيءَ جي
ڇو تہ ڪٽڪ ۽ چانور
مٽيءَ ۾ پيدا ٿا ٿين.
ڇڳو
جو ڪکر
پنهنجا محل
مٽيءَ مان
نہ ٿا جوڙن!
جيئرو آهين
تہ آڪاس جون ڳالهيون ڪر،
۽ ڏس تہ چنڊ جي چوڌاري
ڪيترا بادل آهن
پوءِ بہ هُو اڪيلو آهي،
۽ ساريون سَواريون ريٽي
منزل ڏانهن
پَنڌ وڃي رهيو آهي.
جيئرو آهين
تہ تون ڏرتيءَ جي

ڳالهه ڇو ڏو ڪرين؟
اِن ۾ ته تون پورجڻو آهين!

*

ڪيترا نه
سبز باغ ڏيکاريئِ!
ڏرتيءَ تي
هيئَن ڪنداسين
ڏرتيءَ تي
هونءَ ڪنداسين؛
ڏيو ته ڪجهه به ڪونه
اڄ تنهنجي جنازو ويڃي رهيو آهي
سياڻي مون کي ويڃڻو آهي،
ڇا ان ڪري
فرق پوي ڏو
ته ڪنهنجا کانڌي
ڪيترا آهن!

*

با يزيد بسطاميءَ
ڏرتيءَ تي
لت هڻي چيو،
"اڙي آهي ڪو؟
سڏڻ ڇو نہ ٿو وراڻين؟"

*

ابراهيم ادهم سان ويندين؟
هو توکي
اُن پل تان
پار وٺي ويندو،
جنهن تي لئن ۽ مائو
مُنجهي پيا ها.

*

موت اُهو ريڍار آهي
جو سڀ
ڏڻ هڪلي ساڳي واڙِ ۾
واڙيندو آهي.

*

تو بگهڙ جي اوناڙ ٻڌي آهي؟
بگهڙ
چنڊ کي ڏسي
اوناڙيندو آهي؛
ڏرتيءَ کي سِنگهي
نہ اوناڙيندو آهي.

*

واڙ کي ٻُندو ڏي
مينهن آڇڻ وارو آهي!
* ڇا ٻکرال جا ڪِڇڪا نہ ٿو ڏسين؟
ڇا بادل ڏِسي
اُنهن کي للڪارين
تہ اُن ۾ ڪا مڙسي آهي؟
تون ڪهڙي اِندر ديوتا جو پُٽ آهين؟
واڙِ کي ٻُندو ڏي
مينهن اچڻ وارو آهي!

*

سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو.

---

* ٻکرال: اُتر اولهہ جي ڪنوڻ.

تو دل ڇو لاڻي آهي!
گهنگهور گهٽائون آيري رهيون آهن،
پاڻ ۾
ايڏو مينهن سمائي
جو درياهه گجگاٽ ڪندا،
رڳو واريءَ جي ڪَڻ ڪي
اُلڪو نه آهي،
اها هڪ هنڌان ٻي هنڌ
آسانيءَ سان
هلي ويندي،
ءِ ڪٿي
پنهنجي ٻِر ۾ پيهي ويندي!
باقي هي ارڙ نانگ
هي مِرون
سڀ وهي ويندا.
ڏارا انهن ڪي
ڏِڪي ويندي
ءِ ٻوڙي ماريندي!

*

هي اڄ بہ
لڊوِڳ فيور باخ تي
مٿو هڻي رهيو آهي،
ء اکويهين صدي
مٿان اچي بيٺي آهي.

*

اها بک تہ مايا ڪوفسڪيءَ اڳيئي
گهٽي هنئي آهي.
ٻيو ڪو نظم ٻڌاءِ
تہ مان
مٿي نِنڊ ڪري وٺان!

*

فرانس جو انقلاب-
گلوٽين پرسان
هڪ پورهيت ڪلي رهي آهي
ءِ هن جا آڳاريءَ هاٿا، ٻڳل ڏند
اڌ چٻاڑيل ڏاڙهونءَ ڪٽ
وانگر لڳي رهيا آهن.

ڪات هيڻان
سر ڏار ٽي رهيا آهن،
ماٺهن جي اڻ-چت ۾
صدين کان
سُتل مِروُن
جاڳي اٿيا آهن.
اوتَ- مگ
جِيوَ هچيا لاءِ
ڪيڏيون نہ ججڪيون
جاڳي اٿيون آهن!
هي ڪپيل ڪنڌ
هڪ رت جو ڪٽورو آهي،
نہ، نہ
صدين جي بک لاءِ
پت ڪٽورو آهي،
ماٺهپي ، وير ، سزا جي نالي ۾
ڏوهي بيڏوهي
هڪجهڙو آهي،
نياءَ جي تارازيءَ جي
ڳني تڻي پئي آهي

ءِ اڳتي لاءِ ڇڏي رهي آهي
خالي پَڙ
جن ۾ جاءِ جاءِ تي
ڪنڊ ڪپي وڏا ويندا
ءِ نالي ماتر توريا ويندا
ڪوڙا وَٽ وجهي،
جيستائين
اها ڳني
وچ تان ڳنڍجي،
ءِ اهڙا هٽ ايرن
جي تور تڪ ڪن،
ماڻهن جي گهرجن جِي،
اندر جي اڏمن جِي،
انهن لڙڪن جِي
جن جون اکيون
ڪلرائيون آهن،
ءِ ايا انهن ۾
نيت آهي، پت آهي، پيار آهي
ءِ انهن ۾ ان نبيءَ جي ڪميا جي ڪوٽ نہ آهي
جنهن کي صليب تي چاڙهيو وَيو هو،

انڪري
جو هو سچو هو، بي ڏوهو هو،
ميار نہ ڏيندو هو
ءِ بخشي ڇڏيندو هو،
ءِ جنهن جاءِ تي
هنجي اکين مان
رت ورنا ڳوڙها ڳڙيا ها
اُن جاءِ تي
لهندو سج رنو هو
ءِ چند ايري
ان کي چميو هو؛
اهو رت جو ايڏا ڪوسو هو، بي زبانو هو،بي ضرر هو،
ءِ جو ڏرتي
چُهي نہ سگهي هُئي.

*

مون پٽ نہ وسائي آهي،
ڇا ڪراچيءَ جي فلئٽ ۾
پٽ وسائي نہ ٿي سگهجي؟

هتي به ويراني ئي ويراني آهي،
ساري سنڌ جي واري سميٽجي،
منهنجي فلئٽ ۾ آئي آهي،
۽ مي کارا کڻڻ
جي منهنجي ساهه ۾ ڏسين ٿو،
انهن سان هيءَ فلئٽ،
هي منهنجو واريءَ منجهه وڃڻ
تو کي ڪيئن ٿو لڳي؟
رات جو جڏهن مون کي جاڳ ٿئي ٿي
ته کليل اليومينر جي دريءَ مان
ٽيئي ٽيڙو ڏيکارجي رهيا آهن
۽ ڪَتيون ڪر موڙي رهيون آهن،
مان سکر جو
ڪراچيءَ ۾
شرنارٿي آهيان.
يا خدا! تو مون کي ديس ۾
پرديسي بڻايو آهي
۽ مون کان
آسمان جي
پوري چادر

بہ ڪسي ورتي آهي،
جا سڪر ۾
پنهنجي ڪوٺي تي اوڙهيندو هوس،
۽ اِسپنوزا وانگر
مان اڄ
تنهنجي ڪائنات
هڪ ڪڙڪيءَ مان
ڏسي
رهيو آهيان،
پر تون
ساري ڪائنات ڇڏي
منهنجي ڪيڏو نہ ويجهو اچي ويو آهين،
۽ مون کان رڳو
غاليچي جي ڪنڊ گهري رهيو آهين،
يا خدا! تون جو ايترو وڏو آهين
جنهن ۾ ڪروڑين
ڪائناتون
اچي وڃن ٿيون،
ايترو ننڍو بہ ٿي سگهين ٿو؟
اها مون کي خبر نہ هئي.

مون غاليچو ريڙهي،
پنهنجيءَ دل ۾
وڃائي ڇڏيو آهي،
تون ڀلي آءُ!
جي تون به شرنارتي آهين
منهنجي دل ۾
تو لاءِ ڪافي جڳهه آهي.

*

هو اهو نه ٿا ڏسن
ته منهنجا وار
وري ڪارا ٿي رهيا آهن
۽ عمر پٺتي
موٽ ڪائي رهي آهي
۽ مون مان يسوع ايري
ماجدلين جي دروازي تي
بيٺو آهي،
۽ ڪازان زاڪس
مان ڪي حيرت مان
ڏسي رهيو آهي!

*

هيمنگ وي!
گهنڊ تہ وڄي ڇڪو
ءِ تون مشين گن سان
پوئين گهڙيءَ تائين
فاشسٽن کي
مارينڊورهين،
جيستائين گوليءَ
تنهنجو انت آندو،
تون ڪيئي سال پوءِ مئين
پر تنهنجو ڪردار
جو تنهنجي اندر مان نڪتو هو،
اسپين ۾ ماريو ويو.
هيمنگ وي
ڇا اهو تنهنجي ناول ۾
يا اسپين جي تاريخ ۾،
هڪ ڪردار هو؟
اهو هاڻي ڪيئن چئجي!
گهنڊ ايان بہ وڄي رهيو آهي
دنيا ۾
ايا فرانڪو زنده آهي!

ڇا تون مري ڇڪو آهين
هيمنگ وي؟
ڇا ٽِري ناڻ ٽِري جي گولي،
جا هڪ گيندي لاءِ ڪافي هُئي
يا هڪ جهنگلي سانَ جي
دوَنَ مان
نڪري ٽي سگهي،
اها رائيفل
تو پنهنجي وات ۾ وجهي
ان جو گهوڙو دٻايو هو؟
گهنڊ ايڏا وڄي رهيو آهي.
هيمنگ وي!
تنهنجو ٻيو جنم ڪٿي ٿيو آهي؟
فاشسٽ وري گهوڙا
ڊڪائيندا ٿا اچن.

*

سمر سيٽ ماڻ!
مون وٽ هٿ نه رهيا آهن،۽ مان پنهنجو برش
وات ۾ وجهي

پنهنجيءَ فلٽ جي
ديوارن تي
تصويرون ڪڍي رهيو آهيان!
تو منهنجو بهشت ڏٺو آهي
سمرسيٽ مام!
تون مون تي به
"چند ۽ ڇهه پايون"
ناول لکي سگهين ٿو،
مان تنهنجو ساڻيو مصور آهيان
ساڻيو ڪردار
پال گوگين
مان وري وري موٽان ٿو،
زندگي
مون کي
ساڻيو اذيتون ڏئي ٿي،
پر ايا تائين
برش
منهنجن ڏندن ۾
سُڪ آهي
۽ ڪريو نه آهي

*

ديِگو رويِرا
منهنجو ڪوئي ٽرانسڪي نہ آهي،
مون لاءِ تون ٽرانسڪيءَ کان وڏو ماڻهو هئين،
ءِ ميڪسڪو ڪي
امرتا
يا تنهنجي آرٽ ڏني آهي
يا ٽرانسڪيءَ جي موت!
مون تنهنجي اها تصوير ڏني آهي
جنهن ۾
جوالا مکيءَ جي ٻرسان
هڪ جواخانو آهي،
جنهن ۾ مرد ءِ عورتون
کيڏي ءِ کلي رهيا آهن،
ءِ جوالا
پنهنجي اندر ۾
لاوا ناهي رهيو آهي.
ڇا اها تصوير
هن بورجوازيءَ جي باري ۾ سمجهي هئي؟
مان تہ پانيان ٿو
تہ روسي ٽيڪنوڪرئٽ بہ ائين ها،

ءِ جوالا ڦاڻ کائي،
ڪنهن وقت
جوا خاني تي
ڪرٽو هو!

*

قوم پرستيءَ کي
بگهڙ جي اوناڙ
نہ بٹاءِ!
بگهڙ جي اوناڙ
ہِ تڏهن چگي لڳندي آهي
جڏهن
هو چنڊ کي تکيندو آهي
ءِ نہ ان وقت
جنهن وقت
هو پنهنجا ڦڻ
لکيندو آهي.

*

داراشڪوهہ!
* آءُ تہ ميان مير جي

* ميان مير: دارا شڪوهہ جو مرشد، جنهن جي درگاهہ لاهور ۾ آهي هو اصل سيوهڙ جو هو ءِ هن جو نالو شيخ جيئو هو.

درگاهہ تي هلون
ءِ هن کان دعا گهرون
تہ هو
هر پنجاپيءَ کي
تو جهڙو ٻڌائي،
ءِ نہ اورنگزيب جهڙو
ءِ اسان جو ڪنڌ
رومال ۾ ڏيکائي
پوڙهيءَ تاريخ ڏانهن
تحفو ڪري
نہ موڪلي.
اڄ تہ دعا گهرون!
تون غالب وانگر
ڇڙو شاعر نہ،
* پر ولي ٻہ آهين.
تنهنجي دعا
مستجاب ٿيندي.

*

* تجهي هم ولي سمجهتي جو نہ باده خوار هوتا. (غالب)

دلي مان
غالب جي مزار
* ڪنهن ڪرين ۾
ڪراچي ڇو نہ ٿو ڪٽي اچين!
جي مصر ۾
ابوسمبل جو مندر
هڪ هنڌان
ٻي هنڌ ڪٽي رکيو هيائون،
جيئن اهو نيل جي سيلاب ۾
نہ اچي وڃي
تہ ان ريت
تون بہ تاج محل هتي
ڪرين ۾
آڻي ٿو سگهين.
تون آڻي ٿو سگهين
اهي سارا مقبرا
مسجدون
ماضيءَ جا سارا مزار
ءِ ٻيو جو ڪجهہ

* ڪرين : انگريزي لفظ Crane

تو کي عزيز آهي،
جي ڪراچيءَ جي
ڏرتيءَ تي جاءِ نہ آهي
تہ سمنڊ ۾
تہ ڪافي جاءِ آهي.
هاڻي تہ
مغرب ۾
سمنڊ هيٺان
جايون ٽاهن ٿا.
ڪٽي آءٌ
ساري هندستان کي، ڪٽي آءٌ
تہ هڪ ٻيو پاڪستان
سمنڊ هيٺان اڏيون!
برصغير جي امنَ کي
هڪ هنڌ رهايون!
پلي پارت کي
نيوڪليئر آبدوز هجن،
ان ڳالهہ جي
تو کي
هونءَ ئي پرواه نہ آهي.

*

منهنجو بهترين دوست
اڄ منهنجو
بدترين دشمن آهي
ڇو تہ
هو سمجهي ٿو
تہ مان هُن جي آدرش تان
هٽي ويو آهيان.
سچ تہ اهو آهي
تہ هُن جو آدرش
هُن کان
هٽي ويو آهي،
هُن جو آدرش
چنڊ بہ تہ ڪو نہ هو
جو گهنگهور گهٽائن ۾ ڇُپي ويندو آهي!
هُن جو آدرش
تہ تَڻي وانگر هو
جو هن تي
پنهنجو ڪالڪ ملي
هن تي
ڪِلي رهيو آهي،

آدرش
جو هڪ خونيءَ جو
آدرش هوندو آهي،
جو خدا،
ديول،
ڪميون،
انقلاب
جي نالي ۾
ماڻهوءَ جِي
بکئي بگهڙَ وانگر
رت پيئندو آهي.
عجب تہ اهو آهي
تہ ان آدرش ۾
ايترو جادو هو
جو ماڻهوءَ
پنهنجو پاڻ
سيرچوڑائي
پنهنجو رَتُ
ڪَڍِي بگهڙ ڪي آڇيو ٿي،
ءِ ان ڪانسوا

هن کي آرام نہ ٿي آيو!
هاڻي رت - پياڪ بگھڙ
پنھنجون واڇون
گاھ سان اگھي رھيو آھي
۽ رت ھن جي چپن مان
وڏيڪ نہ ٿو ڳڙي!
پر منھنجي آدرش وادي دوست کي
ڇا ڪجي!
ھن کي سيرَ ڇوڙائڻ جي
عادت پئجي چڪي آھي،
۽ ھو ان لاءِ
ڳولي رھيو آھي
بکيا ننڍا بگھڙ
جن جي واڇن مان
اڃا
رت ڳڙي رھيو آھي.

*

ھو
پنھنجي
آدرش جي ھار ڏسي،

مون تي
ڪاوڙجي رهيو آهي
چو ته
مان
هن کي اڳيئي چوندو هوس
ته تنهنجو آدرش
گٽر ۾
چنڊ جو سپنو آه.

*

زندگيءَ جو
پويون پهر آهي،
رات جو به پويون پهر آهي،
دريءَ مان
چانڊوڪي ڇٽي رهي آهي
ءِ مان
ويٺو لکان.
ڇا ڇا ياد اچي رهيو آهي؟
توسان
گهاريل گهڙيون

جن کي مون
شاعريءَ ۾ امر ڪري ڇڏيو آهي،
شاعري جا
گرجندڙ
گونجندڙ درياهه وانگر
اڃا تائين
ڇولين ۾ ڇنڊ جو پاڇو
لوڙهيندي
تکي وڃي رهي آهي.
نہ ڄاڻان
سمنڊ اڃان ڪيترو دور آهي!
سوچان ٿو
هي ٻيڙي
سير ۾ ٽڻي ته نہ پوندي!
ڇا ڇا ڏيان جي
لهرن ۾ ايري رهيو آهي!
منهنجي شاعري
جا آئينو آهي،
جئن انسان جي دل
خدا جو

آئينو هوندي آهي،
جنهن کي ڏينهن جو
سڄ جو هيڏو سارو پٽر
بہ ٽوڙي نہ سگهندو آهي،
ءِ جنهنجا خواب
انهيءَ مستقبل جا
عڪس هوندا آهي
جو اڃڻو آهي،
جنهن کي تون روڪي نہ ٿو سگهين
ءِ جو ايندا تائين
منهنجين اکين جي
تهہ خانن ۾
لڪو ويٺو آهي،
روپوش آهي
ءِ تنهنجي نظر ۾
ڏوهي آهي.

*

هو منهنجو ڪفن ورهائي رهيا آهن
ءِ ڪبير

پنهنجي ٻي موت تي
(يا ٻئي جنم تي)
مرڪي رهيو آهي،
ءِ پنهنجي آڏاڻي تي
وري
هڪ ڪفن اڻي رهيو آهي.
مون کان پوءِ
اڇڙ وارا شاعر!
اهو تولاءِ آهي
ان کي ورهائڻ نہ ڏجانءِ!

*

ڇا
سچ پچ
تنهنجي
مون سان ايتري اُڪير ٿي وئي آهي؟
تنهنجين اکين ۾
ڪيترو نہ ٻڌتي رس آهي!
ڇا تون/ميران ٻائي جو/ نئون جنم آهين؟

*

آءُ تہ روهڙيءَ ۾
بيڪس جي
مزار تي هلون
ءِ ڪنڌي جي
قبر بہ ڏسون
تہ اها ايڏا سلامت آهي
يا
ڏهي ڏير ٿي چڪي آهي!

*

تون
ساري عمر
ڪسيءَ جو ڪيڙو ٿي رَهين،
ڪسيءَ جو ڪيڙو هئين،
ڪسيءَ جو ڪيڙو ٿي مُئين،
باک جو
ينگي
تو کي ٻهاري ويا
ڪسيءَ جي ڪني پاڻيءَ سان گڏ.
تو کي ڪهڙي خبر
تہ ڪسيءَ کان ڪجهہ پنڌ تي
رنگا رنگ گلن جون

هاريون هيون
ءِ پوپٽ
انهن تي اڏري رهيا ها!

*

ڊِجَ اَنهيءَ ازلي دهشت گرد کان
جو پهاڙ
اکيڙي ڦٽي ڪندو آهي،
سمنڊ ۾ اٿل آٽي
ڌرتيءَ تي
هر شيءِ
ٻوڙي ڇڏيندو آهي!

*

تنهنجي منهن مان
جوالا مکي جي منهن وانگر
ڇيون نڪري رهيو آهن،
ڇا هيءَ به شاعري آهي
جنهن کي
ٻُڌي
روح ڦٽجي پيو آهي!

شاعري تہ ٽڏي ٽڏي
چانڊوڪي ٽيندي آهي،
شاعري تہ چانو هوندي آهي
جنهن ۾ ويهي
مسافر
ٽڪ پٽيندا آهن،
۽ سوچيندا آهن
تہ منزل
ڪيترو دور آهي!
شاعري اوناڙ نہ آهي
شاعري ڇنگهاڙ نہ آهي
شاعري ڪجگوڙ نہ آهي،
شاعري تہ
رم جهم آهي،
جنهن جون بوندڙيون
تنهن جي منهن تان
بانبڙا پائيندیون ويندیون آهن،
۽ ڪڻ ڪڻ ريت سان
راندیون رچائيندیون آهن.
ها، ڪاڪ ڪتو

تہ سراپا شاعري آهي
۽ هر ۽ هٿوڙي واري
روح ۾
ڪيڏا نہ واسينگ ويٺا آهن،
ڦڙ ڦهلايون،
ڪيترا نہ بگهڙ
ڏند ڪرڻي رهيا آهن
۽ هاتار
آتا آهن
چيرڻ ڦاڙڻ لاءِ.
شاعري
انهن لاءِ بہ
آرهڙ جي سج ۾
چانو آهي
پر جي هو
ان کي سمجهي سگهن.
شاعري تہ
ملهار وانگر آهي
۽ جي ديپڪ راڳ بہ آهي
تہ اها ڏيئا ٻارڻ لاءِ آهي،

ءِ نہ آڳ لڳائڻ لاءِ.
تون چاهين ٿو
تہ تنهنجي شاعري
جهنگ جي باهہ وانگر وڃڙي
سڀ ڪي
لهسي لوساڻي ڇڏي!
هي ڪهڙو
غصو آهي
جو تنهنجيءَ رڳ رڳ ۾
آگ وانگر وڃڙي ويو آه
ءِ ڪڪر ڪارونڀار
بہ ان کي وسائي نہ ٿا سگهن،
ءِ تون بارش ۾ بہ جلي رهيو آهين!
هاڻي آخري بار ٻڌي ڇڏ:
غصي سان
دنيا نہ بدلجندي
نفرت سان دنيا نہ بدلندي
نہ وري آڳ ان کي بدلائيندي،
رڳو تو کي
ساڙي

رک ڪري ڇڏيندي!
مينهن جون بوندون ٽيءُ!
هن ديس کي دعا ڪر
تہ ان ۾ آلا اجهايا وڃن
۽ پنهنجي ڪئي تي
آکيون ايترو ڏمن
جو هر ڪروڌ
ڏوپجي وڃي.
۽ انسان جو من
سارين جي ڪيت وانگر
لهلائڻ لڳي!

*

واڳن جو
دندان ساز ٽيو آهين
ڏسجانءِ تہ
ڪٽي ڇڇجي نہ وڃين!

*

جهنگ - ٻلو
جهنگ ڪڙ کي تاڙي رهيو آهي.

ءِ چنڊ
هن ڏانهن
اچاترو ڏيان ڏئي
وڃي رهيو آهي
پنهنجي رستي تي.

*

ڇا
تون خدا آهين؟
انسان جا
سارا مسئلا حل ڪري سگهندين؟
تو کان اڳ
ڪيئي پيغمبر آيا
ءِ ٽڪجي پيا،
پهرين تون پنهنجي اندر جي ڪوڑھ جو
علاج ته ڪر!
پوءِ يسوع ٿي،
ءِ انهيءَ غار ڏي وڃ
جتي
ڪوڑھيا رهندا آهن.

*

تو پاڻ مان ئي حيوانيت کي
نہ ڪڍيو آهي؛
هليو آهين
انسانيت جو علمبردار ٿيڻ!

*

پَنڌ ڇڪا!
موت! تون مون کان مات کائي وئين
حال تہ داڻ هارائي،
منهن ڀيلو ڪري
ويٺو آهين!
اڳتي ڏٺو ويندو!

*

ڇا هيڻ
ڇي ڳئويرا جو دوُر آهي؟
جو تون عقاب ماري
ان کي
سيخ تي پچائي کائي سگهندين؟
تنهنجي وپرين جون
عقابن جهڙيون اکيون

تو ۾
سيخن وانگر ڪتل آهن،
تو شڪر ڪجانءِ
جي
تون تاريخ جي پيڙَ ۾
جرڪي
ڪوئلو نہ ٿئين!

*

توکي جوش گھٽو آهي
هوش
گھٽ آهي،
منصور کي انڪري
پنهنجي رت سان وضو ڪرڻو پيو هو،
ءِ مهدي جونپوري
ڳاڏيءَ تي
وينو هو،
جڏهن
گھاٽو
بلاول کي پيڙي رهيو هو؛

ءِ سرمد
ٽيون حصو ڪلمي جو پڙهي
پنهنجيءَ انا کي
تسڪين ڏني هئي.
ءِ اڏيءَ تي ڪنڌ رکي،
في البديهه
شعر پڙهيو هيائين،
جنهن ڪن فيڪون
وانگر
هن ڪائنات ڪي
لرزش ۾
آڻي وڏو هو.
ڇا توکي
اها مستي پياري آهي.
يا پنهنجي
هستي پياري آهي؟
فيصلي جي گهڙي
هر هر نه ايندي آهي
چوءُ تو ڪي
لمحي لاءِ

حياتي گهرجي
يا موت
ءِ ابدي زندگي
گهرجي؟

*

ڪتو ته هڏي تي هوڏ ڪندو،
هن تي
ڪهڙي ميار آهي!
پر تون ته
ماڻهو آهين،
پاسي ٽي وڃ!
هو جيڏو ڇاهي
هڏي کي
ڇيڇاڙي ؛
تنهنجو ڇا؟

*

اڙي! هي ته گڏهه نڪتو!
تو ته

گج اجايو ويايو آهي!

*

تون مڙس لاڙيو نہ آهين
ءِ گوهي
هن جي پراڻي عادت آهي.

*

هن کي
ايترا
پادر هڻ
جو
هنجو مٽو کسي وڃي
پر ڏسجانءِ
هو ايڏو هوڏي آهي
جو تنهنجو
پادر نہ کسي وڃي!

*

کتي جي وات مان
کجهہ بہ کسيندين

تہ هو تو کي
ڇهڙ ڏيندو،
پو ڇو نہ
اها زهر جي گولي
هجي!

*

اي خدا!
هن تي رحم ڪر!
هي انسان
جي ڪَٽن وانگر
هڪڙي جو
ڇَڪين ماس
ڇني رهيا آهن،
انهن تي
رحم ڪر!
مون تو کي
اڳ
ڪڏهن به تنگ نہ ڪيو آهي
۽ ڪڏهن به
دعا نہ گهري آهي،

اڄ توکان
پهرين
ءِ پوئين دعا گهري رهيو آهيان.

*

هي ڪائنات
هڪ آئيني
وانگر آهي،
ان ۾
تون پنهنجو منهن
جيترا ڀيرا
ٻـ ڏسندين
ٽڪجي
نہ ٽڪبين!

*

اُيري آءُ
نديءَ مان!
ڪنڌي وري توکي پڪاري رهي آهي!
آءُ

سَر سڪي ويا آهن،
ءِ هنج
اڏامي ويا آهن،
ءِ سج
آسمان ۾
لهولهان ٿي ويو آهي،
ءِ ندي
نئينءَ ويائل ماءُ وانگر
رت ۾
ٽٻ ٿي وئي آهي.

*

تون ٻُڌي اکيون ٻوٽ،
تہ مان چنڊ کي چوان
تہ هو سمنڊ ۾
وهنجي!

*

تو جيترو حياءُ
تہ ککرن کان
چنڊ بہ نہ ڪندو آهي،

جڏهن نيائ ۾
وهنجندو آهي!

*

آتي
اتاهينءَ يٽ تي چڙهي
سڏ ڪر!
ڏس تہ
سَيُ چؤنرا
نند ۾ الوٽ آهن
يا ڪوئي جاڳي
سانوڻ جي اپ ۾
چند ڪي ڏسي رهيو آهي؟

*

تو خدا کي
ڪڏهن ڏٺو آهي؟
آءُ
هن ڪاٺ ڪٽي کي ڏس!

*

خدا
جڏهن ماڻهوءَ جي
روپ ۾
ايندو آهي،
تڏهن ڪائنات
شاهه حسين جي ڪافيءَ وانگر
لڪندي آهي.

*

"ڪڏهن بُلا آهيان
ڪڏهن الله آهيان،"
"ميان توکي ڪنهن چيو آهي
ته تون بُلا آهين؟
اهو ته
تنهنجي پيءُ جو تو تي
رکيل نالو آهي؟"

*

آءُ، مڃ ته تون ڪنگال آهين!
تنهنجي

فلسفي جي
جهول ڦاڻي چڪي آهي،
جي تون
ان کي
ٽوپا ڏين به ته ڇا، نه ڏين به ته ڇا؟
ڏس لين ۽ مائوءَ
جا منءِ جا ڪيڏاوِڻا
پٽ تي پيا آهن،
۽ ڪنهنجي
مُنڊي ٽُنڊي پئي آهي
۽ ڪنهن کي ٽنگون ڪو نه آهن!
۽ هاڻي تو وٽ
ڪائي وٽ
نه رهي آهي،
جنهن کي
تون پنهنجو چوين!
ڏس! سولزي ٽسن
۽ فئنگ لزي
تو کي ڪيڏيءَ
حقارت سان ڏسي رهيا آهن!

ءِ جڏهن ڪان
جنرل شيروف
افغانستان مان موڪي آيو آهي،
تڏهن ڪان هن جي زبان
ديوانگيءَ جي حد تائين
وچڙي رهي آهي!
آءُ مڃ!
تہ توکي
تاريخ جا
نؤسرباز،
پنهنجا ءِ پرايا
ٻئي ڏکي ويا،
ڦري پينگ ڪري ويا.
آءُ مڃ!
تہ تون ڪنگال آهين!

*

ڪلاڪار جي ڪلاشنڪوف
تہ هن جي ڪلا آهي،
پر ڇا دنيا

مار ڏاڙ کان سوا
سڌري نہ ٿي سگهي؟
ڇا اهو ضروري آهي
تہ ڪپڙا
رت سان
رڱيا وڃن؟
ڇا انسان
موت کانسوا
زندگيِ حاصل نہ ٿو ڪري سگهي؟
ڇا شِوَ جو تانڊو ناچ
ضروري آهي؟
سر سوتي
وچتر وينا سان
ڪهڙي نہ سهٹي ٿي لڳي؟
ءِ پارت نتيَم
دل کي ڪيڏو نہ موهي ٿو؟
جنگ!
انسان ۾ جنگ جو مرض
ڪيترو نہ پراڻو ٿي چڪو آهي؟
ڇا اهو لاعلاج آهي؟

چا رام-جنم پومي/ بابري مسجد تي
رڳڙو ضروري آهي؟
چا گهڙيال
ٻارهون گهنٽو هٽي چڪو آهي؟
اي ڪاليداس کان ڪبير تائين آتمائون!
مان اوهان سان
صديون سات ڏئي
ٽڪجي پيو آهيان.
هاڻي،
مون کي نند اچي رهي آهي،
ءِ هو ڪشميري حريت پسند
دم ٽوڙي رهيو آهي.

*

"اڻ!
هيءَ نِندَ جي هير
تو ۾ ڪئن پئي آهي؟
تون نند لاءِ نہ آهين،
ڏس، چند
جُهڙُ جي جهاڳ مان وڃي رهيو آهي،

اهو ساري رات
جاڳي تو!
بَدَ، سمنڊ
پنهنجو اٽاهه گيت
ڳائي رهيو آهي
ءِ هن جا ساز هڪ پل لاءِ
خاموش
نه تا ٿين!
أٽ!
منّيءَ ڪانسوا
ٻيو بسترو
تنهنجي آرام لاءِ
ايا وڃايو
ويو نه آهي.
اڻي ڳاءِ!
جيئن دنيا ۾
هن وقت تائين
نه ڪنهن انسان
نه فرشتي ڳاتو آهي،
جا سنگيت
تو کي سپرد ڪئي وئي آهي

انو کي آهي
اصلائتي آهي
اهڙي سريلي آهي
جڙ ڪائي خوبصورت عورت
آئيني اڳيان
پنهنجا ڏکها وار
چنڊ کو ڏئي
لسائي رهي آهي،
ءِ آئيني کي
پهريون پيرو
پنهنجي پاڻ تي
پيار اچي ويو آهي.

*

خيام
موت جي بستري تي
وصيت ڪئي تہ
"منهنجي سر مان صراحي ٺاهجو
ءِ ان جي پٺ جي پڙلاوَ کي
ڏيان سان ڏجو،
منهنجون

ايا ڪيتريون ئي
رباعيون
رهجي ويون آهن."

*

متان
هي گل- لالا ڪيِن!
اهو غالب
جي ڪنڌ وانگر
مستيءَ ۾
جهومي رهيو آهي
ءِ هِير
ان جي هر غزل تي
نچي رهي آهي.
هي نٽي جو
موتيو
جو امير خسروءَ جي
ياد ڏياري رهيو آهي،
انهيءَ ٽاريءَ تي ئي ٻلو ٿو لڳي
جنهن تي
اهو ٽڙيو آهي

ءِ چنڊ ان کي نئين ڇاول
ٻار جي ٻُل وانگر
ٽڦڪي ڏئي رهيو آهي.
گل نہ پٽيندو ڪر!
انهن جهڙو
خوبصورت ساهہ
ڪنهن کي بہ
هن ساريءَ رچنا ۾ نہ آهي،
رچنا
جا اننت ۾ ڪئي وئي آهي،
جا ماڻهوءَ جو من
منڊي ٽي، ءِ جنهن جي سونهن
پتَ ڪيئين کان وٺي
ستاري تائين
ڏڙڪي رهي آهي،
سدائين.

*

تون
جا
مون کي

وڃ وانگر
وکوڙي وئي آهين،
اي ڪاش!
مون سان
مينهن جي مند ۾
ملين ها!

*

تون چوين ٿو
تہ آنءُ
هيءَ ساري ڪائنات ڇڏي،
سياسي نعرا هٿان
ان سياستدان لاءِ
جنهن جو ڪنڌ
ڪڏهن بہ
ڪپجي ٿو سگهي!

*

وڃ!
مون هي سياست

تو کي ڏني!
هيءَ ڪرسي
تولاءِ ڇڏي!
هي زر و زربخت
ءِ هي سمور
توکي سرديءَ ۾ ڏنا،
ءِ تنور ۾
پنهنجو تنبورو
هلائي رهيو آهيان!
تون منهنجيءَ تنهائيءَ ۾
مخل ڇو ٿو ٿين
ءِ تو کي
ان تي ساڻ ڇو ٿو ٿئي،
تہ ڪيتري سرديءَ ۾
هي ڪوسو ويٺو آهي،
ءِ گيت جي گرمي
پنهنجي لاءِ
ڪافي سمجهي ٿو!

*

تنهنجا
چَپَ
وديا پتيءَ
جو سپنو،
منهنجي
ساڻيا!
مون هوا مان
گل چني
هن کي
تجفي طور ڏنا
ءِ هن کي چيو
تہ هي ازل ۾
ان لاءِ ٺڙيا ها
تہ تنهنجي چوٽي لاءِ
گجرو ٿي سگهن.

*

ڏس، مان توکي سچ ٿو چوان،
موت کنهن لاءِ
ترسندو نہ آهي

هو گهوڙي تي ئي هوندو
۽ هن جا پير رڪاب ۾
ئي هوندا،
جڏهن هُو توکي ڪنيي ويندو!
تو هن رباب سان
ياري نباهي وٺ،
ٿي سگهي ٿو
تہ موت تو کي
ان سوڏو ڪنيي،
ٿي سگهي ٿو
تہ ان کي
تنهنجي آخري سنگ - ميل تي
ڦهڪائي هٽي،
۽ ٿوڙي وجهي.
موت جي
ٿوهہ ڪنهن لڏي آهي؟
جڏهن بہ ان سان
ٻيلهہ وڃين تڏهن سُک ٿي ويهجانءُ
ڪٽي،
هو تو کي

ڪيرائي نہ وجهي،
زندگيءَ
جي سائي گاهہ تي
ءِ تون سنئين لڳين آتي
پنهنجو رباب
ڳولينديو وتين!

*

"دارا!" سرمد چيو،
"مان تنهنجي سِر لاءِ
دعا تہ گهري ٿو سگهان،
باقي
پنهنجي ڪا بہ رباعي
تنهنجي سِر تي
گهورڻ نہ ٿو چاهيان"

*

هن پاڳل شاعر
هن نندي ڪنڌ جي
حقيقت سمجهي آهي؟

هي ڪنهن کي
ڪنهن جي خلاف
اياري رهيو آهي؟
ياد رک
تنهنجو غصو ئي
تنهنجو سڀ کان وڏو
دشمن آهي.
دڳ بند نه ڪر
متان پنهنجي گهرجي آڳ ۾
ايترو وچڑي وڃين
جو اتان
نڪري نه سگهين!

*

لکندڙ آگر
لکي رهي آهي
رت چکندڙيون سٽون،
رات جي نڊ ڪاري پٽ سان
ٽڪرائجي،
پورا پورا ٽي چڪي آهي،

رستي تي
اونهي سمنڊ جي سانت آهي
ءِ بسون، ٽرڪون، ٽريلر
ائين گهر ٽي ويا آهن،
جيئن وڏا مڇ
وڃي پاڻيءَ جو ترو ونندا آهن
ءِ مٽاڇرو
ماڻ ٽي ويندو آهي
ءِ ان ۾
نندين گول مڇين وانگر
ستارا ٽمڪندا آهن.
اي رتو ڇاڻ جا شهر!
تنهنجا پيڙا- گهر
ايڏا اٽيا نہ آهن
ءِ اشڪنجا
ماڻهوءَ جا انگ
چيچلائي بيزار ٽي پيا آهن،
ءِ جٽ ڦڪڙيءَ ڪرڻ وارن کي
پيانڪ سپنا
ارڙ نانگن وانگر وکوڙي ويا آهن،

ءِ جي عقوبتون
سهي سهي
ڪنڌ لاڙي پيا آهن،
يسوع وانگر
پنهنجيءَ پنهنجيءَ صليب تي
ڪرڪي ڪِنجهي رهيا آهن
ءِ چئي رهيا آهن:
"يا خدا! تو مون کي ڇو وساريو آهي"
ءِ پوءِ بي سُرت ٿي
اڻ ڇِت ٿي
ڏنڌ جي درياهه ۾
ٻڏي وڃن ٿا،
ءِ انهن جا چوڪيدار
ڇاپي کان بي ٻوا،
پرائيءَ پيڙا ۾ مڳ،
ڪيپ جي
ڪتمٿريءَ نند ۾
الوٽ آهن،
ٻاهر ڳهٽيون ءِ-گهر
بابل ءِ نينوا

جي اوسيئڙي ۾ آهن،
۽ ائين ٻرٻر ڪري رهيا آهن
ڇڙ جهنر جهلڪي رهيو آهي،
۽ منهنجون آڳريون
جي لهسجي ڇڪيون آهن،
ماس جا ڇپل ڇَهي
رت سان
ايا تائين
ڇِڪي رهيون آهن.
۽ ساندهه لڪي رهيون آهن.
۽ منهنجي اکين اڳيان
آئش مئن جو لاش
رسيءَ ۾ لڙڪي رهيو آهي.

*

هي دهشت گرد آهي
(جنهن جي گرد ۾ به دهشت آهي)
ٻي مهاياري لڙائيءَ ۾
ڇايو آهي
۽ هن کي معلوم نه آهي

تہ گوئبلز، گوئرنگ ۽ هملر،
خود هٽلر
۽ ان جا ٻيا حواري،
تن جو انت ڪهڙو ٿيو هو!
وقت
جو ازلي دهشت گرد آهي
هن جي ڇائيءَ ۽ چترائيءَ کي
اڃينيسان
ڏسي رهيو آهي
۽ سوچي رهيو آهي
تہ ترقي پسندي هڪ ڪوڙو نعرو آهي.
جيڪڏهن ويهين صديءَ جي آخر ۾ هيتري تخريب ڪاري
ٿي سگهندي آهي!
اها ٻي ڳالهہ آهي
تہ ان کان بي خبر
ڊاڪٽر سليم الزمان صديقي
پنهنجو تجربو
ساڳي ريت ڪري رهيو آهي
۽ اردوءَ
جا للو پنجو شاعر
ائين مشاعرا

ڪري رهيا آهن،
ڇڙ ته هنن کي خبر نه آهي
ته هنن جو بي سُرو ترنم
پرواري عقوبت گهر ۾
دهشت گرد
ٽي - ويءَ تي ٻڌي رهيا آهن،
ءِ پنهنجن ئي هم وطنن جي
متن ۾
ڪوڪا قافين وانگر ڪوڙي
ٽهڪ ڏئي رهيا آهن.

*

اي شاعر!
تاريخ سان
گهٽو نه وچڑ!
ائين نه ٿئي
ته تاريخ
اوچتو
بدلجي وڃي
ءِ تنهنجي شاعري

مايا ڪوفسڪيءَ وانگر
بي معنيٰ
رهجي ويو.

*

دل چوي ٿي
ته سجاد ظهير تي
هڪ وڏو نوحو لکان،
جنهن کي
تاريخ
مست هاٿيءَ وانگر
پيرن هيٺان
چيٽاڙي ڇڏيو آهي.

*

ميران ٻائيءَ
جي هڪ گيت
جي ست آهي:
"راڻو آڇي وشِ دا پيالا"
ان ۾ سنڌي، سرائڪيءَ هندي

لفظ آهن،
۽ اها ست راجستاني ۽
ير آهي.
جي تو کي خدا،
ڪوئي عقل ڏنو آهي،
تہ تون ئي ٻڌاءِ
تہ ان مان،
آنءُ ڇا سمجهان؟

*

جي فرانس جهڙيءَ مهذب قوم،
پنهنجي سپ کان عظيم شاعر
بودليئر
جي ڪتاب تي
انڪل اسي سال بندش رکي
۽ تازو هٽائي،
تہ ٻي ڪنهن قوم تي
ڪهڙي ميار آهي!
پنهنجا سرتا
جي شاعر کي

پوريءَ طرح سمجهي سگهن،
تہ هن جي شاعريءَ جي ابديت کي
تون شڪ سان
ڏسي سگهين ٿو،
ڇو تہ عظيم شاعر
پنهنجي وقت کان
گهڻ ۾ گهڻ
پنجاهہ سال
اڳ ۾ پيدا ٿيندا آهن.

*

جيون جي چوپڙ ۾
موت کي مات نہ ڏي،
موت ان تي ڪاوڙبو آهي.
تون ڏوڻگ ڪر
تہ انت جيت موٽ جي آهي،
تہ هُو بي الڪو ٿِي
راند تي ايڏو ڏيان نہ ڏيندو
ءِ توکي
وقت ملي ويندو

ءِ تون ڳائي سگھندين!
موت کي مات ڪنھن نہ ڏني آھي
اي راڳي
فقط تون ئي ڏئي سگھين ٿو!
فقط تون ئي ڏئي سگھين ٿو!!

*

پٽائيءَ سان پٽ تي گھٽا فقير ساڻ ھٽا؟ ايترا تہ مون سان بہ آھن.

*

"وڳندا ڪو چَرچو ٻڌاءِ" پٽائيءَ چيو.
"سائين، موت کان وڌيڪ ٻيو ڪھڙو چرچو ٿي سگھي ٿو؟" وڳندڙ جواب ڏنو، "ءِ اھو تون اڳيئي ڄاڻين ٿو....."

*

"وڳندا سڄَ انھيءَ لاءِ لھي ٿو تہ چنڊ ايري اچي ءِ چنڊ ان لاءِ لھي ٿو تہ سج ايري اچي." پٽائيءَ چيو. "پر سج کي جھڙالا ڏينھن ءِ چنڊ کي ڪاريون راتيون بہ ڏسڻيون پونديون آھن."

*

"تمر! تو کي کهڙي خبر آهي ته مون توتي تمر نالو ڇو رکيو آهي؟" ٻڌائيءِ چيو: "تمر انهيءَ گاهه کي چوندا آهن جو سمنڊ جي ڪناري تي ايرندو آهي. تنهنجي ويجهو به هڪ سمنڊ آهي."

*

"تمر! تو اهڙو ڪوئي سچ ڏٺو آهي، جو نه لٿو آهي" ٻڌائيءِ چيو: "جي نه ڏٺو اٿئي ته مون کي ڏس!"

*

چون ٿا
ته ڪويل جڏهن ڪوڪندي آهي
تڏهن سانوڻ روئندو آهي،
ءِ پنهنجا اجهل ڳوڙها
روڪي نه سگهندو آهي.
چون ٿا
ته ڪويل جي ڪوڪ ۾
سمايل آهن آهي بادل
جي ڏرتيءَ ڏانهن ڏسي
هنجون هاريندا آهن.

*

"ڪُتبو"

"هتي × اهو ستل آهي
جنهن وٽ
هزارين گيت ها
جي هو لکي نہ سگهيو.
اي آسمان!
هن کي ڏسي
تو کي ساڻ ٿيندو هو
تہ هي ڪير ٿيندو آهي
منهنجن بادلن کان
وڌيڪ گيت رکڻ وارو!
هي ڪير ٿيندو آهي
جنهن کي
منهنجن ستارن کان بہ
گهڻا ساز آهن،
جي اڄ تائين وڃندا ٿا رهن،
نہ ڄاڻان
ڪيستائين وڃندا رهندا!"

*

سر لوهيڙا ڇپيا

پل نامون

صفحو	ست	غلط	صحيح
9 (مهاڳ)	7	Marking.	Markings
10	فوٽ نوٽ 2	1769 کان 1851 تائين	1869 کان 1951 تائين
17	15	لکو هو.	لکيو هو.
19	27	1857 تائين ۽	1857 تائين مشاعري۽ ۾ ۽
21	فوٽ نوٽ جي 2 ست	ڏاڍت ڏيو	ڏاڍت ڪيو
26	17	اتي تماڪا	آتِي تماڪا
29	11	صعنتي	صنعتي
35	7	مے	مي
35	8	مے	مي
43	4	ہ ڪيئي	ڪيئي
46	17	وڇوليون	ڇوليون
47	1	منهنجو نڪري	منهنجو ہ نڪري
47	15	ناگهاٽ	ناگها ناٽ
52	18	نڏو ڇاهيان	نڏو ڇاهيان؛
104	4	آهي ؟	آهين ؟
105	13	جيئن	جيئڻ
111	1	اُنهي	اُنهن
111	13	مان هِڪ پُسيءَ	مان پُسِيءَ
123	3	سالو دور	سالوا دور
125	4	سحرا	صحرا
126	7	جرڪ	جرڪِي
128	فوٽ نوٽ جي پهرين ست	بسنيت	نيست
129	6	يارند	يار آند
130	3	جاڻي	جاڻجي
130	فوٽ نوٽ جي پهرين ست	لے	هے
130	فوٽ نوٽ جي ٻي ست	ڪے	ڪہ
132	12	*	نوٽ: اها نشاني ڪَٿي وڃي
133	4	.	؟
141	2	سگهين	سگهين ٿو

162	2	پريوهي	پروهي
163	8	سگهيبن!	سگهين!
165	9	تي	ٿي
168	فوٽ نوٽ	اُن جي معني!	اُن جي ٻي معني!
169	9		نوٽ: 9 ست هيٺان * نشاني ڏني وڃي
178	13	جُڪ	ڇڪ
185	5	ايولار	اِيوار
189	آخري ست	توجيڪي	ڪير آهي جو
196	7	ساور	سارو
197	1	مُندم رڳو هُو هيو	مُندم رڳو هُو هيو.
199	13	سولزي نٽس	سولزي نٽسن
202	16	ويہ	ويهي
212	3	ونسينٽو انگوگ	ونسينٽ وان گوگ
223	1	ڪي مون	مون ڪي
225	4	جن	جُون
233	8	لا	لاءِ
236	3	موجودگيءَ	موجودگي
236	17	پيد	پيدا
241	16	رهاب ہ	رهابُ ٿ
249	2	1922	1992
250	فوٽ نوٽ جي آخري ست	عندليب گلشن نا آفريده هون.	مين عندليبِ گلشنِ نا آفريده هون
253	7	اهي خُدا	اي خدا
260	8	اهو تصوّر ہ	اهو تصوّر ٿ ہ
263	12	ڪجي	ٽڪجي
271	2	دراصل	"در اصل-
271	5	عبدوهاب	عبدالوهاب
283	13	آهي	آهين
308	11	اڳتي ڪيڏانهن	اڳتي
308	17	هرڪاري جو پڪي	ڪاري جو هر پڪي
315	10	ڪهيل	ڪَشيل
317	14	جوڪا	جُوڪا
338	7	اوتَ مڪ	اوتَ مَڪَ-
340	16	مون پٽ نہ وسائي آهي	مون پٽَ نہ وسائي آهي؟
343	17	مان	مون
364	12	واڳن	واڳنُ
370	13	پادر نہ ڪُسي وڃي	پادر نہ ڪُسي وڃي

نيو فيلڊس جا جلد ايندڙ ڪتاب

ڪوٺ لڪپت جو قيدي (باگو II)

* سنڌ جي چوٽيءَ جي ڏاهي سياستدان ۽ مهان اديب رسول بخش پليجي جي لاهور جي بدنام جيل ۾ گهاريل ستن سالن جي قيد جا ڪڙا مڙا داستان * سنڌ ۽ عالم جي سياست جو چرڪائيندڙ آپريشن. * ملڪ جي برک سياستدانن، اديبن ۽ عالمن جي باري ۾ توريل تڪيل رايا. * قيد تنهائي جي انهن نازڪ ۽ تڪليف دهه گهڙين جا احوال جڏهن زندگي ۽ موت جي وچ ۾ چند انچن جو مفاصلو رهجيو وڃي. * سنڌي ادب جي سڀ کان اثرائتي ۽ سڀ کان نرالي جيل جي ڊائري. صفحا 266- ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل- خوبصورت ٽائيٽل.

اوڙاهه مصنف: غلام نبي مغل

سراج جي ناولن کان پوءِ تاريخ جي پس منظر ۾ لکيل هڪ اهڙو ناول جنهن ۾ سنڌين کي پنهنجي بقا لاءِ روزانو سوين جوڌا قربان ڪرڻا پوندا ها. پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏڻا پيا. دربدر جون ٺوڪرون کائيون پيون. پنهنجون عزتون اکين اڳيان لٽجندي ڏسي بيوسيءَ جي عالم ۾ سواءِ رت جا ڳوڙا ڳاڙڻ جي ڪجهه به نه ڪري پي سگهيا. موت سنڌين سان پاڇي وانگر هر وقت گڏ هوندو هون. ڪاب جاءِ سنڌين لاءِ محفوظ نه رهي هئي. اهڙين حالتن ۾ جڏهن سنڌين متحد ٿي يڪراءِ فيصلو ڪيو ته ..... ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل صفحا 300. خوبصورت ٽائيٽل

بندر ديسان ديس ۽ ڇا جو ديس ڇا جو وديس (سفرنامو) الطاف شيخ
منهنجو وطن، منهنجا ماڻهو لوڪرام ڏوڏيجا
رد ڪيل ڪهاڻيون امر جليل
اوجا ڪاٺ پهاڙن جا نجم عباسي
گرپ وتي نورالهدي شاهه
اندر جنين اڄ (سفرنامو) ماهتاب محبوب
شخ اياز جو چونڊ ڪلام مرتب: نور محمد
قومي غدارَ ۽ حساب ڪتاب لياقت عزيز
جمال ابڙو (شيخ اياز جا جمال ابڙي سا ڪيل سيرسفر) شيخ اياز
درياهه جڏهن ڏڙ لائن ٽا شيخ اياز
موڪيءَ مَٽ آپٽيا (نوٽ- بک جا ٽڪرا) شيخ اياز

نيوفيلڊس جا ڪراچي ۾ ڪتاب هيٺين هنڌن تان ملي سگهن ٿا

* پاڪ آمريڪن بوڪ ڊپو زيب النساءِ اسٽريٽ * ٽامس اينڊ ٽامس ريگل چوڪ * ڪيپيٽل اسوز ايجنسي زيب النساءِ اسٽريٽ * الماس بوڪ هائوس صدر * ايوري مين بوڪ هائوس عبدالله هارون روڊ صدر * مڪتبهءِ برهان اردو بازار * ڪائياراڙ بوڪ اسٽور اردو بازار * نادر بوڪ هائوس متين سينٽر طارق روڊ * بوڪ اوشيئن بلاول هائوس ڪلفٽن * راحت بوڪ اسٽال اسٽيل ٽائون شپ * عباسي ڪتب خانه جونا مارڪيٽ * مڪتبهءِ اسحاقيه جونا مارڪيٽ * اقبال ايجنسي لي مارڪيٽ، * آفيس يا هوم ڊليوري سروس لاءِ نيشنل نيوز ايجنسي فون ٥٦٨٨٨٢٨- ٥٦٨١٥٢٠

نيوفيلڊس طرفان شيخ اياز جا نوان ايندڙ ڪتاب

سورج مُکي سانجهه

(بيت، رايون، غزل ۽ نظمن تي مشتمل 400 صفحن جو ڪتاب ۽ 50 صفحا مهاڳ)

خودڪُشيءَ جو تجزياتي مطالعو

(تاريخي، سماجياتي ۽ نفسياتي تجزيو)

چوليون هوليون سمنڊ جون

(چار سو صفحا نهايت جديد آزاد نظم، جي پڌرنهن ڏينهن ۾ لکيا ويا ۽
جن ۾ ترنم ۽ رواني نظم کان به وڌيڪ آهي)

ڪتين ڪر موڙيا جڏهن (پاڻ III)

(غزل، گيت ۽ دوها ۽ دنيا جي اُنهن عظيم شخصيتن تي نوٽ جن جو ذڪر
پهرين ۽ ٻئي حصي ۾ آيل آهي)

اندیا جو سفرنامو

روس جو سفرنامو

خطَ، انٽرويو ۽ تقريرون (پاڻ III)

سنڌ جو جديد ادب

(جديد شاعرن تي سنڌي ادب جو تفصيل سان مقدمو)

ان کان سواءِ

شيخ اياز ۽ هن جي شاعريءَ تي لکيل مضمونن جو مجموعو